
چنڊ رهين ٿو دور
قمر شهباز

# چنڊ رهين ٿو دور

(شاعري)

## قمر شهباز

سنگم پبليڪيشن
1988ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

پهرينءَ ئي ملاقات ۾ چيومانس:
مون کي منهنجي سمورين ڪوتاهين سميت
قبول ڪري سگهندينءَ؟

ڪنڌ جهڪائي، مُرڪي چيائين: ها!

## اڄ

ورَهين پڄاڻا
جڏهين رڻ جو ساڙيندڙ سفر طيءَ ڪري
پنتي مُڙي
سالن جي سات ڏانهن ڏسان ٿو
تہ ڪيس پايان ٿو
ساڳئي ئي سباجهي، سُلڇڻي ۽ اڏول عورت.

هيءُ ڪتاب اُن عورت کي ارپيم
جا منهنجي پنهنجي آهي
۽ منهنجي ئي اوسيئڙي ۾
جيئندي رهي آهي!

**_ قمر شهباز**

٢٥- آگسٽ 1988ع
ڪراچي، سنڌ.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چنڊ رهين ٿو دور“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب برک ڊراما نگار، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس **قمر شهباز** جي چونڊ شاعريءَ جو مجموعو آهي. شمشير الحيدري لکي ٿو:

”قمر شهباز جيڪو لکيو آهي، سو ذات جي ڏيئن جي اُنهيءَ ”جوت مان جلندڙ جوت“ جو تسلسل آهي، جنهن جي پهچ امرتا ڪي اورانگهي ٿي. سنڌس شعر توڙي نثر، پنهنجي مورچي مان اُڇلايل آهي زهريلا ٻاڻ آهن، جن جو چُڀڪو هڪ طرف ويرين کي ويساهي نٿو ڏئي ته ٻئي طرف اُنهن جو تجلو پري پري تائين پکڙيل ساٿين جي ذهنن ۾ عزم ۽ اعتماد جو سوجهرو پريو چڙي.

”چنڊ رهين ٿو دور“، قمر جي شروع کان اڄ تائين ڪيل معياري شاعريءَ جو مجموعو آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل قومي سجاڳيءَ واريءَ تحريڪ جي پس منظر سان گڏ، سندس ذهني اوسر جو پيش منظر به ڏيکاري ٿو.“

هي ڪتاب **سنگم پبليڪيشن ڪراچي** پاران 1988ع ۾ ڇپايو ويو. ڪتاب جي ڪمپوزنگ سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪنيل آهي جنهن کي نئين سر ڊزائين ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ناشر پاران

برک ڊراما نگار، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس سائين قمر شهباز جي چونڊ شاعريءَ جو مجموعو "چنڊ رهين ٿو دور" پيش ڪرڻ جو شرف سنگم پبليڪيشنس کي حاصل ٿي رهيو اهي. هن کان اڳ ادارو محترم قمر شهباز جي ڪهاڻين جو مجموعو "قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون" (١٩٨٣ع) ۽سندس ڪجهه چونڊ ريڊيو، ٽي وي ڊرامن جو ڪتاب "واچوڙن ۾ لاٽ" (١٩٨٧ع) پڻ پڙهندڙن کي ڏئي چڪو آهي.

۽ جلد ئي محترم قمر شهباز جي ڪجهه چونڊ مزاحيا/ طنزيہ خاڪن جو ڪتاب "اتون گهر" ۽ سندس بهترين ناول پڙهندڙن کي پيش ڪبو.

جيئن تہ سائين قمر شهباز پاڻ ادبي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ڪونهي، تيئن سندس شاعري بہ ڪنهن تعريف جي محتاج ڪونهي. تنهن هوندي بہ سائين امداد حسيني ۽ سائين شمشيرالحيدريءَ سندس فن ۽ شخصيت تي گهڻو ڪجهه لکيو آهي، جنهن لاءِ ادارو سندن نهايت ٿورائتو آهي.

اسان کان جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، قمر شهباز جي خوبصورت شاعريءَ کي دلڪش شڪل ۽ پوش ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تنهن هوندي بہ ڪلام جي صحت، بيهڪ يا ڇپائيءَ ۾ ڪا ڪمي ڪسر ڏسڻ ۾ اچي تہ ان لاءِ اسين معذرت خواهہ آهيون. پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ اسان جون خاميون پڌريون ڪن تہ جيئن ٻئي ڇاپي کي درست ڪري سگهجي.

هن ڪتاب کي سهڻي نموني اوهان تائين پهچائڻ ۾ محترم سائين شمشيرالحيدريءَ ۽ جناب نظام الدين انصاريءَ جن ذاتي دلچسپي وٺي هر ڪم ۾ ڏاڍي مدد ڪئي. ادارو سندن سهڪار لاءِ نهايت ٿورائتو آهي.

سنگم پبليڪيشنس، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري/ ڇاپي واري تحريڪ ۾ هيستائين ناميارن ليکڪن جا مختلف موضوعن تي ٽيهارو ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي، ۽ ان سلسلي جون ايندڙ سوڪڙيون سائين تاجل بيوس جي چونڊ

شاعري "سنڌ منهنجي امان" ۽سائنڻ تبسم عروج قاضيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون "ٽرين پوندا تارئين" هونديون.
اميد تہ هميشہ وانگر، آئنده بہ پڙهندڙ توڙي لکندڙ "سنگم" سان پنهنجو سهڪار جاري رکندا.

ٽورائٽو
**ڪرم. الاهي چنا**
پاران
سنگم پبليڪيشنس

ڪراچي سنڌ
اا- سيپٽمبر، 1988ع.

# پنهنجي پاران

هن مجموعي ۾ منهنجي شروعاتي دور کان وٺي اڄ تائين ڪيل شاعريءَ جا ڪجهه شعر شامل آهن. چُونڊ ڪرڻ نہ مراد هئي ۽ نہ وري ممڪن. ها، البت مختلف دورن ۾ ڪيفيتن جو اندازو پڙهندڙ مضمون توڙي عنوان مان بخوبي ڪري سگهندا. مون ڪچا ڦڪا شعر پڻ ڪن حالتن ۾ جيئن جو تيئن رهڻ ڏنا آهن، ڇو تہ انهن کي پنهنجي سر نمائنده حيثيت حاصل آهي.
پنهنجي ڪهاڻين، ڊرامن ۽ مضمونن جيان شعر پڻ سنڀالي سهيڙي حفاظت سان رکي نہ سگهيو آهيان، ان ڪري ڪيترائي ڇاتل سڄاتل اوهان کي هت نظر نہ ايندا. ان لاءِ افسوس اٿم. اميد اٿم تہ دلچسپي رکندڙ سڄڻ اهي ڪميون ايندڙ ايڊيشن ۾ پوريون ڪندا.

**_قمرشهباز**
٢٠- آگسٽ، 1988ع
ڪراچي، سنڌ.

# قمر شهباز - هڪ آدرش

سنڌي ادب جي اُنهيءَ جُڳ جي ڳالهه ٿو ڪريان، جڏهن ١٩٥٥ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جو ٽماهي رسالو "مهراڻ" وري نڪرڻ لڳو هو، ۽ ان جي پويان ١٩٥٦ع ۾ "سنڌي ادبي سنگت" جي مرڪزي تنظيم وجود ۾ آئي هئي. ورهاڱي کان پوءِ، اسان جي ادب ۾ انهن ٻن اهم واقعن کان وڌيڪ ٻيو ڪو به اهڙو اهڃاڻ ڪونهي، جنهن سان سنڌ جي نئين سفر جي منزل متعين ٿي هجي.

"مهراڻ" رسالي هند ۽ سنڌ جي مڙني اديبن کي نه رڳو لکڻ لاءِ اُڀاريو ۽ اُڀاريو،ڪين پنهنجين تخليقن جي پذيرائيءَ لاءِ شاندار ۽ شاهي ميدان مهيا ڪيو، اظهار جا طريقا ۽ معيار پيدا ڪري ڏنا ۽ فڪر ۽ خيال توڙي نظرئي ۽ اصول جا رخ ۽ لاڙا ڏيکاريا، بلڪ، سڀ کان وڌيڪ، سيني همخيال ليکڪن کي هڪٻئي سان واقف ۽ ويجهو ڪيو. اٽسڏيءَ طرح، اهو هڪ اهڙو تنظيمي ڪم هو، جنهن کي سنڌي ادب جي دنيا ۾ تاريخساز ڪارنامي جي حيثيت حاصل رهندي.

ساڳئي وقت، "سنڌي ادبي سنگت" هڪ پاسي پنهنجين هفتيوار ادبي ڪچهرين وسيلي ادب جي اُپت توڙي اديبن جي فڪري ۽ نظرياتي تربيت جو ڪم ڪيو، ته ٻئي پاسي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي تنظيم ۽ ان جي هر هنڌ پکڙيل ڪارڪنن وسيلي سنڌ جي ادبي ۽ تعليمي، لساني، ۽ ثقافتي مسئلن کي عام ڪري، قومي سجاڳيءَ جو اُهو ماحول پيدا ڪيو، جيڪو ڪنهن به سماج جي اوسر ۽ حفاظت لاءِ ضروري ٿيندو آهي. "سنگت" ڪيترين ئي اهڙين آفتن کي پري هٽايو، جيڪي بنيادي طرح سنڌ جي قومي سجاڳيءَ کي ختم ڪرڻ واريون هيون.

مون يارهن سال (١٩٥٤ع کان ١٩٦٦ع تائين) "سنڌي ادبي بورڊ" جي ملازمت ۾ رهي، بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" لاءِ ڪم ڪيو. ايترو ئي عرصو، يارهن سال (١٩٥٦ع کان ١٩٦٦ع تائين)، مون "سنڌي ادبي سنگت، سنڌ" جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان ڪم ڪيو. انهن ٻنهي حيثيتن سان، سمورن ننڍن ۽ وڏن اديبن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ ۽ سندن ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ کي پرکڻ جو

موقعو مون کي اهڙيءَ ريت مليو جو هو اديب ۽ ڪارڪن جي تصوير منهنجي ذهن ۾ سنڌي ادب جي قومي سجاڳيءَ واريءَ تحريڪ جي هڪڙي حصي طور ٺهندي رهي. انهن مان ڪا تصوير چٽي ته ڪا اڻچٽي، ڪا سادي ته ڪا رنگين، ڪا وٽندڙ ته ڪا اڻوندڙ، ڪا رواجي ته ڪا شاهڪار، ڪا پوري ته ڪا اڻپوري، جيئن جو تيئن، منهنجين يادگيرين جي گئلريءَ ۾ محفوظ آهي.

قمر شهباز جي تصوير منهنجي ذهن جي تختيءَ تي هڪڙيءَ ٻيءَ تصوير سان گڏوگڏ چٽجڻ شروع ٿي. اُها تصوير هئي امر جليل جي. ٻيئي تصويرون هڪٻئي سان لاڳو، هڪٻئي سان ائين جڙيل، ڄڻ ته ڪو هڪڙوئي نقش هيون. قمر ۽ امر اڄ ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد جي ويڇي تي وِيٺا آهن، پر منهنجي ذهن وارين سندن تصويرن جي وچ ۾ ڪابه وٿي ڪانه آئي آهي.

جديد سنڌي اديبن جي اصل ۽ وڏي "سنڌي ادبي سنگت" ته آهي ئي، پر ٻيون وري ٻن - ٽن، پنجن - ستن يا انن - ڏهن يارن جون ادبي سنگتون به رهيون آهن، جن جو ادب، ٻوليءَ ۽ ثقافت جي معاملن تي مخصوص اثر پئي رهيو آهي. اهڙا ٻِڪُندا، ٽِڪُندا، پنجڪندا يا اَنڪندا ڪي گهٽا ته نه ٿيندا، پر پنهنجين خاص حيثيتن جي ڪري انهن جون مصلحتون ۽ مداخلتون، گڏيل مفاد ۽ مرضيون، هلنديون پڄنديون ۽ ذاتي پسند - ناپسند واريون ڳجهيون توڙي پڌريون، منفي توڙي مثبت سرگرميون، ادب ۽ اديبن جي مسئلن تي علحدا اثر رکنديون آيون آهن. انهن مان ڪي مفيد ته ڪي نقصانڪار، ڪي "ڪلاسيڪل" ته ڪي "روايتي" سنگتون آهن. ڪي ادب جي آيت لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽين جيان آهن ته ڪي وري مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي تڪيي ڪلام موجب "زوراور" قسم جون سنگتون آهن، جيڪي زوريءَ پنهنجي مرضي مڙهين ٿيون ۽ ناڪاري اديبن تي ناراضگيءَ جون ڪارروايون ڪن ٿيون. ماضيءَ ۾ ڪي اهڙيون سنگتون به ٺهيون آهن، جن مان ڪي ته پهرئين مرحلي ۾ صرف سنگت تائين محدود رهندي ئي منتشر ٿي ويون، پر ڪي وري ٻئي مرحلي ۾ پهچي، گڏيل مفادن يا مقصدن هيٺ، پڪيون ۽ پختيون بنجي ويون. اِنهن مڙني قسمن جي سنگتن جي تفصيلي سرگرمين ۽ ڪارڪردگين، مثبت يا منفي اثراندازين جو چٽو هڪ ڏار ڪتاب

گهري ٿو، تنهنکري هتي ڪن ٿورن مثالي ٻڪنڊن، ٽڪنڊن، وغيره، جي خالي نشاندهي ڪجي ٿي: "نه نفعو – نه نقصان" جي بنياد تي، يعني سواءِ اهو ٻڌائڻ جي ته اهي ڪهڙي قسم جي سنگت ۾ شامل چئجن.

ٿماهي "مهراڻ" واري زماني ۾، ڇهين ڏهاڪي کان سلسلو شروع ڪندي، جديد اديبن جو پهريون مثالي ٻڪنڊو غلام ربانيءَ ۽ ممتاز مرزاجو ملي ٿو، جنهن لاءِ محمد ابراهيم جويي صاحب چيو ته اهي two inseparables (ڌار نه ٿي سگهڻ جهڙا) آهن. "بورڊ" جي آفيس ۾ مشهور ٿي ويو هو ته "ممتاز آيو، رباني ويو!" ممتاز مرزا جو پوءِ جيڪو ٻڪندو شيخ محمد اسماعيل سان جُڙيو، سو غير معمولي ثابت ٿيو. پنهنجيءَ ٻڪنڊيءَ حيثيت کي ڌار قائم رکندي، شيخ ۽ مرزا جو وري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان بيحد بااثر ٽڪنڊو بڻيو، ۽ انهيءَ ٻڪنڊي ۽ ٽڪنڊي سنڌي ادب، ٻوليءَ ۽ ثقافت جي معاملن تي ڊگها ۽ اونها اثر وڌا آهن - ۽ اهي اڄ تائين جاري آهن.

ممتاز مرزا، ساڳئي وقت، ٻئي اهڙي طاقتور ٽڪنڊي جي هڪڙي ڪنڊ آهي، جنهن جون ٻيون ٻه ڪنڊون حميد آخوند ۽ ظفر ڪاظمي آهن. انهيءَ ٽڪنڊي جي پهچ سنڌ ۽ پاڪستان جي مٿانهن سرڪاري حلقن تائين هجڻ سان گڏ، وقت بوقت ان جون اُڏامون ٻاهرين ملڪن ڏانهن به رهن ٿيون. ادبي، لساني ۽ ثقافتي معاملن تي هن ٽڪنڊي جو عمل دخل غير معمولي آهي.

هڪڙو ٻيو تمام اهم ٽڪنڊو گهڻي عرصي کان سرگرم آهي، جنهن جي ڪنڊن تي محمد ابراهيم جويو، پروفيسر محمد عمر ميمڻ ۽ جمال رند بيٺل آهن.

شيخ اياز جو سکر وارو گهڻ – ڪنڊو هن وقت منتشر ٿي ويو آهي، پر اهو پنهنجي موجودگيءَ دوران ڪافي اهم هو، جنهن ۾ رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، شيام ڪمار، حسن حميدي، مظهر جميل، آفاق صديقي ۽ مقبول صديقيءَ پارا اديب شامل هئا. هن وقت شيخ اياز سان تاجل بيوس ۽ يوسف شاهين پنهنجا ٻڪندا ناهي بيٺا آهن.

مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي حياتيءَ ۾ هينين اديبن جون ڪنڊون ساڻس مليل هيون: تاج بلوچ، پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين راشدي، محمد

ابراهيم جويو، جمال رند، غلام رباني، رشيد ڀٽي، حسين شاهه راشدي، زمان شاهه راشدي ۽ تنوير عباسي. انهن جا مولانا صاحب سان الڳ ڪچهريون، ٽڪنڊا يا ڪورس جوڙيل هئا.

ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا وڏا ٻڪنڊا يا ٽڪنڊا ٿيا، جهڙوڪ جويي صاحب، مراد علي مرزا ۽ ع. ق. شيخ جو ٽڪنڊو؛ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ شيخ علي محمد جو ٻڪنڊو؛ تنوير عباسي ۽ سردار علي شاهه جو ٻڪنڊو؛ حميد سنڌي، اشفاق قاضي، ناصر مورائي، جمال رند ۽ خواجه سليم جا تبديل ٿيندڙ ٻڪنڊا ۽ ٽڪنڊا؛ طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل جو مستقل ٻڪنڊو، وغيره. پر اهي ذاتي يا وقتي ڪمن تائين محدود رهيا.

مٿي صرف جديد اديبن جي ادبي سنگتن جو مختصر وچور ڏنو ويو آهي، ۽ رجعت پسند اديبن جي ٽولن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي جو اهي اسان جي موضوع کان خارج آهن، ۽ پڻ اهي پنهنجين ڪارروائين ۾ يڪمشت رهيا آهن.

اهڙو ئي هڪڙو ٻڪنڊو هو قمر شهباز ۽ امر جليل جو، جن وري گل محمد چنا سان گڏجي پنهنجو ڌار ٽڪنڊو ناهيو هو. انهن جي "جاءِ واردات" هئي نوابشاهه جو شهر، ۽ اهو زمانو هو ۱۹۵۶- ۵۷ع کان پوءِ جو.

قمر ۽ امر جا نالا تہ سيني ادب – گهرن جي پٽين تي لکيل آهن، پر گل محمد چنا جي ڪارنامن کان نئين ٽهيءَ جا گهڻا جوان ناواقف هوندا. مون کي جيئن تہ قمر جي باري ۾ ئي خاص ڪري ٻڌائڻو آهي، تنهنڪري گل محمد چنا لاءِ رڳو ايترو چوندس تہ هو ادبي ڪارڪنن لاءِ "آدرشي حيثيت" رکڻ وارو، هڪ خاموش ۽ عملي انسان آهي، جنهن ادب ۽ ٻوليءَ جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. آءٌ ضرور ڪڏهن هن بابت الڳ لکندس.

قمر، امر ۽ گل جي هن ٽڪنڊي جي هرڪا ڪنڊ بيحد وزندار آهي، جتي هر ڪنهن پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ يا گڏيل نموني بهترين مثال پيدا ڪيا آهن.

قمر ۽ امر جي ٻڪنڊي ۾، قمر جو رڳو اهو احسان ئي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي ڪافي آهي جو هن امر جليل جهڙو اعليٰ ليکڪ پيدا ڪيو. هونئن تہ قمر شهباز گهڻن لاءِ اُستاد جو ڪارڻ رهيو آهي ۽ هن ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا آهن، پر امر

جليل سندس "شاهڪار تخليق" آهي. قاضي عبدالجليل جي لاءِ قمرالدين ٻُگهئي جي شخصيت ۾ ايڏو تہ زوردار آدرش هو جو نہ رڳو هن قمر جيان پاڻ کي ليکڪ بنائڻ جي سَڌ ڪئي ۽ ان لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪئي، بلڪ پنهنجو نالو بہ "قمر" جي نالي سان نهڪائڻ لاءِ "امر" رکي ڇڏيو. اڄ هو خود جديد اديبن لاءِ آدرش بڻجي ويو آهي. قمر، امر ۽ گل جي آدرشي ٽڪنڊي جو هرڪو فرد جڏهن سنڌي ادب جي دنيا ۾ آدرش آهي، تڏهن هڪ وڏي "ميورل" مان قمر شهباز جو ڪو "ڊيٽيل" پيش ڪرڻ جان تان ڏکيو پيو پانيان. اهو ئي، "مهراڻ" ۽ "سنگت" جو دور هو. ڏاڍو عجيب، ڏاڍو دلچسپ دور هو. سنڌي ادب جي دنيا ۾ ،اهو ساڳئي ئي وقت اتفاق ۽ اختلاف جو دور هو. اهو ڳانڍاپن جو، دلبرين ۽ دلربائين جو دور بہ هو تہ نفرتن جو، بغض ۽ حسد جو دور بہ هو، اهو جذبي ۽ احساس جي هڪجهڙائيءَ جو دور هو، تہ دل ۽دماغ جي دوئيءَ جو دور بہ هو. اُهو دودي ۽ دريا خان، هوشوءَ ۽ هيمونءَ، شاهہ عنايت ۽ مخدوم بلاول جي پيغام کي عام ڪرڻ جو دور هو، تہ عربن ۽ مغلن، ارغونن ۽ ترخانن جي وارثن پاران محب وطنن خلاف فتنن ۽ فتوائن جو دور بہ هو: جڏهن اونداهي روشنيءَ تي راتاها هڻي رهي هئي ۽ ڪوڙ سچ جا ڪپڙا چورائي ورتا هئا: جڏهن ڏينهن ۽ رات ۾ ڪابہ وِٿي ڪانہ هئي، ۽ ٻڪ ۽ ڊؤ ۾ ڪو بہ فرق ڪو نہ هو: جڏهن ريل ۽ جيل جي اذاوت هڪجهڙي هئي، ۽ "خدائي فوجدار" سمجهہ ۽ ساڃهہ جي صاحبن کي شهہ رڳ ڪان بہ ويجها ٿي هلي رهيا هئا: جڏهن پنهنجا ئي پنهنجن تي چغلخور هئا، ۽ ڌارين کي لَڙ ۾ مزو اچي رهيو هو.... تڏهن سنڌ جا سجاڳ اديب وقت جي مها ڀارت واري انوکي لڙائي لڙي رهيا هئا. منجهانئن کي ارجن تہ کي ڪرشن بنجي روشنيءَ جي رٿ تي سوار، نئين دور جي ڏاهپ وارين ڪمانين مان، ڪوڙ جي ڪمينگاهن تي سچ جي باهہ سان ڀڙڪندڙ تير ٽيڪي رهيا هئا.

ڏرتيءَ جي اِنهيءَ پوتر "ڌرم يُڌ" دوران، مٽيءَ جي خمير مان وارياسي پٽ تي پلر جي پالوت سان پاڻمرادو ڦُٽي پوندڙ ڪُنيين جيان، باضمير اديبن، شاعرن ۽ ڪارڪنن جا ڪٽڪ، "روح رهاڻ" ۽ "سهڻيءَ" جي سانباهي سان، سڄيءَ سنڌ ۾ ڏات جا مچ مچائيندا، ڪوڙ ڪپت جي رات کي مات ڏيڻ لاءِ، ميدان تي نڪري آيا

هئا، جن جي فڪر ۽ فن جي ڪؤنتلن جي جولانيءَ اهڙا طوفان اُتاريا جو اڳلن جا وڏا وڏا پهلوان ڏڏڙ ۾ دسجي، فرار جي راهه وجائي وينا ۽ هميشه لاءِ تاريخ جي گمناميءَ واري قيد خاني ۾ بند ٿي ويا!
جن بہ سچ جي ساکي سورمن پنهنجي وقت جي اِنهيءَ مهان يُڌ ۾ پاڻ موکيو، تن جي ذات جي ڏيئن جي "جوت مان جلنڌڙ جوت" جو سلسلو تاريخ جي انت زمانن تائين پهچندو رهندو.
قمر شهباز، اُنهيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي پيداوار هجڻ سان گڏ، تڏهن کان ئي سچارن جي سئنا جا هڪڙو اهڙو سئناپتي رهندو اچي، جيڪو اڄ تائين پنهنجي مورچي تي اٽل آهي، ۽ جنهن انهيءَ سموري عرصي دوارن پنهنجي قلم جي تلوار کي ڪڏهن بہ مياڻ ۾ نہ رکيو آهي. هن جيڪو لکيو آهي، سو ذات جي ڏيئن جي اُنهيءَ "جوت مان جلنڌڙ جوت" جو تسلسل آهي، جنهن جي پهچ امرتا کي اورانگهي ٿي. سندس شعر توڙي نثر، پنهنجي مورچي مان اُڇلايل آهي زهريلا ٻاڻ آهن، جن جو ڇُيڪو هڪ طرف ويرين کي ويساهي نٿو ڏئي تہ ٻئي طرف اُنهن جو تجلو پري پري تائين پکڙيل ساٿين جي ذهنن ۾ عزم ۽ اعتماد جو سوجهرو پريو ڇڏي.
"چنبڊ رهين ٿو دور"، قمر جي شروع کان اڄ تائين ڪيل معياري شاعريءَ جو مجموعو آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل قومي سجاڳيءَ واريءَ تحريڪ جي پس منظر سان گڏ، سندس ذهني اوسر جو پيش منظر بہ ڏيکاري ٿو.
هن مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ موضوع ۽ انداز جي گونا گوني ۽ انفراديت موجود آهي. موضوع ۽ انداز جو انتخاب هن هر صنف جي مزاج ۽ گهرج آهر ڪيو آهي، تنهن هوندي بہ سندس طبعيت جي اندروني ڪيفيتن اهڙو وجداني ماحول پيدا ڪيو آهي جو اڪثر ڪري سندس گيت، غزل ۽ وائيءَ ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. ٻوليءَ، انداز ۽ بيان جي طريقي ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڪو اهڙو مرحلو سامهون اچي تہ اهو سندس تخيلقي عمل ۾ گمشدگيءَ جو نتيجو سمجهڻ کپي. مون کي سندس ڪلام کي مرتب ڪرڻ ۾ اهڙي ئي دشواري پيش آئي - ۽ ائين چئي، آءٌ قمر جي ياري ۾ نہ پر پنهنجي باري ۾ ڪنهن اختلافي راءِ

جو بچاءُ ڳولي رهيو آهيان. هونئن، منهنجي خيال ۾، اهو جديد شاعريءَ جو ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٻوليءَ، ماحول ۽ مزاج ڪي چند، موسيقيءَ ۽ عروض جي ماپن سان ملائڻ جو سهڻو تجربو آهي.
ها، هڪڙو اهڙو ئي ٻيو بچاءُ – سو ٻه پنهنجي لاءِ – آءٌ اِهو ڳوليندس ته متان ڪنهن علم عروض جي وڏي ماهر ڪي ڪٿي ڪٿي – خاص ڪري ڪن آزاد نظمن ۾ - وزن جي وٿي نظر اچي وڃي، ته اِن لاءِ ترتيب وقت مون پنهنجي ذهن ۾ اهو جواز رکيو آهي ته قمر فلم، ٽي وي ۽ ريڊئي جي عادتن هيٺ موسيقيءَ جي ذهن جو ماڻهو آهي، تنهنڪري اِهي وٿيون سُر ۽ ساز سان پرجڻ جوڳيون آهن.
قمر ڪيوپڊ جي نازڪ تيرڙن جو شڪار رهيو آهي، سو ته سندس منهن مهانڊي، هڏ هانيءَ مان عالم آشڪار آهي. سندس، غزل، گيت ۽ وايون، مٿس ئي شاهد آهن. پر انهن شاهدن وسيلي ئي سندس معيار ۽ ظرف جو ٻه پتو پوي ٿو، ۽ ڏسجي ٿو ته هن ڪٿي ٻه پنهنجي شاعريءَ ۾ نه محبوب کي بيحجاب ڪيو آهي ۽ نه پاڻ کي اُٻهرو. سندس اڪثر غزل، گيت ۽ وايون عشق ۽ انقلاب جو ميل، ذاتي جذبن ۾ اجتماعي احساسن جو سنگم آهن، تنهنڪري انهن ۾ سونهن جي سچائي ۽ سچائيءَ جي سونهن هڪٻئي ۾ سمائجي ويل آهن.
قمر جا سمورا طويل نظم انوکا تجرباتي شاهڪار آهن، جن ۾ خيال ۽ فڪر جا چرڪائيندڙ اولڙا ۽ پرجوش انداز جون چٽنگون نظر اچين ٿيون. "ڪارو بادل،" چؤ واٽو." "سجاڳي،" "هوشو شيدي،" "توهر جو، سچ جو رشتو،" "نئين ڪوئل" ۽ ڪي ٻيا نظم پڙهندڙ جي ذهن کي اثرائتي ٽيڙ ڏياريندڙ آهن.
بيت هجن يا دوها، وائي هجي يا گيت، غزل هجي يا نظم – قمر جي شخصيت هر صنف مان ليئا پائيندي پسجي ٿي. تڏهن ٻه، ڌرتيءَ جي ڏک سندس ذاتي پيڙا سان گڏجي، سندس دل ۾ درد جا اُهي اُڌما اُٿپن ڪيا آهن، جيڪي ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا هوندي ٻه ماحول جي ٻوسٽ ۾ ماندا ۽ مجبور محسوس ٿين ٿا. سندس سموري شاعري، اِن ڪري، دراصل سندس سموري شاعري نه آهي.

شاعر عام ماڻهن جي عام جذبن جو ترجمان هوندو آهي، عام ماڻهو وري پنهنجن جذبن جو اظهار شاعر جي زبان سان ڪندا آهن. شاعر جڏهن بيحد سهڻن، بيحد مختصر ۽ بيحد تز لفظن ۾ روز مره جي معاملن کي بيحد بيساختگيءَ سان بيان ڪندو آهي، تڏهن اهڙن شعرن ۾ اها خوبي پيدا ٿي ويندي آهي جو ماڻهو انهن کي روزمره جي گفتگو ۾ پنهنجي مطلب ۽ مدعا طور ورجائيندا آهن. قمر جي شاعريءَ ۾ اِها خوبي تمام گهڻي آهي، جنهن جي مثال لاءِ سندس رڳو ڪن غزلن جون پهريون تڪون پيش ڪجن ٿيون:

- اڇو ته پنهنجي ئي پاڇي کي سنگسار ڪريون.
- مورَ هنيلو تنهنجو موهه، تنهنڻ اُس
جو کهڙو ڏوهه.
- خدا ڄاڻي تنهنجين نگاهن ۾ ڇا هو.
- لوڪ ڏني يَرَ ڪانهه لتي، ازلي منهنجي اُڃ.
- وڃين ٿي ته وڃ، پر وساري نه ڇڏجان.
- سوريءَ جو سينگار مليو، هئه ڙي ڏاهپ
تنهنجا ڏنگ.

- چانڊوڪيءَ کي چاهي ڏس، سر تان سانگو
لاهي ڏس.

اِها خوبي قمر جي سموريءَ شاعريءَ ۾ هنڌ هنڌ تي پکڙيل ڏسبي. ائين چوڻ سان ڪنهن به شاعر جي نفي نٿي ٿئي، ۽ هر دور ۾ اِنهيءَ خوبيءَ سان سنواريل شاعرن جو خاصو تعداد موجود رهيو آهي، پر قمر جي شاعريءَ ۾ جيڪڏهن اِها خوبي موجود آهي ته اُها بيشڪ کيس عام ماڻهن جي عام جذبن جو ترجمان ثابت ڪري ٿي.

مون کي اِها عادت ڪانهي – الائي ڇو، جيئن اڪثر مهاڳڪارن ۾ ٿيندي آهي – ته هر ڪنهن پنجينءَ سٽ کان پوءِ لکجي ته "پلا ڏسو، هي شعر کهڙو نه سهڻو

آهي،" "پلا ڏسو ته هيءَ تشبيهه ڪهڙي نه سهڻي آهي،" "پلا ڏسو ته هن شعر ۾ شاعر ڪهڙي نه سهڻي نموني فلاڻو خيال پيش ڪيو آهي،" وغيره. انهيءَ ڪري، آءٌ قمر جي باري ۾ به اِهو "اچ ته تنهنجيءَ اوٽ" وارو طريقو اختيار نه پيو ڪريان، نه ته سندس ڪلام ۾ هر هنڌ ايتريون خوبيون پکڙيل آهن جو هي مهاڳ - جيڪڏهن ان کي مهاڳ چئجي ته - الائي ڪيتري ڊيگهه وٺي وڃي. انهيءَ ڪري آءٌ چاهيان ٿو ته پڙهندڙن کي عرض ڪريان ته هو سندس ڪلام جي هن مجموعي کي مجموعي طرح اُنهيءَ وڏيءَ ويڙهه جي پس منظر ۾ پڙهن، جنهن جي نتيجن کي اڳيرو ڪرڻ لاءِ هو اڄ تائين اڙو آهي.

مٿي مون شروع ۾ چيو آهي ته قمر شهباز جي تصوير منهنجي ذهن ۾، امر جليل جي تصوير سان گڏ، جديد اديبن جي قومي سجاڳيءَ واريءَ تحريڪ جي حصي طور جڙڻ شروع ڪيو هو.

اُهو ئي، جديد اديبن جي انوکن ڪارنامن جو دور هو. ڪنهن هڪڙيءَ گرم منجهند جو، قمر ۽ امر مون وٽ حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ تي "سنڌي ادبي بورڊ" جي "مهراڻ" رسالي واريءَ آفيس ۾ آيا هئا. ٻيا به اديب، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ايندا ٿي رهيا - ڪي ڪَچا ڪي پڪا ڪي سچا ڪي ڏچا. پر هنن يارن جي ٿور ئي ٻي هئي. ٻئي ڪلڻا، ٻئي رلڻا ملڻا. جواڻي هين - شوخيءَ ۽ شرارت جو ميل هئا. مون ڪان ته الائي متاثر هئا يا نه هئا، پر سمجهيم ته مون کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائون. جڏهن آءٌ رب جي رضا سان ڪانئن متاثر ٿي ويس ته ٻڌايائون: رٽز هوٽل ۾ رهيل آهيون، اچو ته شام جي چانهه گڏجي پيئنداسين. تڏهن هيروئن جي سمگلرن جو ڊپ ڪونه هو، سو آءٌ شام جو وٽن رٽز هوٽل ۾ اڪيلو پهچي ويس. هونئن به، ليکڪن جي حيثيت سان هو "مهراڻ" ۾ اڳي ئي ڇپجي چڪا هئا، تنهنڪري وٽن راهداري موجود هئي.

رٽز هوٽل ۾ ڪرايي تي ورتل سندن ڪمرو صفا ڇت تي، سيمنٽ جي چادرن واريءَ ڇت سان نهيل، ٻئريڪ جهڙو "سرپلس" ڪمرو هو، جيڪو هيٺ ٻين سيني ڪمرن جي پرجي وڃڻ واريءَ حالت ۾ ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿيندو هوندو.

اسان هيڪر گڏجي چانهه پيتي، ۽ وري جڏهن ڇت جي ڇڏر تي پاڇا لڙيا ته ڪرسيون ٻاهر ڇڪي، ٻيهر ويهي چانهه پيتيسين. هوٽل جي ڇت مٿان اِهو اڪيلو "او. ايس. ڊي." ڪمرو هو، تنهنڪري ڪوبه آيو ويو ڪونه ٿي. ٻيري به اسان کي ڏکيون ڳالهيون ڪندي ڏسي ڇڏيو هو. اهو سمورو وقت شعر ۽ ادب تي، سنڌ جي حالتن تي، "سنڌي ادبي سنگت" ۽ ٻين ادارن تي ڳالهه ٻولهه هلندي رهي. هو ڏاڍا پرجوش هئا، ته پُراُميد ۽ مخلص به. پهرين جو آءٌ رڳو رب جي رضا سان هنن کان متاثر ٿيو هوس، سو هاڻي سندن اهليتون ۽ اُتڪون ڏسي سچ پچ متاثر ٿي ويس. دل ۾ چيم، سچل جي لطيف بابت چيل گفتن جيان،. هي يار الائي ڪهڙين ڪهڙين دميل ديڳين جا ڍڪڻ لاهيندا.

اِهو پهريون رنگ هو، جيڪو منهنجي ذهن ۾ قمر ۽ امر واريءَ گڏيل تصوير تي چڙهيو. تنهن کان پوءِ به ڪي ڀيرا هي يار حيدرآباد آيا، رٽز هوٽل ۾ رهيا، مون وٽ "مهراڻ" جي آفيس ۾ آيا، آءٌ هنن وٽ چانهه پيئڻ ويس، هنن "مهراڻ" لاءِ لکيو، پاڻ موڪيو، ۽ جديد ليکڪن ۾ نالو پيدا ڪيو. تنهن کان پوءِ ڏاڍي ياري ٿي، ۽ تڏهن کان سندن تصوير تي اندلٺ جا ست ئي رنگ طرح طرح جا ڇٽ ڇٽيندا رهيا آهن.

نوابشاهه ۾ هنن جيڪي تحريرون ۽ تخليقي وارداتون ڪيون، تن قومي سجاڳيءَ واريءَ هلچل کي خاصي هٿي ڏني. "سنڌي ادبي سنگت" جي سرگرمين ۾ هو شامل رهيا، ۽ ون يونٽ خلاف هنن لکيو ۽ پرچار ڪيو. گل ۽ قمر گڏجي ماهوار رسالو "ادا" ڪڍيو، جيڪو بهرحال اڳتي هلي نه سگهيو.

امر شروع ۾ شاعري به ڪئي، پر هو شيڪسپيئر نه ٿي سگهيو ۽ هيمنگوي بنجي ويو. هن ڪهاڻيون ۽ مڪالما لکيا، ڪن فلمن جا ڊائلاگ ۽ ٽيليويزن جا ڪجهه ڊراما لکيا - ۽ "ماهر تعليم" بنجي ويو.

قمر شعر ۽ نثر جي سيني صنفن ۾ "هر فن مولا" بنجي ويو، ۽ بيوروڪريٽ ٿي ويو. هن شاعريءَ سان گڏ ڊراما ۽ ڪهاڻيون به لکيون ته اداڪاري ۽ صداڪاري به ڪئي. هن اشتهاري "سلوگن" ۽ "جينگل" به لکيا ته دستاويزي فلمن جي اسڪرپٽن سان گڏ فيچر فلمن جون ڪهاڻيون به لکيون. هن ريڊئي لاءِ ڊراما،

فيچر، گيت، خاڪا ۽ ڪامينٽريون لکيون ته ٽيليويزن لاءِ ڊراما، گيت ۽ خاڪا به لکيا، هن اسٽيج لاءِ ناٽڪ به لکيا ته هدايتڪاريءَ جو ڪم به ڪيو. هن سنجيديون شيون به لکيون ته مزاحي به. هي واحد سنڌي ليکڪ آهي، جنهن لکڻ جي سمورن شعبن ۾ پنهنجين غير معمولي پيشور ۽ تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي، مڙني پاسن جي گهرجن کي پرتي ڏني آهي. تنهن هوندي به، "جئڪ آف آل، ماسٽر آف نن" جو مثال ساڻس لاڳو نٿو ٿئي. هو "ماسٽر آف آل" آهي، ۽ سيني شعبن ۾ ڪيس هڪجهڙي دسترس حاصل آهي. هو هر وقت حاضر دماغ ۽ لکڻ لاءِ تيار حالت ۾ رهي ٿو، تنهنڪري "آرڊر" جو مال ڪنهن به وقت، ڪيتري به مقدار ۾، ڪهڙي به وڙ ۾ وٽائنس ملي سگهي ٿو. وٽس هڪ اهڙو ادبي جنرل اسٽور آهي، جتي ننڍي ڪان ننڍيون ۽ وڏي کان وڏيون شيون، پئڪ ٽيل، ليبل لڳل، قيمت لکيل، شوڪيسن ۾ سجايل آهن. يا وري هو ڪو حڪيم يا پساري آهي، جنهن وٽ هر قسم جو وکر - جڙيون ٻوٽيون ۽ سفوف، ڦڪيون ۽ حَب، شربت ۽ معجونون، ڪک ۽ ڪُشتا، خانن ۽ دٻلين ۾، شيشن ۽ برڻين ۾، وڏي مقدار ۾ موجود آهن. پيٽ جو سور، مٿي جو سور، مدي جو تپ، مليريا جو تپ، وائي بادي، کنگهه، زڪام، مطلب ته جنهن به درد جي دوا کپي، "هوالشافي دواخاني" تي روئندو اچ ۽ کلندو وڃ!

قمر شهباز کي انهيءَ ڪري، ڪن ادبي حڪيمن، پسارين ۽ جنرل اسٽور وارن، پيشيور حسد جي ڪري، "ڪمرشل باز" ڪري مشهور ڪيو. پنهنجي ليکي هنن شايد قمر تي چٽر ڪرڻ ٿي گهري پر ڪين ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندو ته هنن هڪ اهڙي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا قمر کي سڄيءَ سنڌ ۾ منفرد اهليت وارو ثابت ڪري ٿي.

گهڻيءَ جاکوڙ کان پوءِ سنڌيءَ جي جديد ليکڪن جڏهن پنهنجين اخبارن ۽ رسالن کان معاوضي جي وصوليءَ وارو مطالبو منظور ڪرايو هو ته اها اميد پيدا ٿي هئي ته پيشيور لکت کي هتي ايندي. پر ائين ٿي نه سگهيو: گهڻا پراڻا ليکڪ ويهجي ويا ته گهڻا نوان ليکڪ شوق جي پويان ذوق وڃائي ويٺا. اچ هيءَ حقيقت هر ڪو سمجهي ٿو ته سنڌيءَ ۾ پيشيور ليکڪن جي اڻهوند آهي ۽ جيستائين هر

شعبي ۾ اسان وٽ پيشيور ليکڪن جو خاصو تعداد موجود نہ ٿيندو، سنڌي ادب ۽ اديبن جي صورتحال ۾ سڌارو نہ ايندو. سنڌ ۾ قمر شهباز واحد ليکڪ آهي، جنهن سنڌي ليکڪن لاءِ ائين سوچيندي پاڻ کي ان لاءِ مثال بڻايو آهي.

ايترين ڳالهين هوندي بہ، قمر جي صلاحيتن جو فائدو هن وقت ادب ۽ ميڊيا جي کي اهم ادارا حاصل نہ ڪري رهيا آهن، جن اڳي ڪيس اکين ۾ جايون ٿي ڏنيون ۽ هينئر بہ سندس تخليقي سگهہ کان انڪار نہ ٿا ڪري سگهن. ان جو سبب چون ٿا تہ ڪي گمنام، ڪي بينام اثر آهن، ۽ انهن جو سبب ڪي چون ٿا تہ پَرين جو پاڇو آهي، ڪي چون ٿا تہ لڳت يا نظر جو حساب آهي، تہ ڪن جو وري خيال آهي تہ قمر نماشام جي مهل سائو وڻ پٽيو آهي يا پڪ ئي پڪ چانڊوڪيءَ رات جو قبرستان ۾ شاعري ڪرڻ ويو آهي! ڪن ٽورن جو اندازو آهي تہ سندس پيٽ ۾ پڙهيا وڌا ويا آهن، ڪيس آگلن جي اوبر ڪارائي وئي آهي، پليتا پياريا ويا آهن، يا وري سندس بوتو پوريو ويو آهي، جنهن جي دل ۾ ٻاٻرو ڪنڊو چيڀيو ويو آهي - ۽ انهيءَ ڪري سندس دل جو درد سوايو ٿي ويو آهي. مطلب تہ جيڏو ڳوٺ، اوتريون ڳالهيون. گمنام ۽ بينام اثرن جو اصل سبب تہ ذر ڏٽي پاڻ ڄاڻن يا رب پاڪ ئي ڄاڻي – والله اعلم بالصواب. پر مون اديبن ۽ ادبي ادارن بابت گذريل ٽيهارو سالن کان وڏيڪ عرصي دوران مٿي بيان ڪيل ٻڪندن، ٽڪندن، چونڪڙين وغيره جي اثر اندازيءَ جو جيڪو مشاهدو ڪيو آهي، تنهن موجب چئي سگهان ٿو تہ قمر انهن مان ئي ڪنهن جي نظر جو نشانو بڻجي ويو آهي. ان جي ثابتيءَ سان نشاندهي ڪرڻ اِن ڪري مشڪل آهي جو اهي اثر گمنام ۽ بينام ٿين ٿا – ائين، جيئن سي. آئي. اي. جون سرگرميون. اديبن جي وڏين تنظيمن جي مجموعي رخ اڳيان مداخلتن جا ڪيئن مثال آهن، جن جو مطالعو سنڌي ادب جي تاريخ جو انتهائي اهم باب آهي.

بهرحال، جيڪڏهن ائين ئي آهي، تہ پوءِ منهنجو بہ هڪڙو پلاند قمر ڏانهن رهيل آهي – جنهن کي چُڪائڻ لاءِ مون کي هينئر ئي بهتر موقعو نظر آيو آهي.

آءٌ ١٩٦٦ع کان پاڪستان سرڪار جي سڌ- سماءَ کاتي پاران ڇپجندڙ سنڌي رسالي "نئين زندگي" جو ايڊيٽر هوس. ١٩٧۴ع ۾، قمر شهباز مون کي اتان استعفا

ڏيارائي، پاڻ وٽ پاڪستان سرڪار جي مواصلاتي کاتي ۾ هڪڙي نئين جوڙيل اداري ۾ آندو، جتي هو پاڻ تازو مقرر ٿيو هو. اتي هو وڏو هو، ۽ آءٌ ننڍو هوس، پر هلت ۾ هڪجهڙائي هئي. هن وٽ مون لاءِ هزار عزتون هيون، پر قضائي الاهيءَ سان اسان جو وزير ممتاز ڀٽو صاحب هو، جيڪو تمام ڪڙڪ ۽ ڪڙڪ هو. اسان وزارت لاءِ هڪڙو انگريزي ماهوار رسالو ڪڍيو ٿي، ۽ مختلف شعبن لاءِ فلمون ٺاهيون ٿي. ٻيا ٻه گهٽائي آسپاس جا ڪم ڪار هئا. رسالي جو ڪم سمورو ئي منهنجي حوالي هو.
رسالو بين الاقوامي معيار تي ڪڍڻو هو، تنهنڪري ان لاءِ ڇپائيءَ جا مختلف تجربا ڪيا پئي ويا. ادارو ئي نئون هو، تہ اسٽاف کي بہ ڪافي مشق جي ضرورت هئي. انهيءَ ڪري منهنجي موجودگي گهٽي ۾ گهٽي ضروري هئي - ۽ انهيءَ ڪري مون کي هر روز صبح جو اچي، شام گهٽيءَ دير تائين، بلڪ اڪثر ڪري رات جو گهٽيءَ دير تائين، رسالي جي پروف ريڊنگ، ڊزائيننگ، آرٽ ورڪ، لي آئوٽ، پيسٽنگ، وغيره جي ڪم سان آفيس ۾ رهڻو پوندو هو، ۽ پاڻ سان گهربل ماڻهن کي بہ روڪڻو پوندو هو.
هڪڙي ڀيري قمر صاحب مون کي چيو تہ وڃي سرڪاري خرچ تي فيمليءَ سان فارين جو چڪر هڻي اچ، يا آفيس جي ڊيوٽيءَ جو ڪو ڪم ڪڍون ٿا، وڃي اڪيلو ئي دنيا ڏسي اچ. اها سندس ڪمال. مهرباني هئي؛ پر جيڪا ڪم جي صورتحال هئي، تنهن موجب مون چيو تہ جيستائين ڪم مون کي سواءِ هلي سگهي ۽ ان جو سمورو بار اوهان تي نہ پوي، تيستائين وڃڻ مناسب ڪونهي: نينگر ننڍي، جمعا گهٽا، ڪڏهن بہ وڃي دنيا جو ديدار ڪري ايندس. ڪم جو اهو عشق هو.
پوءِ هڪڙي ڏينهن قضائي الاهيءَ سان هيئن ٿيو جو ممتاز صاحب، وزير صاحب، جي فون قمر صاحب کي آئي تہ مون کي فلاڻيءَ تاريخ تي رسالو کپي!، ڪيس فلاڻي سان ملڻو هو، يا فلاڻي هنڌ وڃڻو هو.)
رسالو پنهنجي دستوري نموني تيار ٿي رهيو هو، ۽ مقرر تاريخن تي مقرر ڪم ٿيڻو هو. وزير صاحب جي خواهش گهڻو اڳڀائتي هئي، پر قمر صاحب جيڪا "ييس

سر" چئي هام هنئي هئي، تنهن جو نزلو مون تي ئي ڪِرڙو هو. هن زباني پنهنجو مسئلو بيان ڪيو، ۽ مون آفيس ۾ پنهنجو وقت صبح کان آڌيءَ رات تائين وڌائي ڇڏيو. گهربل ماڻهو بہ قابو هئا. پر مهيني جو ڪم پندرهن ڏينهن ۾، يا پندرهن ڏينهن جو ڪم پنجن ڏينهن ۾ تي نٿو سگهي، سا ڳالهہ وزير صاحب کي سمجهائجي ها تہ شايد سمجهہ ۾ اچي وڃي ها، پر قمر صاحب کي ڌيان ۾ ڪانہ آئي. جنهن وزير صاحب سان پَڪي ڪري ڇڏي هئي.

آرٽسٽ ۽ پيسٽر کي پاڻ سان گڏ ويهاريندي. آخري رات ائين گذري جو آءٌ صبح جو آيل، ٻئي ڏينهن صبح جو گهر ويس. پرچو پوءِ بہ ڪو هڪ اڌ ڏينهن دير سان ئي شايع ٿي سگهيو هو.

قمر صاحب ان وچ ۾ هڪڙو ڊبنامو جاري فرمايو، جنهن ۾ رسالو جي دير بابت لکيل هو. وزير صاحب جي فرمان مبارڪ جو حوالو هو، ۽ مون کي ٻين مڙني انتظامي جوابدارين کان آجي ڪرڻ جا ارشاد هئا. (اهو ليٽر شريف مون وٽ موجود ۽ سلامت آهي.)

پر قمر جيڪو منهنجي ڪتاب "ڪاڪ محل" تي مهاڳ لکيو، تنهن ۾ اصل حقيقت کي وساري، هو منهنجي تعريف ڪندي ئي ائين لکي ويو آهي تہ مون آفيس مان گسائڻ شروع ڪيو هو – حالانڪ آفيس جي گاڏي وقت کان اڳ پهچي ويندي هئي؛ ۽ لساني هنگامن توڙي ضيا واري مارشل لا ۽ پيٽي صاحب جي نظربنديءَ دوران بہ آءٌ پنهنجي ڪم تي رهيس. ان جو ثبوت انهن واقعن دوران نڪتل رسالا آهن.

پر جيڪا اهم ڳالهہ آهي، سا هيءَ تہ جڏهن قمر صاحب وارو ڊبنامو مون کي وصول ٿيو - ۽ ان وقت آءٌ سندس پرواري ئي ڪمري ۾ رسالي جي پيسٽنگ واري ڪم ۾ مصروف هوس – تہ مون فيصلو ڪيو تہ آءٌ تيستائين وٽس روبرو نہ ويندس، جيستائين پنهنجو ڪم ختم نہ ڪندس. پوءِ جڏهن ڪم ختم ٿيو، تہ آءٌ ساڻس مليو هوس - ۽ هو ائين گلي مليو هو، ڄڻ تہ ڊبنامي تي سندس پاران ڪنهن ٻئي صحيح ڪري ڇڏي هئي.

اڄ بهرحال، آءٌ اهو وير ائين وٺي رهيو آهيان جو ساڳيءَ طرح سنڌس هن ڪتاب جي ترتيب ڪي هڪ سال تائين ترسائي، ڇهن مهينن ڪان وٺي، تيستائين ساڻس روبرو ملڻ ڪان پاڻ روڪي وينو آهيان، جيستائين هي مهاڳ لکي مڪمل ڪريان. هاڻ آءٌ ساڻس روبرو ملندس، ۽ چوندوسانس تہ اسين ٻيئي هاڻ لهڻي ليکي ۾ آجا آهيون، ۽ قيامت ۾ ٻنهي تان پڇاڻو معاف آهي!

**شمشيرالحيدري**

ڪراچي سنڌ

7- سيپٽمبر، 1988ع.

# ڏيئي جهڙي ذات

رات انڌيري ڪيسين، نيٺ اُجالو ٿيندو،
سڪ جو سورج جاڳ تہ اُڀريو، منزل جو ڏس ڏيندو.

انڌيري رات جي پڇاڙيءَ سڪ جي سورج اُڀرڻ ۽ اجالي ٿيڻ جي اعلان ڪرڻ وارو قمر شهباز نئين - لوڪ ڪلاسيڪل يگ جو هڪ مکيہ شاعر آهي. ۽ نئين شاعريءَ جو هڪ منفرد، پراثر ۽ سگهارو آواز آهي:

ڪوئي آيو سنڌڙيءَ ڪارڻ، سينگاري سنگيت الا،
جيجل ٻيجل آيو آهي.

هتي هڪ ڳالهہ اٿندي ئي ڪري ڇڏيان، تہ اهو منفرد، پراثر ۽ سگهارو آواز نئين – لوڪ ڪلاسيڪل يگ جي انهن آواز مان هڪ آهي، جيڪي ان يگ ۾ چئن ڏسين ۾ گونجا ۽ سڄي سنڌ تي ڇانئجي ويا. انهن آوازن ۾ پنهنجي پنهنجي انفراديت کي قائم رکندي، سنڌ جي مهما هڪ گڏيل گيت جي روپ ۾ ڳاتي، ان ڪري ائين اوس ٿيندو، تہ مان قمر جي ناتي نئين يگ جي مجموعي شاعريءَ يا نئين يگ جي ناتي قمر جي شاعريءَ جي ملهہ ڪٿ ڪري وجان. ۽ ساڳئي وقت، جيئن تہ نئين يگ جي سرجڻهارڻ لوڪ ڪلاسيڪل ڪردارن (Characters) گهاڙيٽن (Forms) ۽ اهڃاڻن (Symbols) کي ٻيهر رائج ڪري هڪ اعليٰ تخليقي ڪارنامو سرانجام ڏنو - ۽ ائين لوڪ ڪلاسيڪل يُگ سان رشتي جوڙڻ ۾ سڦلتا ماڻيائون:

جي ڪو ڏيا ڪاڪ ڪڪوري ويا
۽ چنگ چاهہ جو چوري ويا
سي پيارا جيءَ جيارا ها

## جي ساڻيهہ تان سر گهوري ويا

ان ڪري نئين ۽ لوڪ ڪلاسيڪل يگ جي وارتا ٻہ ڳڙوڳڙ هلندي:
ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، لوڻو لڏاڻو
(شاهہ)
"اڄ" جي سرجڻهار ڪي "ڪالهہ" جي اعليٰ قدرن ۽ شاندار روايتن سان رشتو جوڙي "سپاڻي" جو اٽڪڻ پنڌ پڻڻو هو ۽ قمر ڪاڪ ڪهاڻي هيئن ٿو ٻڌائي:

پياسا راڻا سرڪيءَ ڪارڻ
صدين جا ايوان اورانگي
پنهنجي ماضيءَ جو ڪو مٿم
جهيڻو تصور دل ۾ سانڍي
آيا ساڻا ويڳاڻا
مومل جي ميخاني ۾؛
ڪاڪ جي شايد خاڪ اُڏي آ!

چپ، اوندهہ، انڌير، ڊپ، نراشا، ڌارين جا دهمان، پنهنجن جا پرڪار، ڏاڍ ڍڪاءُ، سنڌ جي ناءَ ٻُڏڻ تي رجعت پرست سرڪاري چاڙتن اديبن پاران ڪفر ۽ ملڪ دشمنيءَ جون هٿ نوڪيون فتوائون - اهو هو پسمنظر جنهن ۾ نئين شاعريءَ جنم ورتو - اُسري ۽ وڏي ويجهي. ۽ قمر جي شاعري نئين شاعري جو لازمي حصو آهي:
جي تنهنجي من ۾ تڙپيا ها،
مون گيت اهي ئي ڳاتا ها.
پر انهيءَ موت جهڙي ماٺ ۾ وڏي واڪ اندر جي اڌمن ڪي گيتن ۾ گونجارڻ وارا

ڪوي گردن زدني ٺهرايا ويا – واجب القتل قرار ڏنا ويا. ۽ قمر ڪان "ڏاهيون ڏک ڏسن" واري ڳالهه ڳجهي ٻه نه هئي:

سوريءَ جو سينگار مليو،
هئه ڙي ڏاهپ تنهنجا ڏنگ.

شاه سائينءَ "ذريان ئي ذاريان مٿ مئيءَ جا نه ٿيا" چئي جيڪو صديون اڳي اسان کي چتاءَ ڏنو هو – جنهن کي اسين وساري وينا هئاسين. اهو چتاءُ اسان کي نئين يگ جي سرجڻهارن ٻيهر چتايو:

منهنجي در تان دانُ، پنڻ آئين پانڌ ۾،
انهيءَ جو احسان، ڇرو هنئي ڇيڳرا!

اها تاريخي غلطي، جيڪا اسان جي وڏن ڪئي ۽ جنهن جي سزا اسان جي نسل کي ڀوڳڻي پئي – انهيءَ جرم جي سزا کان ايندڙ نسلن کي بچائڻو هو - ۽ اها ئي اها گهڙي هئي، جڏهن اسان جي نسل هڪ فيصلو ڪيو – اٽل فيصلو:

ٻولي يا گولي، ڳالهه ٻنهي مان هڪڙي،
هزارين هولي، ڪيڏي ويندا خون سان،

اِها اُها ساڳي صورتحال هئي، جنهن ۾ لطيف چيو هو:

هم منصور هزار، ڪُهي ڪهندين ڪيترا.

قمر ڄاتو ٿي، ته جنهن واٽ تي هن وک وڌائي آهي، اُها واسينگن جي واٽ آهي:

وک وک تي واسينگ وراڪا، سمجهي رکجان پنهنجو پير
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا

پر وک وڌائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ٻه ڪونه هو هن لاءِ، قمر ٻه پنهنجي ويجهن ساٿارين، اياز، گدائي، نياز، شمشير ۽ تنوير جي پَر پاريندي انهيءَ پترائين پٿ

تي پنهنجا پير پٿون ڪيا - رائو رت سين رڱيو - ۽ سڀ لاڳاپا لاهي سچ جو ساٿ ڏنو:

مچ مٿان ڪي سچ جا ساٿي، آيا ميڙو ناهي
ڪا ڳالهه مڙوئي آهي!

اهو هڪ اهڙو اونداهو (ون يونٽي) دور هو، 'وڏيرا سياستدان' پنهنجي ذاتي ۽ عارضي مفادن تي سنڌ وڪڻي چڪا هئا: 'فتوا باز رجعت پرست ادبي ٺيڪيدار' سنڌ دوست اديبن ۽ شاعرن جي ڪڍ نوس نوس ڪندا پئي وتيا: 'ڪامورا شاهي' ته اڳي ئي پنهنجا وَڄ تکا ڪريو ويني هئي:

تو اهڙا ڪيئي پٽ ڄڻيا،
جي تنهنجي ڪُکِ جو ڪان بڻيا.

نراشا جو اهو گهور گهنگور انڌيرو سنڌ ڌرتيءَ جي هڪ سري کان ٻئي سري تائين پکڙيل هو:

ڪينجهر ڪان ڪارونجهار تائين، اوندهه انڌوڪار.

تڏهن اهي نئين يُگ جا شاعر ۽ اديب ئي هئا، جن آشاديپ جلايو:

آئون پرين اڄ انڌيارن ۾، آشاديپ جلايون.

۽ تيز هوائن ۾ آشاديپ کي روشن رکڻ لاءِ نئين يگ جي شاعرن ريٽي رت جو دانُ ڏئي، ٻاٽ واٽ ۾ لهوءَ جي لاٽ سان سنڌي عوام جي اڳواٽيءَ جو فرض نڀايو:

اڄ ديپن ۾ جو خون ٻريو
مون پنهنجي سيني مان ئي پريو

اهڙي اُگري صورتحال ۾ قمر جي آڏو هڪ مقصد هو - واضح ۽ عظيم مقصد. ۽ ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ ڊگهي ۽ لاڳيتي جاکوڙ جي ضرورت کان قمر پليءَ پت واقف هو. هن ڄاتو ٿي ته "وينن تان واري وري" ان ڪري وير ٻه ويساند وڃڻ کان سواءِ مارڳ تي وک وڌائڻ سان ئي مومل جهڙو ماڳ ماڻي سگهجي ٿو:

ڪين رکياسين، ڪين جهڪياسين، توڙي اوکو پنڌ،
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ.

چاڪاڻ ته قومن جي تاريخ ۾ پل آ پل جي غفلت به ان کي نگهوسار ڪري سگهي ٿي ۽ قمر پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌين کي انهن خطرن کان واڪ آگاهه ڪيو:

سنڌڙي جي هڪ وار سڙي وئي،
سڪندين پوءِ سويري ڪي.

۽ ائين قمر ٻوليءَ، سيپتا ۽ قوم کي درپيش خطرن کان نه رڳو آگاهه ڪيو، بلڪ پنهنجي سموري سرجڻهارڪ سگهه سان انهن خطرن کي ٽارڻ جا جتن پڻ ڪيا:

اتوڙي آٽجاڻ، ٻڌو ٻٽ ٻٽي ڪري،
آزاديءَ اهڃان، اجرڪ تي اُجرا ٿيا.

نئين _ لوڪ ڪلاسيڪل يگ جي سموريءَ شاعريءَ وانگر، قمر جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز به سنڌ رهي آهي. هن لاءِ سنڌ هڪ اهڙي پوتر ۽ شفاف سرچشمي وانگر آهي، جتان ئي سڀ ڌارائون ڦٽن ٿيون:

سنڌڙي تنهنجي سينڌ نه اُجڙي، توتان جندڙي گهوري ڙي!
مون کي ياد آهي، ته مون کان هڪ ڀيري گلشن خاڪيءَ پڇيو هو، ته: "تنهنجي شاعريءَ جو ٿيم ڇا آهي؟" اهو هڪ اهم سوال هو ۽ هڪ اهڙي سنڌياڻي پڇي رهي هئي، جيڪا سنڌ جي نه هئي! تڏهن مون کيس وراڻيو هو ته "سنڌيت" - ائين چئي مون نئين - لوڪ ڪلاسيڪل يگ جي سموري شاعريءَ جي ٿيم کي هڪ لفظ ۾ سموهي ڇڏيو هو. اهو هڪڙوئي لفظ ڪل ڪائنات تي حاوي ٿي ٿو وڃي. جتي به ڏاڍ آ، ڏهڪاءُ آ- نياءُ جي نالي انياءُ آ، سلامتيءَ جي نالي ۾ قرلٽ آ. جتي امن جي ڊونگ ۾ جنگ آ. جتي انسان جي آزادي صلب آ ۽ انسانيت رتوڇاڻ! جتي ڌرم اَڌرم ۽ مذهب منافقت آ:

اجا ڀي آ انسان انسان جو قيدي،
اجا ڀي آ آزردار جي حڪمراني،
اجا ڀي محبت آ قابو ڪڙن ۾،
اجا ڀي هوس جو نشانو جواني.

اتي اهو هڪڙو ئي امر لفظ "سنڌيت" هڪ اهڙي جهنڊي وانگر آ، جيڪو ڪل ڪائنات تي، سموري سرشٽيءَ تي جهولجي ٿو وڃي:

ڪانگو جا اوڪارڙا، متان ٿئين ملول
ساوڻ منهنجي سيني ۾ آ، سورن جو ساٽيهه الا
ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڪجي پيو آ، هارايل انسان الا
ڌرتيءَ جي دل ڏونهاٽيل آ، اُڀ وسائي آڳ

قمر به ڪڏهن عالمي تناظر ۾ "ڪرين مٿي سنڌ سڪار" ته ڪڏهن سنڌ جي تناظر ۾ "عالم سڀ آباد ڪرين" جي ڳالهه ڪئي آهي:

جنهن جنهن ڄاتو تنهن ئي پاتو، سنڌوءَ مان سوڀيا جو سڳ،
اي سانولڙا!
سنڌڙيءَ جي، ها سنڌڙيءَ جي، سيني تي آ سچو سچ سرڳ،
اي سانولڙا!

ڇاڪاڻ ته سموري ڌرتي تي جيڪڏهن انسانيت جو ڪٿي وجود هو، ته اهو سنڌ ۾ هو - ۽ اتي ئي ان کي سخت خطرو به هو! ان ڪري ئي انياءُ، ڦرلٽ، انساني غلاميءَ. پرماريت ۽ منافقتن سان مهاڏو اٽڪائڻ نئين يگ جي شاعرن جو مقدر به هو:

وري وقت جي واڳ واري نه سگهبي
جو ڪرٽو آ، سو هاڻ ڪرٽو ئي پوندو
پلي سوري سرمد جو سينگار بڻجي
اسان کي اڏيءَ تي آترٽو ئي پوندو

"سنڌيت" جو اهو فلسفو لوڪ - ڪلاسيڪل دور کان ٿيندو، قمر تائين پڳو آهي - ۽ ان فلسفي کي ڦهلائڻ ئي قمر جي شاعريءَ جو بنيادي ڪارج پڻ آهي:

اڄ وري زنجيرون ڇڄنديون
مارئيءَ جي مجبورين جون

**اڄ وري تقديرون ڪلنديون**
**صديون جاڳيل سورين جون**

ان ڪارڄ ڪي، جيڪو پوري انسانذات جي چوٽڪاري جو دليل آهي، سڏ ڪرڻ لاءِ، 'ڳڳ ڳڳاٽيل ڏيهه' ۾ جتي 'لڳ لڳ تي لوهه لپٽيل' آهي، بي مقصد نعريبازي ۽ سڪٽي جذباتيت بدران وڏي سرت ۽ ساڃاهه کان ڪم ورتو هو:

جاڻ جا ٻاڻ سنپاري ماڻهو
سنيري نڪتا ڏاهڻ ڏوهه

اهڙن سڄاڻ ماڻهن لاءِ قمر مارو، چارڻ، راڻي، سانگي.... جا اهڃاڻ(Symbols) ڪتب ٿو آڻي:

اسين اهي ئي سانگي تنهنجا
اسين ئي سنڌو تنهنجي ڌارا
اسان ريءَ سنڌ اڌوري ٿي....

شاعريءَ تي جڏهن به پابنديون وڌيون ويون آهن، تڏهن اها ڀرپور سگهه سان ابري آهي: لوڪ جڏهن به سڌي سنواٽي سچ سڻن کان نابري واري آهي، تڏهن شاعرن اهڃاڻن جو سهارو ورتو آهي ۽ ائين شاعريءَ ۾ گهرائي پيدا ٿي آهي - ۽ ائين ئي ان ۾ وقتي ۽ عارضي اثر جي جاءِ تي دائميت جو عنصر داخل ٿئي ٿو. قمر جي شاعريءَ ۾ به اسان کي اهو ئي گڻ فطري ۽ تخليقي سطح تي ملي ٿو؛ هن نه رڳو لوڪ ڪلاسيڪل اهڃاڻن کي نئين معنا ۾ ڪتب آندو آهي:

رڃن ۾ رڙ ٿي، ته ڪر ڪويل ڪوڪ
ولولو ۽ ووڪ، ايءَ تان آهه عشق جي
(شاه)

هيءُ ڪوڪ ته ڪسٽي ناهه ڪڏهن،
پل ڪوئل ڪوئي قيد ڪري

(با سندس ان ڏس ۾ 'ڪوئل' نظم)
بلڪ قمر پنهنجا منفرد اهجاڻ به تخليق ڪيا آهن، منهنجي انهيءَ دعوا جي ثبوت لاءِ قمر جي مشهور اهجاڻي نظر "ڪارو بادل" جو هڪڙو مثال ئي ڪوڙ ٿيندو. "ڪارو بادل"، "ڌرتي"، "تيل"، "پياسو ڪانگ"، "ٻيڙي"، "پوڙهو مالهي"، "رڻ پٽ"، "پاڻي"..... ان نظم ۾ قمر پنهنجي ليکي هڪ پوري "اهجاڻي ڪائنات" تخليق ڪئي آهي. ۽ اهي سيئي اَهجاڻ هڪٻئي سان سلهاڙجي هڪ عجيب رد مڪ تسلسل جي انتها کي ڇهن ٿا. ۽ انهن مان ڪن جي مکيا اهجاڻ طور چونڊ ڏاڍي ڏکي ٿي. منهنجي لاءِ. ۽ ان ڏس ۾ انهيءَ نظم جو خالق به اسان جو شايد ئي سونهون ٿي سگهي!

ڌرتيءَ مان اڄ تيل ڳڙيو آ،
شاخ شاخ ۾ تيل جي بو آ،
نديون نارا، ٻنيون ٻارا،
نهر نيارا، تيل ٿا ڳاڙن.

جديد دور جي Crisis لاءِ قمر "تيل" جو تز (Accurate) اهجاڻ ڪتب ٿو آڻي. جتان ڪٿان تيل جو ڳاڙو آهي - ۽ "پاڻي" جيڪو جياپي جو اهجاڻ آهي، ان جي بوند به ڪانهي. سنڌ ۾ تيل جو ليڻ ۽ ان تي ڌارين جو قبضو - بين الاقوامي سطح تي تيل جي سياست - ڪالاباغ ڊئم اڏي سنڌ کي رڻ پٽ ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش.... انهيءَ سموري صورتحال جو قمر انتهائي گهرائيءَ سان مشاهدو ڪيو آهي ۽ ان مشاهدي کي ڏاڍي دردمنديءَ سان اکرن ۾ اکيليو آهي:

ريتيءَ جي رڻ پٽ ۾ ٻيڙي،
بيني آهي صدين کان،
سڙهه سمورا ڇيهون ڇيهون،
رڻ پٽ سارو ريهون ريهون.

چئن ڏسين رج، اُج ۽ سج آهي – پر ريهون ريهون رڻپٽ ۾ ڇيهون ڇيهون سڙهه سان به ٻيڙيءَ واري کي ونجهه نه هلائڻو ئي آهي! ڪوي به هڪ ناڪئو آهي ۽ ان کي قلم سان ئي ڏاڍ جو سر قلم ڪرڻو آهي:

ڏاڍ سان ڏات رهي ته نه سگهندي.
نئين يگ جي ڪوتا جي اُپ تان آس جو سج ڪڏهن به نه ٿو لهي:

أپ منجهان اڄ خون وٺو آهي،
آڪاسن تي ڪير ڪنو آ.

۽ ائين نظم هاڪاري پڄاڻيءَ تي رسي ٿو. قمر جا اهڙا ڪيترائي اهڃاڻي نظم آهن، جيڪي اهڃاڻي شاعريءَ جي ڏس ۾ نهايت اهم آهن. جهڙوڪ "هوشو شيدي" ۽ شايد سنڌ جي تاريخ جي ان سورمي بابت پهريون مڪمل نظم پڻ آهي. يقينن ترقي پسند دور کان پوءِ نئون يگ اچي ٿو - اجا به هيئن ڪٿي چوان، ته نئون يگ ترقي پسند دور مان ئي ڦٽي نڪتو آهي ۽ ان دور جا سرواڻ سرجهاڻ به اهي ئي هئا، جن نئين يگ جو سرجڻ ڪيو؛ پر نئون يگ ترقي پسند دور کان ان ڪري مختلف ۽ اهم آهي، يگ جوان جي شاعريءَ ۾ ملير جي مٽيءَ جي مرڪ آهي - اوپرائپ بدران پنهنجائپ آهي. رڳو مقصد تي زور ڏيڻ بدران نئين يگ جي شاعريءَ ۾ "مقصد ۽ فن" جو حيرت انگيز سنگم آهي:

پلڪن تي آنسن جا موتي
شعلي تي شبنم جا ٽيرا
جڻ ڪا ليلان
نير وهائي، پاڻ پلائي، پڇتائي،
ڪونئرو آڏو بيٺي آهي
هار ڇني
داٽا ڦهلائي!

--

سچ جي خاطر
جو سوريءَ ڪي سينگار مڃي
مان سو عيسيٰ، مان سو هوشو
مان ئي راءِ ڏياچ!

اها اندر جي پيڙ آهي، جيڪا اڄ جي راڳيءَ سرن ۾ پلٽي چڙي آهي:

راڳي!
تنهنجي سُر ۾
کهڙي پيڙا جاڳي!

قمر به ٻاهر ڏسڻ بدران پنهنجي اندر ۾ ڏٺو / ڏيکاريو آهي؛ اُڃا ترائيءَ بدران گهراين کي ڇُهيو آهي ۽ ماڻهوءَ جي مهانتا کي ڳاتو آهي؛

هي گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اُجرو ناهي.

قمر نئين ڪلاسيڪل يگ جو اهو سرجڻهار آهي، جيڪو "آڳ اکين ۾ راڳ چپن تي" ڪٽي، اسان ۾ "اجهل آئيندي" جو اٽل وشواس جاڳائي ٿو:

آئيندي کي ڪنهن نہ جهلو آ

اهڙو آئيندو، جنهن ۾ زنجيرن جا زنگ لهندا. سچ جي سوڀ ٿيندي. ڪوڙ جا ڪوٽ ڪرندا ۽ مارئي ملير موٽندي. ڏاڍ ڏهڪاءُ انڌ انياءُ جي پڄاڻي ٿيندي. قمر اهڙي ئي اجري آئيندي جي ٻاڪ جي ساک ڏئي ٿو:

پنهنجي ئي پاڻي ۾ پلجي
ٻار وڏي ٻلوان ٿي ويندو
اوپر ڪان جو ٻاک ڦٽي آ
اجيارو ايوان ٿي ويندو

قمر جي شاعري کي پڙهندي، خود مون ۾ به نئين سنئين هڪ پيرو وري سنڌي ٻولي ۽ سيتا جي ڦهلاءَ ۽ ڦلار جي ڏس ۾ اٿاهہ اُتساهہ پرجي ويو آهي-

قمر جي شاعريءَ جا ٻيا به انيڪ گڻ آهن، جهڙوڪ اندروني ڪافين جو سٽ سٽاءُ، ٻوليءَ جو ميناج، تجربي جو ساهس، لوڪ.ڪلاسيڪل صنفن جو پنر جنم – خاص ڪري "شڪارپور جي شام" وارن لاڳيتن بيتن تي الڳ سان لکڻ پئي گهريم – يا قمر جو اتهاسڪ ۽ آفاقي رنگ.... پر اهو سڀ سنڌي شاعريءَ جي

سڄاڻ پڙهندڙ تي ٿو ڇڏيان، تہ هو پاڻ انهن گڻن جو کوج ڳولي لهي، پر "شڪارپور جي شام" مان هڪ بيت ضرور ڏيڻ چاهيندس:

سهڻا ماڻهو سنڌ جا، پاسي تي پهراڻ،
ڳالهيون ڳهيون جون، موتين جا چڻ ماڻَ،
سانجهي مهل سُڄاڻ، مڙي آيا مَچَ تي.

اڄ جڏهن سنڌي ٻولي، سيپتا ۽ قوم لاءِ ڏينهون ڏينهن انيڪ نوان خطرا جنم وٺي رهيا آهن - سنڌي اديب توڙي عوام ڇڙوڇڙ آهن- شاعري سهل پسنديءَ ۽ فيشن پرستيءَ جو بک تي چڪي آهي - تڏهن قمر جي شاعر مومل جهڙي ماڳ ماڻڻ لاءِ جاکوڙڻ تي آياري ٿي. نئين يگ جي سرجڻهارن جيڪو "نئين سنڌ" اڏڻ جو سپنو ڏٺو هو، مان اُن کي ساپيان ٿيندو پسي رهيو آهيان:

مون کان پوءِ ڪو ميندرو، چانگي تي ايندو،
سورهيہ ساري سنڌ جا، نيهي سپ نيندو،
آخر اڏيندو، ٻيهر نئين سنڌ کي.

**_ امداد حسيني**

17-2-1988ع                چام شورو - سنڌ

# دوها ۽ بيت

## بيتَ

جيونَ آهي جوت، پل ڪن لئہ مهمان،
اوت، منا، تون اوت، متان وسامي وڃي!
****

تون ئي منهنجو گيت، تون گيتن جو پڙلاءُ،
سائين، هيءُ سنگيت، توريءَ سُجو ڀانئيان.
****

گهوُرن جو گهايل، گهايل منهنجو جيءُ،
سائين، هي سائل، سائل تنهنجيءَ سونهن جو.
****

ٿَڪا ٿَڪا نيڻ، سُڪا سُڪا ساهہ،
رڪي رڪي روح مان، اُڌامي ٿي آهَ،
اڙي او الله، سگهو آڻج سوجهرو!
****

منزل نڪو ماڳ، اسين آديسيئڙا،
ٻري ٻنڌ اَجهاڳ، آڪيرا آڪاس ۾.
****

جهُڙ ڦُڙ جي جهونگار، ساوڻ جهڙي سونهن،
ورهين جي ورونهن، پل ۾ ٻَسائي وئين.
****

ڪاتي آهہ ڪَنار، ڪاتي آ وهہ جو وٿو؟
ڪونڌر ڪسنداڪات سان، سرڙو ڏڙئون ڏار،
ٻاروچا ٻيهار، سُوري ساري هليا.
****

ڳاتن جو ڳاٽاٽُ، ڪانئر ڪيئن ڪندا،
اندر جو اُساٽُ، سمجهن ڪيئي سورما.
****

پري ناهي پنڌ، اوڳا چو آتو تئين،
توڙي ساٽو سَنڌ، تہ بہ هلٽو آهي هيج مان.
****

انڌا اونڌا ويچ، لولو لنگڙو لوڪ،
ڪاتي جَنين ڪاڄ، سوري جنين سيج،
اُتي کهڙا ڇيچ، جتي روح نہ رهي راتڙي.
****

زنگ لڳازنجير، ڪَٽُ هاٽا پيڪَڙا،
ملهائي مَهمير، ڇِني ايندا چالَ سان.
****

ڪيسين ڪاري رات، ڪيسين هيءُ ڪَلور،
پرهہ ڦٽي پريات، ڪيسين رهندي دور،
جهَڪي تي آ جهور، اونداهي انياءُ جي.
****

پگهر پورهيت جو، پاڻي ناهي، او پرين!
ڦُڙو ڦِري اوچتو، شعلو ٿي ويندو،
سَڙي ساڙيندو، سجي هِن سماج کي.
****

اَنڌا اُونڌا ويچ، گونگا ٻوڙا گيت،
سڻندا ڪيئن سنگيت، ماري جَنين من ۾!
****

هڻ ڪڻ جهڙو هٿ، واڳُونءَ جهڙو وات،
ڪاسائيءَ جو ڪات، ماڻهو تنهنجي من ۾.
****

منهنجا منڙا ڏيهه، سانگي تنهنجا سادڙا،
ڪتوريءَ جان ڪيهه، ساندين تنهنجي ساهه سان.
****

گپن گاڏڙ گوڏ، واريءَ هاٿا وارَ،
توڙي هيٺا پار، تہ بہ ڊاهيندا سين ڊوهه کي.
****

اُڪيڙي اَنياءُ، ساڙي چڏ سماج،
ڏکيو ۽ بکيو رهين، اُپائين اناج،
ڪَسي وٺ تون تاج، سهي سهندين ڪيترو؟
****

اجا ٻہ الله، ڏسندين وينو ڏيکَ،
سيج سُتو هڪڙو، ڳاهي پيو ٻيو ڳاهہَ،
ٿاهينداسين راهہَ، لاهي سانگو سر جو.
****

سڌي ٿو ساٽيهہ، ٻيجل ٻيهر آءُ،
سموهي سُرود کي، وري وارج واءُ،
اڄ تہ هي اَنياءُ، پاڙان ئي پٽي ڪڍون!
****

ڌرتي ساري دانهن، اُپ سڄو ئي آڳ،
مانجهي تنهنجا ماڳ، ڪهڙي ڪُن ۾ نهوڙيا.
****

جَلي اُٿي جوت، نمي آيو نُور،
جهَڪي ٿي آ جهُور، اونداهي اَنياءَ جي.
****

موٽيو آهي مورڙو، هوشوءَ ڪئي هڪل،
سنڌڙي تنهنجا سورما، آيا ڄاڻ اجهل،
مٿيءَ منجهہ محل، ڪيرائيندا ڪوڙ جا.
****

رات رتوڇاڻ، ڌرتيءَ جا ڪي ڏِڳ ها،
مَنڊي ڇو مانداڻ، گهوٽن کي گهائي وئين!
****

راڻا کھڙيءَ ريت، ھي ماڳ آهي موھ جو،
پئسي ڪارڻ پريت، ور ور وڪامي پئي!
****

ڇُريو آهي چنگ، پَڙڪي اُتي باھ،
ساٿي، ڪَر ھو ڪاھ، ڪانھي ويل وھڻ جي.
****

اڪڙين جي آلاڻ سان، ڏوئي ڇڏ تون داغ،
ٻَريا ھي چراغ، ڪيسين جلندءِ جيءَ ۾.
****

لال رتا راڳا ڏئي، جھنڊا جھُولايو،
ڏونگر ڏاري راھ جا، وڪون وڌايو،
ڪِرو ڪيرايو، سورھيہ ساري سوڀ ڪي.
****

ڪيرائي ڏي ڪوٽَ، ڇِني ڇڏ زنجيرَ،
اڙي او اَسيرَ، تون لھين لکين ماڻھو!
****

وريو آهي واءُ، اَڏيون ھيو عالم،
ظلم ۽ ظالم، رھي رھندا ڪيترو؟
****

جڳمڳ جليا ديپ، جَرڪيو آھ جھان،
جاڳيو آ انسان، سھسين ٿيندا سوجھرا!

****

توڙي ڪاري ٻاٽ، توڙي اوکو ماڳ،
ٻاريندا سين، ساٿيو، آنڌيءَ ۾ ٻيي لاٽ،
ملي ويندي واٽ، متان يَر ماندا ٿيو!

****

ڪانگو جا اوڪارڙا، متان ٿئين مَلول،
محنت تنهنجو ماڳ آ، محبت رکج مول،
الفت جنهن اُصول، سو مريِ بہ اَمر رهي!

****

رڱي چڙيئي رت سان، ڪوٽ ڪڙا ۽ ڪِيرَ،
ظلمت جا زنجيرَ، روڪيندا ڇا روح کي!

****

قيدي اَهي ڪوٽ ۾، ازل کان انسان،
الفت ۽ ايمان، ڏکيو ليي ڏيهہ ۾!

****

باغي ڙي باغي، باغي ٿيو پنيور،
ڪيسين ڪو ڪمزور، قيدي رهندو ڪوٽ ۾!

****

مونکان پوءِ ڪو مينڌرو، ٻيهر ٻيي ايندو،
سُڏڪي سَلِيندو، ڳُجهہَ انهيءَ ڳالهہ جا.

****

ٻُڪَ پئي باهي، ٻيهي وچَ ٻزار ۾،
سُورن وارا سيڪڙون، سينو ڪير ساهي،
اهڙو ڪو آهي، جو ڏڪ لاهي ڏيهہ تان؟
****

اهڙو ڪو آهي، جو ماڳ پهچائي مارئي،
ڏاڏاين ۽ ڏاڏ جا، ڪوٽ قلعا ڍاهي،
اولاوا لاهي، ڏکين ڏوٿيئڙن جا.
****

پُڇي ٻائِج پيرُ، پوءِ متان روئين رت،
دودو جو دليرُ، ڪيندئي ڪانُ ڪپار مان.
****

سنڌڙي تنهنجا سورما، سوريءَ تي چڙهندا،
پوءِ ٻي نہ پڙهندا، ڪلمو ڪڏهن ڪوڙ جو.
****

ڌَرَ اُتِي ڌڌڪا ٿيا، مچي ويو مانڌاڻُ،
سي ڪيئن سڏجن سورما، سِرُ جنين کي ساڻُ،
مٿو آهي ماڻ، سوڊا تنهنجي سوڀ جو!
****

سَرُ اُٿيو، سٽڪو ٿيو، ٻري ڪريو ڪنڌُ،
ساٿي اهو سنڌُ، لتاڙِن تہ لالُ ٿئين.

****

سوئي رام رحيم، سوئي ٿيو ڀڳوان،
الا، هي انسان، اکرن ۾ اُلجهي ويو!

****

ڏکن ڏڌو ڏينهن، راتين جو رولا،
ڳيي جي ڳولا، سدائين آ ساهه کي.

****

ڌرتي تنهنجي ڌيءَ، در در وڪاڻي،
ننگي نياڻي، پئسي لئه پِنندي وتي!

****

ٻي پاڙيءَ جو ٻار، سَهي ڪينءَ سُهاندڙو،
ڏائڻ اڳيان ڏارُ، سڙي ويندو سوڪَ تي.

****

ٻي پاڙي آ باغ ۾، ٻچو ٻچو پاءُ،
ساوڪ جو سماءُ، متان سونهن سڙي وڃي.

****

رڻ مان کهڙو روڄ، اُڏاڻو آڪاس،
ريت نه آئي راس، موتئي جي مهڪار کي.

****

تارن ۾ تارا وجهي، تَڪيم راڻي راهه،
سُتا سپئي ساهه، نينهن ويري ننڊ جو.
****

وڪريل منهنجا وار، گهاٽا منهنجا گهاءَ،
سالن جا سوداءَ، ڪُلي پيا ڪن ۾.
****

انڌيارو آڪاس، ساٿو منهنجو ساهه،
پاڳل منهنجي پريتڙي، چريو منهنجو چاهه،
پويون آهه پَساهه، سِگهو پهچ، او پرين!
****

سڏڪي پيا سنگيت، آسون اُجهاڻيون،
راڻيون ويڳاڻيون، راڻا تو ريءَ روح جون.
****

چمڪي آ چانڊاڻ، مشڪي آهي ماٺري،
پرڏيهي منهنجو پرين، اِجهو آيو ڄاڻ،
منهنجو من مهراڻ، ڇولين جيئن ڇُلڪي اُٿيو.
****

من ـ مندر جي مورتي، اُٿي اڪيون ڪول،
ٻول ٻه ـ ٽي ڪي ٻول، لهي اُڃ ازل جي.
****

ديوي! تنهنجو داس، جهلي بيٺو جهول،
أٽي اکيون کول، لهي أَج ازل جي.
****

آڌيءَ رات اگهور، ستا سيئي ساهه،
گهوري ڪوئي راهه، روئي روئي رڄ ۾.
****

وڻ وڻ ۾ ويٺا وڃي، پن پن ۾ پڙلاءُ،
رَچي رَچي روح ۾، گهرو گهرو گهاءُ،
سانول! سَنجهي آءُ، آسائتي آهيان.
****

تاريءَ تاريءَ ٻُور، لالڻ جهڙو لاڏ،
پرين، تنهنجو پُور، تو جئن تڙپائي ويو.
****

ترسن پيا تارڙا، لڇي پئي لاٽَ،
رکي رکي رُڃ ۾، گهورن وينا گهاٽَ،
ويندڙ تنهنجي واٽَ، واجهائيندي ورهيه ٿيا.
****

مان راهي تون راهه، مون کي تنهنجي تات،
مان چارڻ تون چاهه، ڳايان تنهنجون ڳالهڙيون.
****

لڱين لوهه لهي، هٿين لهن هٿڪڙيون،
ماڻهوئڙي جي ماس تي، ناهه نہ ڪو نهي،
ريڏو روح رهي، شل ڪانڌ نہ رهن ڪوٽ ۾.
****

ڪانڌ نہ رهن ڪوٽ ۾، جانب جيئندا هونِ،
نہ ڪي راتيون رونِ، نہ ڪي ڏکيا ڏينهڙا..
****

ڪانڌ نہ رهن ڪوٽ ۾، گيت نہ ٿين گهايل،
انهن لئہ، آيل! بر ۾ ٻاريم ٻاهڙي.
****

بَرَ ۾ ٻاري ٻاهڙي، ويٺي ورهيہ ٿيا،
سورهيہ منهنجيءَ سنڌ جا، کهڙي پار ويا،
مُرڪي ماڳ پيا، سوڍن جي سنيهہ سان.
****

ڪبوتر ڪوئي، نياپو آڻج نينهن جو،
بيٺي آهيان ٻانوري، ڪُڏُ مٿان ڪوئي،
رتل ڪي روئِي، مجايان ڪيئن ماٺ ۾!
****

پرين پنڌ پيا، جهڙا هنج تري هليا،
مُگري جهڙا ماڻهو، ڏئي ڏُک ويا،
ڏُکي داغ پيا، جڏهن ڏنائون ڏاڍ مان!

****

# شڪارپور جي شام

آءُ سياڳي شام، جيڪا گذري "سِنڌ" تي،
سورج جي ڪا لام، جهولي پئي جيءَ ۾!
****
آءُ سياڳي شامَ، پپل هينئان پريت جي،
جاڳي اُٿيا جامَ، اڪڙين سنڌيءَ اوٺ مان!
****

"سِنڌ" مٿي ڪي سندريون، ڇَھ ڇھَ چاڳا ڪن،
هٿين پيرين ميندڙي، لائي پيون لچڪن،
ڳاڙها ڳل سندن، ڇهرا چاٽان چنڊ جا!
****

موتيو موتيو مُرڪَ، چوٽو چنبيليءَ سان،
سوپيا جي ڪا سُرڪَ، اڪڙين مان اوتي پيان!
****
باغن ۾ پنيوريون، نَچَن ٽِپَن ناز مان،
اهڙيون ڪي ٿوريون، ڇھڪ نہ جن ڪي چاھ جا!
****

لڪِي دَرَ تي لوڏُ، گيتن جو گهراءُ،
اَچا اُجرا سپرين، ڦِيڻِ پريو ڦهلاءُ،
گهوٽَ اهو ئي گهاءُ، روڳِي روح ڪري ويو!
****

لَڪِي دَرَ تي لوڏَ، گورين جي گونجار،
ڪَنڊي ڪارائيءَ ۾، ونگيل واسيل وارَ،
ساڙهيءَ مٿان سِجَ جي، ترڪي پوئين تارَ،
سرتيون ساري سارَ، نڪري پيون ناز مان!
****

سهڻا ماڻهو سنڌ جا، پاسي تي پهراڻَ،
ڳالهيون ڳهيرن جون، موتين جا چڻ ماڻَ،
سانجهيءَ ويل سجاڻ، مِڙي آيا مَچَ تي!
****

جهوُنجهڪڙي جي جهانءِ، سُريلا سنگيتَ،
چؤچاڪيءَ گاڏيءَ ۾، گهُلن پيا گيت،
موتئيءَ جهڙا مِيتَ، گهورن سان گهائي ويا!
****

# دوها

چَرَ جو چوهُ گھٽو هو پوءِ بہ مانجھي ڪين مڙيا،
لهر لهر ڪي جن ليٽايو، جانب سي ئي جڙيا!
****

سُوريءَ جو سينگار جَنِين يَرَ وري ۾ ورتو،
ڏيهہَ گھٽو ئي ڏاڍ ڪيو، پر يارُ تنين پرتو!
****

انگ اُگھاڙو، پيٽ بکيو ۽ راتيون جي جاڳن،
هيري - ڪاٽيون تن جي من ۾، سچ جو سودو ڪن!
****

جهونِي ڪاني، مَڪڙي ماني واڳون آ ويري،
پوءِ بہ لهرن ڪي ليٽائي، جاڙ پُڳو پيري!
****

رات انڌيري رهندي ڪيسين، نيٺ اجالو ٿيندو،
سڪ جو سرج جاڙ تہ اپريو، منزل جو ڏس ڏيندو.
****

سنڌڙيءَ خاطر ڪو سودائي آيو ٻيهر ٻاڻُ ڪٽي،
ڪلهہ جا سپنا، اڄ جون يادون سورهيہ آيو ساڻ ڪٽي!
****

آڏي ٿي، آواز نہ آيو، چارڻ چنگُ اڪيلو آ،
ڏڙڪ نہ ڏرتيءَ جي دل هاڻي اڇٽو سويلو آ!
****

دل جا داغ ڀلا ڇا ڏئندين، يادن کي ڇا ميٽيندين،
ساهَ ساهَ ۾ چاهُ ئي ڇپيندءِ، چاهت کي ڇا ڇپنيندين؟
****

پتنگ بنجي مان پچران، لا! تون بہ نير وهاءِ،
ويل وري نا اچئي آهي، پل پل کي پرياءِ!
****

نچندو نچندو، لوءَ تي لُڇندو، ايندو آهي پتنگُ،
دل دل ۾ ديول جي سوپيا، دل جو ڪهڙو رنگُ.
****

ڪنهنجو ڪنهنجو گهاءُ ڏسي ڪو، ڪنهنجي ڪنهنجي گهور،
پل پل هتڙي پنهنجو ناهي، پاڇولا ۽ پُورَ!
****

منهنجي دامن ۾ تو جهاتين، گهائن کي ڇا گهوريندين،
پاڇولن جا پُور پراڻا، پريتم ڪهڙا پُوريندين؟

****

ريت تہ ريتيءَ جي ٻيت آهي، جاڻ ڀُري، ها جاڻ ڀُري،
پريت تہ آهي وڄ - وراڪو، پل ڪن ۾ اُڀ تي اُڀري.

****

سچ کي سوري چاڙهين وينا، ڀوريءَ جا اڄ ڀاءُ،
سَرِ سَرِ سِرڙا سانگي ڏيندا، ماندي ٿيءُ نہ ماءُ.

****

ڏَهَ ڏَهَ ڍهندا ڪوٽ پراڻا، ڇڄندا هي زنجيرَ،
جاڻَ اسانجي ٻانهَ ۾ آهي، بدليندو تقديرَ.

****

ٻاهِ جڏهن ڀنڀور ۾ ڀڙڪي تَنُ تَنُ تڙپي اُٿندو،
ساهَ ساهَ ۾ چاهُ سنڌوءَ جو، لنوءَ لنوءَ ۾ ڀيو رچندو.

****

ڪيسين ڪوٽ اڏيندو رهندو، ڌرتيءَ جو دشمن،
انگ انگ ۾ آڳ لڳي آ، تڙپي ٿو تن مَنُ.

****

جُڳ جُڳ ۾ آ جلندو آيو، هن ڌرتيءَ جو ڌيان،
ڪيسين سهندو، ڪيسين رهندو،جاڳ اُٿيو انسان.

****

پٽيءَ پٽيءَ کي پوڇيو آهي، سنڌڙي منهنجي ساهَ،
تنهنجي مٽيءَ ۾ ئي مرڪن، ڪي ئي سامي شاهَ.
****

جيجل ڀيجل آيو آهي، چنگ چڙا اڄ ساڻ کڻي،
سچ جي ڪارڻ موڪل ڏي تون، سرڙو ڏيان مان راهِ ٻڌي!
****

باندي ٻڙڇي بنجي ويندا، تَنُ تَنُ ٿيندو تِيرُ،
تنهن جو سينو چيري رکندا، پيسو جنهن جو پِيرُ.
****

وڏندا پاڇا، لهندي ڇايا، ههڙي دنيا ڪنهنجي مايا،
اوپر ڪان جو باکَ ڦٽي آ، مستانا ڀي ڄاڻ تہ آيا!
****

توسان نينهن لڳائي پاتم پل پل جا پڇتاءَ،
تنهنجون يادون سيني ۾ ڄاڻ گهڙيءَ گهڙيءَ جا گهاءَ.
****

تنهنجي اکڙين مان ئي اوتي، جانب! پيتم جامَ،
وار ڇڏيا تو ڇوڙي، منڙا شرمائِي آ شامِ.
****

سنڌو، تنهنجيءَ لهر لهر ۾ منهنجا گيت سمايا،
تنهنجي ڇولين ۾ جا ڇَلڪي، سائي منهنجي ڇايا.

****

ڪنهن سان نينهن نڀائين وينو، بادل، منهنجا ياءَ،
منهنجي سيني ۾ پيي تو جئن ساجن جا سڄ گهاءَ.

****

پرينءَ پڄاڻا من هي پياسو، پل پيي چَين نہ پائي،
رات جي راهين کي ڇا ڪوئي من جو ميت بڻائي.

****

تار ٽُٽا من – ويڻا جا، مان ڪيئن جيئان هئہ ڪيئن جيئان،
پيار بنا وهہ جيون-امرت، ڪيئن پيئان هئہ ڪيئن پيئان.

****

سِر جو سُر سان سَنگ رهيو، ناگل ۾ خوشبو باقي،
پيار بنا ميخانو موڳو، سڏڪي وينو ساقي.

****

ڪاڏي مومل، ڪاڏي راڻو، ڪاڏي وئي سا ڪاڪ..
پيار پڄاڻا ديپ اُجهاڻا، اُڏي پئي ٿي خاڪ.

****

ڪوئل ڪوڪي تو لئہ سائين، سرنهن جهليو آ ٻُور،
موٽ منا هڪ وار تہ مرڪي دل زخمن سان چُور.

****

ڪاريون ڪڪريون شرمائينديون آيون هوري هوري،
دل تي ڇَهڪ نہ ڏي، او چارڻ، چنگ کي چوري چوري.
****

سانجهي آئي مانجهي ايندا، لهندا دل تان بار،
هوري هوري من تي ڇانئِي، ساجن، تنهنجي سار.
****

من کي مان پريايان ڪيسين، ڪيسين لڙڪ لڪايان،
ڄاڻان ٿو تون منهنجي ناهين، دل کي ڪيئن سمجهايان.
****

پري پري کان واجهائي ٿو، اڄ ڇا لاءِ پتنگ،
اڄ ڇو ويڙِا ويني روئي، چُپ ڇو آهي چَنگ؟
****

اڄ ڇو منهنجي من ۾ ڪوئي، مرڪيو ناهہ ڪنول،
بات بات تي ٻرجي آيون، اکڙيون هاءِ اجهل!
****

گنگا جمنا کان ٻي پوتر، هيءُ نيڻن جو نِير،
تِير ڇيوئي، وِير بڻايو، سنگم آهہ سرير!
****

پياسا پياڪا، هاريا ڳولي، مَڌ جهڙي کا مُنڌ،
هرٽيءَ جهڙي هوڏ جنهين جي، ساهن منجهہ سڳنڌ!

****

مَڏ جهڙي ڪا مُنڍ يلا ڇو ڳولي منهنجو جيءُ،
اڪڙين سان اڪڙين ۾ اوتي، چوي "چريا هي پيءُ!"

****

مَڏ جهڙي ڪا مُنڍ يلا ڇو ڳاراٽو ڳولي،
سهسين ساوڻ آيا، ڪوئي ڪيپَ اسان جا ڪولي!

****

پِرهه پِرهه ڪان پنڌ پچائي، آيس تنهنجي دوار،
منڙا ماٺهو، مُرڪي، ويهي، گهڙي اسان سان گهار،

****

منهنجي ويٺا ڪان پيي بيٺا، تنهنجا سُر، صنم!
ايندي ايندي رڪجي ويندا، قاتل جا ٻه قدم.

****

ڪو پَل آشا آتي آهي، ساعت آهي سنگ،
ڄاڻ ته آيا ڪارا سايا، اُڏري ويندو رنگ.

****

وڪري ويندا گيت خوشيءَ جا، وڇڙي ويندا يار،
پل پل تنهنجو پيار ڏنگيندو، ساعت ساعت سار.

****

تِرڪي ايندءِ ترَ تي آنسوُ، روئندين زارو زار،
منهنجون يادون بنجي ايندءِ، دل تي غم جو بار.
****

توئي چيو هو، "پريم امر آ"، پريت ۾ ڪهڙو پاڻ،
ڇا لئہ پاڻ لڪائي وينين، پِرين، هلائي ٻاڻ؟
****

لهر لهر ۾ نغمو ڇاپي، چولين ۾ چَن چَن،
سندر تارا سيج سَجائن، چنڊ بنيو دلهن.
****

تنهنجون يادون، منڙا سائين، ماڪ ڦڙا ڄڻ ڦولن تي،
البيليون ڄڻ وار ڪندائي، جهومي ڳائن جهولن تي.
****

تنهنجون يادون، جيئن سدائين، جگنوءَ جيئن جرڪن،
جهونجهڪڙي ۾ ديپ جلائي، ڄاڻ ڪو پياسو من.
****

تنهنجون يادون، منڙا ماڻهو! بادل جئن برسن،
هاءِ اجايل منهنجون اکڙيون، بوندن لئہ ترسن!
****

تنهنجون يادون موتيءَ داڻا، خوابن جي خوشبو،
رات اوهان جي ياد جو آئي، هِير گهُلي هرسُو.

****

اُڏري اُڏري ٽڪجي پوندين، ڪوهي ويهندين ڪنپ،
پيار ڏنا جي پنڇي توکي، ڏکيا لهن سي ڏنپ.

****

رات رئاري، ڇِڪيا چاڙهي، ڏِيل ڏُکوئي ڏنگ،
روح اسان جو ريت نہ ڄاڻي، دل ڇا ڄاڻي دنگ!

****

سونهن اوهان جي ساھ اسان جو، صدين جو آ سنگ،
توبن، سائين، مان ويڳاڻو، جئن چارڻ ريءَ چنگ.

****

در در تان مان دان مڱان، پرڪين ملي جو چاهيان،
ڪاش، ڪوئي هڪوار ٻڌائي، هاءِ الا، مان ڇا هيان!

****

مَڌ جهڙي ڪا مُنڌ پيلا ڇو ڳولي ڳاراڻو،
جنهن ريءَ موڳو ميخانو آ، ساقي آ ساڻو.

****

# وايون

لوڪ ڏني يَر ڪانہ لٿي،
ازلي منهنجي اُڄ، الا!

هينئڙو گهائل هرٽيءَ جيئن،
روح مڙيوئي رڄ، الا...

تون جي هيڪر هام هڻين،
پاپ بہ ٿيندم پُڄ، الا...

توبن، منڙا موتيئڙا!
ساوڻ پانيان سُڄ، الا...

*

اُڏران ها هُن پار،
ڪاش، مان ڪائي ڪونج هجان ها!

وَلَر ڪان وڇڙي، تڙپي تڙپي، تُنهنجي ڏيهہ پڄان ها...

تنهنجيون يادون دل ۾ سانڍي، تنهنجي لات لنوان ها...

اُڀ جي آڳنڌ تي پَرَ سوئي، تنهنجا پنڌ پڇان ها...

ٻن ٻن ڊِوندي توکي، منرا، نيٺ ڪٿي تہ لهان ها...

ڪاش مان، ڪائي ڪونج هجان ها!

*

مَڏ جهڙي ڪا مُنڌ، اسان جو
جيئڙو جهوري وئي ڙي يار!

ڇيلن جهڙا ڇال جنهين جا، واسينگن جان وار...

موتئي جهڙي مُرڪ جنهين جي، مکڙو ميگهه ملار...

اکڙين ۾ ڇولين جو ڇلڪو، ساوڻ جهڙا پار...

نيڻن ۾ سيڻن جا سپنا، خوابن منجهه خمار...

دور گهڻو ئي گهاري ليڪن، دل کان ڪهڙي ڏار...

*

**منهنجي مَن جو ميرو پاڻي، اُجلو تنهنجو تن!**

**پلڪون پنڇي بنجي مون کان اڏريو هاءِ وڃن...**

**گهائل بادل، ڇا لئه پاڳل، تنهنجا نيڻ ٺمن؟...**

**تنهنجون يادون، جهوُنجهڪڙي ۾ ، جڳنو ٿي جرڪن...**

**جاڳي جاڳي، وياڪل راڳي، تنهنجا گيت روئن...**

**وارَ وارَ سان هار اسان ئي ماڻي آهي سجن...**

*

مان راتين جهڙي رج، تون سڄڻ جهڙي سار، الا!
ڪيسين رهندين ڏار؟

تون ساوڻ جي بوند، مان تاڙي جي تنوار، الا!
ڪيسين رهندين ڏار؟

مان چڪوريءَ جو چاهه، تون چانڊوڪيءَ جي لار، الا!
ڪيسين رهندين ڏار؟

مان ڌرتيءَ جي ڌُوڙ، تون گلن جي گونجار، الا!
ڪيسين رهندين ڏار؟

تون ڪنوٽين جو چمڪاٽ، مان ڪڪر ڪارونيار، الا!
ڪيسين رهندين ڏار؟

*

تنهنجو منهنجو ساٿ ائين جيئن خاموشين جو خواب،
الا، هيءُ خاموشين جو خواب.

پل پل پرکي ڄاتم سائين، دم دم آ دولاب...

مُرڪ اوهان جي مَهڪي، منڙا، جهڙوڪوئي گلاب...

سُرهو سُرهو هو ساھ سندوءِ، جنهن جو ناھ جواب.........

نينهن نچيو آ نس نس اندر، رڳ رڳ آھ رباب...

منهنجي سونهن بنا، او ساجن، ساوڻ آهي سراب...

منهنجي جيون کي ٿو جهاتي، حيرت منجھ حباب...

*

تنهنجي چپڙن جي چُپات، ڪيئي افسانا پرين..!

هاءِ، هوريان ماٺ جي منهن مان وئي نڪري هي لات،
تنهنجي چپڙن جي چپات.

ڪنهن جي مُرڪڻ تي ڏنو مشڪي سموري ڪائنات،
تنهنجي چپڙن جي چپات.

چنڊ ڪي جيئن داغ پيارو، مون ڪي پياري تنهنجي تات،
تنهنجي چپڙن جي چپات.

رات تارن سان ڇُريل پوتي ڍَڪي پاتِي آ جهات،
تنهنجي چپڙن جي چپات.

منهنجي اکڙين ۾ اداسي، تنهنجي گهورن ۾ آگهات،
تنهنجي چپڙن جي چپات.

تنهنجي چپڙن جي چپات، ڪي ئي افسانا پرين-!

*

آءُ، اسان جي ويراني ۾،
ويهه گهڙي پَلَ ويهه، الا!

يادين جي وادين جو ڪوئي ڇيڙو ناهي ڇيهه، الا!...

ڏات اسان جي ڏيئڙي جهڙي، ڏائڻ جهڙو ڏيهه الا!...

ساوڻَ، منهنجي سيني ۾ آ سورن جو ساڻيهه، الا!...

سُوريءَ تي ئي منصورن سان سرچيو آهه سنيهه، الا!...

*

توکي ياد ڪري، او منڙا، اکڙيون ڀرجي آيون،
منهنجون اکڙيون ڀرجي آيون.

رات پُني آ، ڀيج ڀني آ، تو لئہ آس لڳايون
اکڙيون ڀرجي آيون.

سي ڪينءَ سپناڏسنديون، جي تنهنجي گهورن گهايون
اکڙيون ڀرجي آيون.

يادون منهنجون يادون ناهن، تو جيئن ٿيون پرايون
اکڙيون ڀرجي آيون.

صدين جو آ ساٿ، منا، سو پل ۾ ڪينءَ ڀلايون
اکڙيون ڀرجي آيون.

پل پل ڀٽڪن منهنجي من ۾ يادن جون پرڇايون
اکڙيون ڀرجي آيون.

آءُ، پرين، اڄ انڌيارين ۾ آشا – ديپ جلايون
اکڙيون ڀرجي آيون.

*

ڇُلندي ڇُلندي ڇير ڇِڄي،
روئندي رئندي رات ڀِڄي،

چُرندي چُرندي چپ چريا،
ٻُرندي ٻُرندي ٻول ٻُريا.

بيڪل تون ۽ وياڪل مان،
ڪاٿي آن تون، ڪاٿي آن؟

ڪاٿي آن تارن جا گمان؟
ڪاٿي آن تون، ڪاٿي آن؟

تاڙو بنجي مان ترسان،
بادل بنجي يا برسان،

خار هجان خوشبو ئي هجان،
توسان منڙا ساڻ رهان!
توسان منڙا ساڻ رهان!

*

رات چاندوڪيءَ رَتلَ، ڪا پَلڪَ ترسين تہ ها!

چنڊ جي چانڊاڻ ۾ ها مَچَ چاهت جا مَتَل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها.

گهُورَ جي گهراءَ ۾ ها ساهہ سالن کان سُتَل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها.

ڪنهن جي اکڙين ۾ ڏٺو مون توکي روئيندو او اجل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها.

مون چُميو ڪنهن چنڊ کي هو، سي پيارا هاءِ پَل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها.

منهنجي جهولي ۾ جهُليو هو چنڊ، ڪنهنکي کهڙي ڪل،
ڪا پلڪ ترسين تہ ها.

*

هيرن مٿ تي هوت وڄائي،
هَئه ڙي پوري، تنهنجا ڀاڳ!

جنهن جنهن سَچَ تي سِير وهائِي،
تنهن جا کھڙا ماڳ؟...

جيکي ٻيجل ٻيهر ڳائي، سي ئي منهنجا راڳ...

ڏرتيءَ جي دل دونهاٽيل آ، اُڀ وَسائي آڳ...

ڪانئر! تنهنجا ڪوٽ ڪڙا سپ، ڏهَ ڏهَ
ٽيندا ڏاڳ...

تيسين باندي باغي ٽيندا، جيسين ٽيندئي جاڳ...

*

روپو راند وڃائي وينو، سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو.

تون ڇا ڄاڻين، تنهنجي آئي، من تان غم جو بار گهٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو...

محفل ۾ مانڌاڻ متو آ، ڪير بچيو ۽ ڪير ڦٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو...

سوڍيءَ ريءَ سنسار سُڃو آ، لوڪو هاڻي لوڙهو لٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو...

هر سُو موتيو مهڪي پيو آ، شايد ڪِي منٺار مَٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو...

*

ڪو تہ هجي جو اکڙيون ڏوٽي، آنسو ميڙي، مالا پوئي،
ڪو تہ هجي جو پريم سموئي، دل جو درد ڇُپائي روئي،
ڪو تہ هجي، يَرَ ڪو تہ هجي!

ڪو تہ هجي مون ديواني سان، هن ويرانيءَ بستيءَ ۾،
ڪو تہ هجي!

سنگيتن جا سهڻا ساٿي، مون تہ وڃايا مستيءَ ۾،
ڪو تہ هجي!

نگر نگر جو ننگو ماڻهو، هوڏَ ڪري ٿو هستيءَ ۾،
ڪو تہ هجي!

پئسي ڪارڻ پوڄارڻ ۾ پيار وڃايو پستيءَ ۾،
ڪو تہ هجي!
يَرَ، ڪوتہ هجي!

*

**آس نہ آئي، راس، الا، مان موتي ماڳ وڃان!**

**جوش نہ روڪي، هوش ئي ٿوڪي، ڪنهن جي ڳالهہ مڃان؟...**

**منهنجا ميهر، توسان هيڪر، پيرو ڪينءَ پڄان؟...**

**تارن ڪان پيي دور گهڻو ئي، منزل دور اڃان...**

*

پَلَ پَرَ جي پهچاڻ، جيون گذريو جهونگاريندي.

پريت نڀايون پاڇولن سان، هاءِ، اسان اڻ ڄاڻ،
جيون گذريو جهونگاريندي.

ڦٽڪي ڦٽڪي نيٺ اجهاڻا، پڄري منجهه پراڻ،
جيون گذريو جهونگاريندي.

لَهَر لَهَر ۾ لڙڪ اسانجا، من ڀانيان مهراڻ،
جيون گذريو جهونگاريندي.

وقت اسانجو ويري ناهي، جيسين ساجن ساڻ،
جيون گذريو جهونگاريندي.

دور نہ وڃ تون ديوانن کان، پرين ڀري ڏي پاڻ،
جيون گذريو جهونگاريندي.

لاٽَ کان واٽَ ڀلا ڇا ڇُپندي، ڄمندي آخر ڄاڻ،
جيون گذريو جهونگاريندي.

*

## کهڙو ڪَنڌُ لڪايان توکان - مگَّٽا موتي آءُ!

هينئڙو هر هر اوڪانڊي ٿو، ٻيهر ٻول ٻڌاءِ،
مگَّٽا، موتي آءُ.

رات وهاڻي، ڏات اُڏاڻي، ڪونهي سُڌ سماءُ،
مگَّٽا، موتي آءُ.

تارَ تارَ مان، پارَ پارَ جو، پهچي ٿو پڙلاءُ،
مگَّٽا، موتي آءُ.

تنهنجي ڏرتي، توکي پَرتِي، مونکي منهنجو گهاءُ،
مگَّٽا موتي آءُ.

موت اسانکي مات نہ ڏيندو، پريت ناهي پڇتاءُ،
مگَّٽا، موتي آءُ.
الا! تون مگَّٽا موتي آءُ.

*

چئني پاسي ڄَر جو ڄارُ، آءٌ اڪيلو ٻارُ،
ڪهڙيءَ واهَ وڃان – مان ڪهڙيءَ واهَ وڃان؟

ڪوهن تائين ڪِيهاڙن جو آهي ڪارونيار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

ٻمر جي ٻاهُڙ گهر گهر ۾ آ، سوريءَ تي سنسار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

انسانن ۾ زهر ڀريل آ، تارونءَ تائين تار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين، اونده انڌوڪار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

ڀِيَ وڏا ۾ ڄڀ تکي، سي ڏرتيءَ تي ٿي بار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

جنهنجو سينو گهائل ناهي، سو ڪيئن منهنجو يار،
مان ڪهڙيءَ واه وڃان؟

چئني پاسي ڄر جو ڄارُ، آءٌ اڪيلو ٻارُ،
الا، آءٌ اڪيلو ٻارُ !

*

**ڪوئي آيو سنڌڙيءَ ڪارڻ سينگاري سنگيت – الا**
**جيجل ٻيجل آيو آهي.**

**ڪيسين ڏڪندي ڏات ڏمَرجي، ڪيسين گهُٽبا گيت – الا**
**جيجل ٻيجل آيو آهي.**

**جاڻ پڳاسين ڪوٺَ پراڻا، ماندو ٿيءُ نہ ميت – الا**
**جيجل ٻيجل آيو آهي.**

**ڪَليءَ ڪَليءَ ۾ ڪَرٿُ چُپيو آ، آخر ٿيندي جيت – الا**
**جيجل ٻيجل آيو آهي.**

**باندي بڙڇي بڌبا تو لئہ، ڌرتيءَ جا او دَئيتَ – الا**
**جيجل ٻيجل آيو آهي.**

*

**ڪين رڪياسين، ڪين جهُڪياسين، توڙي اوکو پنڌ**
**سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ!**

**پيار ڪي پجري ۾ جو پالي، تنهن جو ڪوريو ڪنڌ**
**سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ!**

**سهسين سورٿ جهڙيون پوءِ پيي، سورٿ سورٿ سَنڌ**
**سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ!**

**هڪڙو هوشو ماريو ليڪن، هوشو آ هر هنڌ**
**سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ!**

*

اڄ آڳ لڳي آکيري کي، يَرَ آڳ لڳي آکيري کي!

ڪک پَنَ ڪانا، رک ٿي ويندا،
دوست بچايو ديري کي....

ڏائڻ بنجي، ڪائڻ آيو،
بکيو باشو ڳيري کي...

زوراور سان زور لڙائي،
ٽوڙيو هيڪر گهيري کي...

جَلُ جَلُ جوتي، جيتي وٺ تون،
اوندهہ ڪار انڌيري کي...

سنڌڙي جي هڪوار سڙي وئي،
سِڪندين پوءِ سويري کي...

آڳ لڳي آکيري کي،
يَرَ آڳ لڳي آکيري!

*

گولي چوليءَ جهڙي چوهِي،
جاڻ کهاڙي ڪڙڪي ڙي.

گيدي تو وٺ ڀالا گوليون،
لڳ اسان جا لوهي ڙي

نوڪِي توسان ناهُ نہ ٿيندو
ڏاڏاڻن جا ڏوهي ڙي

تنهنجي ميري ڀاٽيءَ، سنڌو،
منهنجي دلڙي موهي ڙي

ساهن جي جا سرحد ڀاسي،
دل جي سائِي ڊوهي ڙي

نيٺ تہ منهنجي آور ايندين،
وسري ويندئي گوهِي ڙي

*

مچ مٿان ڪي سچ جا ساڪي، آيا ميڙو ناهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

ڪاريءَ ڪڪريءَ مان برسي، ڪالاٽ لهوءَ جي آهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

پنڌ پري آ، پنڌ پري آ، آءُ لاڳاپا لاهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

جيسين دم آ، غم ئي غم آ، سانت سکن جي ناهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

تنهنجي منهنجي اک جو اُلڪو، بينو سينو ساهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

اڄ جا سپنا ڪلهه جون يادون، کلندي چڙهنديون ڦاهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

مَڇ تہ ڏاڍو مچريو آهي، ٻَڇ تي بينو باهي،
ڪا ڳالهه مڙيوئي آهي.

*

پير پٿون هر پانڌيئڙي جا، منزل جو ڪو اير نہ پير!

وک وک تي واسينگ وراڪا، سمجهي رکجان پنهنجو پير
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

منهنجو جيءُ جوالا آهي، واچوڙن سان منهنجو وير،
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

سورٺ ڪي سمجهائڻ ڪهڙو، راهِ بنان سِر ڏيندو ڪير،
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

جنهن جي ويٺي جڳ ڪان بيٺي، ٻيرو سوئي آهہ ٻِهير،
پير پٿون هر پانڌيئڙي جا.

*

چانڊوڪيءَ جا چارا چائي، نيڻ تہ ڪوئي ايندو!

پريت جي ريت نرالي آ پر، ريڻ ڪُريت نڀائي،
نيڻ تہ ڪوئي ايندو.

منهنجي انڌياري هردي ۾ ، جيون جوت جلائي،
نيڻ تہ ڪوئي ايندو.

ڪنهن لئہ ڪانگُ لنوي ٿو جيڏي، ڪاتہ ڪٽي سمجهاٽي،
نيڻ تہ ڪوئي ايندو.

من جو پياسو پنڇي ڳائي، جهومي جهومر پائي،
نيڻ تہ ڪوئاي ايندو.

شام سويري جنهن کي ڳوليان، گهير گهٽيون واجهائي،
نيڻ تہ ڪوئي ايندو.

مِنهوڳيءَ جي هِيرَ ڀني لا! هِيرَ تي آڳ لڳائي،
نيڻ تہ ڪوئي ايندو.

چانڊوڪيءَ جا چارا چائي، نيڻ تہ ڪوئي ايندو!

*

ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڪجي پيو آ، هارايل انسان الا
موت منهنجو مهمان الا، اڄ موت منهنجو مهمان!

اونداهيءَ جي انت تري ۾ گهائل من جو گيان الا،
موت منهنجو مهمان!

ترَ جو تِڙڪو ڪونہ سُجهي ٿو، اونداهو ايوان الا
موت منهنجو مهمان!

پَل جي پاڇي ڪارڻ ماڻيم، سُوري سيج سمان الا،
موت منهنجو مهمان!

جيون جوالا ٻڻجي جرڪيو شعلن جو شمشان الا،
موت منهنجو مهمان!

هاءِ حياتي ڏنگُ ڏکن جو، سورن جو سامان الا،
موت منهنجو مهمان!

پريم امر آ، پريم تہ آهي ماڻهوءَ ڪان بہ مَهان الا،
موت منهنجو مهمان!
اڄ موت منهنجو مهمان!

*

تنهنجي اوسيڙي ۾ آهيان، آءُ ڪٽي اجل،
آءُ ڀي، او اجل!

جهوليءَ پاتم يادن جا، ڪي ڪومايل ڪنول،
آءُ ڀي او اجل.

پَنَ پَنَ جي پرڇائين جاڳي، جاڳيا پياسا پَل،
آءُ ڀي او اجل.

پيڙُ پيرَ ۾ پائي آئي، تنهنجي ياد منل،
آءُ ڀي او اجل.

اکڙيون جاڳن، اکڙيون روئن، اکڙيون هاءِ اَجهل،
آءُ ڀي او اجل.

خاڪ جا ٽيڙا بنجي اُڏريا، من جا ڪاڪ - محل،
آءُ ڀي او اجل.

تنهنجي اوسيڙي ۾ آهيان، آءُ ڪٽي اَجَلَ.

# گيت

# چنڊ رهين ٿو دور

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڌرتيءَ جا درد نہ ڄاڻين!

هِت هر آشا باندي آهي، بيوس ۽ مجبور،
چنڊ رهين ٿو دور.

هر مکڙي جڻ گهائل گهائل، هر گل ۾ ناسور،
چنڊ رهين ٿو دور.

صدين کان کو ساهُ سکايل، چاهت ۾ آ چور،
چنڊ رهين ٿو دور.

ساعت ساعت سوري پائڻي، منهنجو من منصور،
چنڊ رهين ٿو دور.

هاءِ! نہ ماڻيئہ چنڊ اياڳا، کنهن جو پيارو پُور،
چنڊ رهين ٿو دور.

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڌرتيءَ جا درد نہ ڄاڻين !

# هي پل پنهنجو آهي

هيءُ پل، منرا، پنهنجو آهي،
ايندو، تنهن جي ڪهڙي ڪل؟

ايڏو عرصو، چو ٿا ترسو،
گرجو، برسو، اي بادل!
هي پل، منڙا، پنهنجو آهي!

هوري هوري، ويٺا چوري،
سُوريِ سوري، آءُ سانول!
هي پل، منرا، پنهنجو آهي!

رات نِيائي، ڏات نہ آئي،
لات اسان جي ٿي گهائل:
هي پل، منڙا، پنهنجو آهي!

جوت جلي آ، هوت هلي آ،
موت جهلي آهي منزل:
هي پل، منڙا، پنهنجو آهي !
ايندو، تنهن جي ڪهڙي ڪل؟

# منهنجو پيار

منهنجو پيار پکيئڙي جهڙو،
رڻ ۾ راتيون ڳولي ڳائي-
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي.

منهنجو پيار سمونڊن جهڙو،
موجن ۾ مچلي، مسڪائي-
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي.

منهنجو پيار بادل جهڙو،
ساوڻ سهجي جل برسائي-
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي.

منهنجو پيار آ ماک جا ٽيڙا،
گونچن کي جو گلي لڳائي-
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي.

منهنجو پيار ٻاٻُري ڪَنڊِ آ،
جو ڀي پائي، گهاءَ پرائي-
جيءَ ۾ ڏس تون جهاتي پائي.

# هاءِ پرانهون پَنڌُ

هاءِ، پرانهون پَنڌُ،
پکيئڙا کھڙي پار اڏاٽا – وو!

ڏرتيءَ جي دل ڄاڻ تہ دهلِي،
اُڀ جا ديپ اجهاٽا – وو!
هاءِ، پرانهون پنڌ.

اک اک آلي، من منماندو،
جاڳيا گھاءَ پراٽا – وو!
هاءِ پرانهون پنڌ.

ڏاهہَ کسي جن ڌنپ ڌنا ها،
سي ٿي ساه سيباٽا – وو!
هاءِ، پرانهون پنڌ.

نيٺ تہ منزل ڳولي لهبي،
سَنڌ گھٽوئي ساٽا – وو!
هاءِ، پرانهون پنڌ.

پکيئڙا کھڙي پار اڏاٽا – وو!

# هاريو پنڇي

کنپ ڪِنڌيڙي، پرڙا ڪولي،
هاريو پنڇي، ڪنهن کي ڳولي

پاڳل، جنهن لئہ آس لڳائي،
چنڊُ وسي سو ديس پَرائي.

پوءِ بہ تڙڦي، پوءِ بہ ڳائي،
پاپيءَ سان ٿو پريت نڀائي.

جيڪو گهائي، جيڪو رولي،
هاريو پنڇي، تنهن کي ڳولي.

# ڪونج اڪيلي

ڏينهن تتي جو تنهڙ اس ۾ ، ڪونج اڪيلي، هاءِ ڳهيلي،
ڪهڙي پار اُڏاڻي آ؟

هن ڌرتيءَ جو سينو ساڙو،
زخم ٻه گهرا، گهاءُ پراڻو،
وڪ وڪ تي واڇوڙو وچڙي،
پل پل اڪ ۾ پاڻي آ –
ڪهڙي پار اُڏاڻي آ؟

ساري جڳ جو سُور ٻه ڏوکو،
ويجهو ڏوکو، ڏور ٻه ڏوکو،
جنهن جنهن ڪاڪ محل تي ڪاهيو،
تنهن جي ويل وهاڻي آ –
ڪهڙي پار اُڏاڻي آ؟
ڪهڙي پار اڏاڻي آ؟

# او پنڇي!

نيليءَ نيليءَ گهرائيءَ ۾،
جهومي جهومي گيت سڻائين:
پنهنجو من – پنڇي آ گهايل
گهايل ڪي ڇو ٿو تڙپائين.

ڪنهن جي آشا من ۾ اوتي،
پيار ڪڏهن توپي ته ڪيو هو:
ڪنهن جو پريم پيالو پي، تو،
ڏيهه ڇڏي پرڏيهه مَيو هو.

آشائن جا ديپ جلائي،
مان پي ڪنهن جو آسي آهيان:
جيون ڪي جنجال بنائي،
او پنڇي مان پياسي آهيان.

لڙڪ لڪائي، آهَ دٻائي،
ڪنهن ڪي منڙا گيت سڻايان؟
سيني ۾ سَوَ گهاءَ ڇپائي،
ڪنهن سان ويهي مُنهن مرڪايان؟

# سڏڪي سڏڪي رو!

ماري ماري هليا، هيءَ ڪونج ڇلا ڇو؟
رو رو منهنجا روح، سُڏڪي سُڏڪي رو!

جنهن کي موت نہ ماري سگهيو،
مان سوئي ڇاڇو!...
سُڏڪي سُڏڪي رو!

هاءِ نہ ڄاتم، جنهن کي ڇاتم
وڇڙي ويندو سو!...

ساوڻ، منهنجي آنسن کي،
تو ڇو نہ سڃاتو!...

مينهن وُٺا، او نينهن مُٺا،
مان توکي ڳوليان ٿو!...

مومل! تنهنجي ماڙي کي،
راڻي ئي نہ ڄاتو!...

گهائل هرڻي، تو جيئن منهنجو
من ڀي آ ڀياسو!...

# منهنجي جيءَ ڪان تہ پُڇ

چنڊ رات!
چنڊ رات!
اڄ ڪٿي تون ئي پاءِ،
منهنجي جيءَ ۾ بہ جهات.

چنڊ رات!
منهنجي پيار جي پناهہ،
تنهنجي لازوال لات.

چنڊ رات!
تنهنجي روپ مان رڱي،
منهنجي بي پناهہ ذات.

چنڊ رات!
تنهنجي مرڪ ڪي ڏسي،
موتئي مڃي آ مات.

چنڊ رات!
منهنجي جيءَ ڪان تہ پڇ،
ڇا نہ آهي تنهنجي تات!
چنڊ رات!
چنڊ رات!

# وس او يار!

وَسُ وَسُ منهنجي ويراني تي،
اڄ تہ ڪٿي تون وَسُ او يار!

ڪنهن نہ رنو، او ڪنهن نہ رنو،
آنسن جي افساني تي!
اڄ تہ ڪٿي تون وس او يار.

ڪينَ سري، تون آءُ وري،
مهر ڪري مستاني تي:
اڄ تہ ڪٿي تون وس او يار!

رات پُني، پر ڪانہ رُني،
پل پير لئہ پرواني تي:
وس وس منهنجي ويراني تي،
اڄ تہ ڪٿي تون وس او يار!

# اُپ جي اک چوآلي

اُپ جي اکِ چو آلي آهي-
وج ڀلا ڇو هَر هَر تڙپي ؟

ککرن جي کيهُن ۾ کهڙي
اڄ ڪا بات نرالي آهي-
وج ڀلا ڇو هَر هَر تڙپي ؟

پلُ پلُ سوريءَ وانگر سمجهي
رات اسان ڀي جالِي آهي-
وج ڀلا ڇو هَر تڙپي ؟

مَنَ جي بَنَ ۾ مور اڪيلو
ساٿيءَ لاءِ سوالي آهي-
وج ڀلا ڇو هَر هَر تڙپي ؟

سوچيان ٿو، مون ڪنهنجي ڪارڻ
ڏاتِ جي ڏائڻ پالِي آهي-
وج ڀلا ڇو هَر هَر تڙپي ؟

# ورهن جا ويراڳ

کهڙي راند رچايئي رانول،
ياڳ ڪسي تون جاڳ ڏئي وئين!

منهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي،
دک جا ڌُهرا داڳ ڏئي وئين:
کهڙي راند رچايئي رانول!

بِرهه جون باتيون، روڳي راتيون،
اوسيئڙي جي آڳ ڏئي وئين:
کهڙي راند رچايئي رانول!

اکڙين آڏو اوجهل ٿي وئين،
مشڪل منزل ماڳ ڏئي وئين:
کهڙي راند رچايئي رانول!

مورن جهڙي منهنجي مَنَ کي،
ورهَن جا ويراڳ ڏئي وئين:
کهڙي راند رچايئي رانول!

پَل پَل اکڙيون جَلُ برسائن،
روح کي روڳي راڳ ڏئي وئين:
کهڙي راند رچايئي رانول!

توريءَ مونکي موت بہ مِهٺو،
وارث کنهنکي واڳ ڏئي وئين:
کهڙي راند رچايئي رانول!
کهڙي راند رچايئي رانول!

# دلڙي ڏئي مون درد پرايو

واٽ تڪيندي لاٽ اجهاڻي،
موٽي ميت نہ آيو –
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

من جا منڙا ڦول ڪوماڻا،
پل پل جاڳيا گهاءَ پراڻا،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ تنهنجي ڳولا،
گهٽيءَ گهٽيءَ آ گهايو-
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

جاڳي جاڳي نيڻ تہ برسيون،
هاءِ، نماڻيون ڪيڏو ترسيون،
نينهن بنا هي مينهن جي ورڪا،
نيڻن نير وهايو-
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

ڪوئل ڪوڪي، ڪونج اڏاڻي،
ٻيهر جاڳي پيڙ پراڻي،
ٻڙڇي بنجي ڪٽڇيءَ گهائي،
تن من آ تڙپايو-
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

رات اوهان جي تات ۾ گذري،
بادل بن برسات ۾ گذري،
آسَ نہ ڇاڏين، پياس نہ ڇاڏين،
پريتم تئين پرايو!
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.
موٽي ميت نہ آيو-
لا! موٽي ميت نہ آيو.

# دل تي ڪهڙو وس

دل تي ڪنهن جو وس ڙي، جيڏا!
دل تي ڪهڙو وس؟

گاهن ۾، گلزارين ۾،
مون تنهنجو ڳوليو ګس، ڙي جيڏا،
دل تي ڪنهن جو وس؟

ڏيهن ڪان هي نينهن پچي ٿو،
ڏهه ڏهه پيرا ڏس، ڙي جيڏا،
دل تي ڪنهن جو وس؟

چاهه بنا ڪو چانڊوڪيءَ ۾
جانب ناهي چس، ڙي جيڏا،
دل تي ڪنهن وس؟

هاءِ حياتي، رڻ جو راڙو،
جيون ڪهڙو جس، ڙي جيڏا،
دل تي ڪنهن جو وس؟

دم تي ڪهڙو بانور، منڙا،
ساجن سِگهڙو رس، ڙي جيڏا،
دل تي ڪنهن جو وس؟

# پيار تہ ناهي پاڇولو

جي پيار هُجي هاپاڇولو، مان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳوليان ها،
مان نيڻن نير وهايان ها، مان دل جا موتي روليان ها.
جي پيار هجي ها پاڇولو !

جي پيار هجي ها پاڇولو، مان راتيون جاڳي روئان ها،
مان تارن کي ترسايان ها، مان ڳوڙهن سان ڳل ڌوئان ها.
جي پيار هجي ها پاڇولو !

جي پيار هجي ها پاڇولو، مان سَکين کي سمجهايان ها،
اندر جي اوساٽ الا! مان آنسن سان ئي ٻجهايان ها.
جي پيار هجي ها پاڇولو !

پر پيار تہ ناهي پاڇولو، هيءَ جيون ڀرجي جهوري آ،
پنهنجي سيني کي چيري مون پنهنجي دل ئي کوري آ،
هن دل جي بستي اُجڙي آ، مون ساري دنيا گهوري آ !
پر پيار تہ ناهي پاڇولو_!
پر پيار تہ ناهي پاڇولو !

# جي تون منهنجا گهاءَ ڏسين ها

جي تون چؤپڙ راند رهين ها،
ماتِ مٿان تون ماتِ سهين ها،
پوءِ تون منهنجو پيڙُ لهين ها!
پوءِ تون منهنجو پيڙ لهين ها!

پَلُ پَلُ جت پڇتاءُ ۾ گذري،
ان ڌرتيءَ تي ڪينءَ رهين ها؟
پوءِ تون منهنجو پيڙُ لهين ها!

دَرَ دَرَ تي جو دارُ اَڏائي،
تنهن نوڳيءَ سان ڪينءَ ٺهين ها؟
پوءِ تون منهنجو پيڙُ لهين ها!

جي تون منهنجا گهاءَ ڏسين ها،
ٻَل تي ٻوڙهو ٿي نہ وهين ها؟
پوءِ تون منهنجو پيڙُ لهين ها!

جي تون ڦِري ڪوٺُ هجين ها،
ڊوهين سان گڏ تون بہ ڊِهين ها:
پوءِ تون منهنجو پيڙُ لهين ها!

## ڀل ڪوئل ڪوئي قيد ڪري

جي هوت هلين تون پير پري،
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

ڪو پوءِ ناهي پر وارن جو،
جي ڇم-ڇم ڇمڪا ڇير ڪري
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

اڄ بادل بيهي برسيو آ،
اڄ، سرتا! توريءَ ڪين سري
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

جي جاڳ اسان جي واڳ وٺي،
پوءِ ڇا ٿيو جي آ پنڌ پري
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

هيءَ ڪُوڪ تہ ڪُسٽي ناهہ ڪڏهن،
ڀل ڪويل ڪوئي قيد ڪري
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

پوءِ جڳمڳ جڳمڳ ڏرتي آ،
جنهن وقت لهوءَ جي لاٽ ٻري
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

سؤ ڪيپ چڙهن سرواڻن تي،
جي طوفانن ۾ تيرُ تري-
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

هيءُ ٻيجل تَنهنجو ٻانهو آ،
جو راءِ جيان سر ڏار ڏري-
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

مون منزل اهڙي ماڻي آ،
جت ڏينهن تپي، جت رات ٺري
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.
مان پيرين پيادي هلنديسانءِ.

# پنڌ پرانهون ناهي

ڏسندي وڃ تون
ڏک جا رشتا،
لهندڙ سِجَ جي لامَ
تنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

جهونجهڪڙي جو جهُوپي ٻاهر،
نيڻ وهائي، ويڻ ڪري ٿي
گوري ڪا گگدام
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

سنهڙا سيپڪ، سهڻا ماڻهو،
پنڌُ پچائي، ڪَنڌُ ڪپائي،
مستو مست مدام
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

جهرڻن جيئن سي مرڻا ناهن،
ڌرتيءَ ڪان چڻ ارتيءَ تائين
اوچي ڪئي اُڏام
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

جن جي دم سان سُوري سونهي،
دودا بنجي جوڌا پنهنجا
سنڌڙيءَ ڏيندا سام-
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

آڳهہ کان پوءِ اوندهہ ڪهڙي؟
سوچي لوچي، سرتا جيڏا،
مانجهي لهندا مامَ-
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

ڪاتي جيئن ٿِي ڇاتِي ڇيهي،
تنهنجي منهنجي سِرَ تي اهڙا
الفت جا الزام-
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

ڏسندي وج تون
ڏک جا رشتا،
لهندڙ سج جي لام-
پنهنجو پنڌ پرانهون ناهي.

# ٻيهر ڪاٿي ملندين

ڪن پل ۾ تون وڇڙي ويندين،
چئه، ٻيهر پوءِ ڪاٿي ملندين؟

ڄاڻان ٿو تون منهنجو ناهين،
ڪنهن جي ٻانُهن ۾ ئي ڪِلندين:
چئه، ٻيهر پوءِ ڪاٿي ملندين؟

شام جڏهن شمشان ٿي ويندي،
جيءَ ۾ جوالا بنجي جلندين:
چئه، ٻيهر پوءِ ڪاٿي ملندين؟

اکڙين جي آڱنڌ تي مُرڪي،
خوابن جي خوشبو ٿي گهلندين
چئه، ٻيهر پوءِ ڪاٿي ملندين؟

يادن جي وادين ۾ پيهي،
موهه منجهاران مرڪي ٿلندين
چئه، ٻيهر پوءِ ڪاٿي ملندين؟

# التجا

جڏهن تنهنجي رنگين محفل ۾ سائين،
اداسيءَ جي تصوير بڻجي مان آيس،
ڌڪاري ڇڏين ها – ڌڪاري ڇڏين ها!

خاموش راتين ۾ هڪ سوال بڻجي،
خوابن ۾ تنهنجي، ٽپي جي مان آيس،
تون ماري ڇڏين ها – تون ماري ڇڏين ها!

يادن ڪان منهنجي جي ڇرڪي اٿين تو،
تصور جي تهه ۾، لڪي جي مان آيس،
وساري ڇڏين ها – وساري ڇڏين ها!

جوان تنهنجي محفل سدائين آ سائين،
فقط سُرڪڙيءَ لئه، سِڪي جي مان آيس،
پياري ڇڏين ها – پياري ڇڏين ها!

# وري ياد آئين

وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!
واٽن تي ويهي مون جوت جلائي،
لڪين لُڙڪَ پوئي مون مالها بنائي،
مون تولاءِ ساجن ڪيا سهج سايا:
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

اهو گيت ڳاتئہ جو ڳائي نہ ڄاڻين،
ڏکيو پيچ پاتئہ، نباهي نہ ڄاڻين،
نہ ڄاتئي تہ ڇو لڙڪ مون تي لڪايا:
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

ٽُڙي گل ٿيا مڪڙيون، مون توکي پڪاريو،
ڪڙيا ڪئي ستارا، مون ڇرکي نهاريو،
اميدن جا ڏيئڙا مون ٻاريا وسايا:
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

مون کي ياد آهن مسرت جون پلڪون،
ڪنهين جي اکين ۾ ڏنيون چنڊ جهلڪون،
مگر اڄ خزان آ، اُداسيءَ جا سايا:
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

اسان جون بهارون ڪنهين ريءَ نماڻيون،
اميدن جون مڪڙيون، بي موسم ڪُماڻيون،
جي پنهنجا پرايا، پرايا – پرايا:
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

# رات کي ڳوليِ ڏينهن

رات کي ڳوليِ ڏينهن،
الا، او ڏينهن، تہ جنهن جو نينهن نماڻو آ.

تو بن منڙا ميت،
الا، او ميت، مڌر سنگيت اُڏاڻو آ.

بادلَ منهنجا ياءَ،
الا، او ياءَ، ٻنهي جو گهاءُ پراڻو آ.

راتين جا رولاڪ،
الا، رولاڪ، نہ ڪوئي تاڪ نڪاڻو آ.

چانڊوڪيءَ جو چاھہ،
الا، او چاھہ، اسان جي ساھہ سيباڻو آ.

# ڪو نہ ٿيو تو جهڙو اڳ

تون ڪنهن جو وينو جاچين ڏڳ، او سانولڙا!

ڪاٿي ڄائين، ڪاٿان آئين، ڪو نہ ٿيو تو جهڙو اڳ،
اي سانولڙا!

ڪنهن جو اونو، ڪنهن لئہ آتو، ڪنهن لئہ منڙا آهين مَڳ،
اي سانولڙا!

تنهنجي آئي، تنهنجي سائي، جرڪي پيو هيءُ جهوريل جڳ،
اي سانولڙا!

جنهن جنهن ڄاتو، تنهن ئي پاتو، سنڌوءَ مان سوپيا جو سڳ،
اي سانولڙا!

سنڌڙيءَ جي، هاسنڌڙيءَ جي، سيني تي آ سچو سچ سرڳ،
اي سانولڙا!

تون ڪنهن جو وينو جاچين ڏڳ؟
تون ڪنهن جو وينو جاچين ڏڳ؟
اي سانولڙا!

# چاڻ اُڏاڻا ٻاڻ اسان جا

تنهنجي چاهت چِڪيا آهي،
سورٺ آءُ سينگار ڪري،
ڀنيٺ ڀنيٺ باھ ٻري !

سُرڪ ٻنان ڪينءَ سَرمد رهندا،
پيئڻ وارا مُرڪي پيئندا،
منصورن ڪي، متوالن ڪي،
زهر ٻہ ڏين جي ڀَري ڀَري:
ڀنيٺ ڀنيٺ باھ ٻري،
سورٺ آءُ سينگار ڪري !

ڪانڌن ڪي ڇا ڪرٽ جهليندا،
ڪُونڌر ايندا، ڪُسندا رهندا،
پروانن جي، مستانن جي،
سوريءَ ريءَ ڪينءَ سَري سَري:
ڀنيٺ ڀنيٺ باھ ٻري،
سورٺ آءُ سينگار ڪري!

مانجهي کهڙا ماڳ پڇين ٿو،
پنهنجي منزل دور گهڻو ئي،
چاڻ اڏاڻا، ٻاڻ اسان جا،
تارن کان ڀي پري پري:
ڀنيٺ ڀنيٺ باھ ٻري،
سورٺ آءُ سينگار ڪري!

# اسان ريءَ سنڌ اڌوري

سنڌڙي تنهنجي سِينڌ نہ اُجڙي،
توتان جندڙي گهوري ڙي!

اسين اُهي ئي مارو تنهنجا-
اسان ئي صديون جاڳي تو لئہ،
تارن جي وَٽ سوري ڙي...

اسين اُهي ئي چارڻ تنهنجا-
اسان ئي سِر جي سين هنئي،
اسان ئي ويٺا چوري ڙي...

اسين اُهي ئي راٺا تنهنجا-
اسان ئي مومل ماڻي، لا!
اسان ئي ڪاڪ ڪکوري ڙي...

اسين اُهي ئي سانگي تنهنجا-
اسين ئي سنڌو تنهنجي ڌارا،
اسان ري سنڌ اڌوري ڙي...

اسين ئي ڄام تماچي تنهنجا-
اسين ئي مارئيءَ جا رکوالا،
اسان جي سورٺ، نوري ڙي...

اسين اُهي ئي هوشو تنهنجا-
اسان ئي تنهنجي مِٽي، ماءُ،
پنهنجي رت ۾ توري ڙي...

سنڌڙي تنهنجي سِينڌ نہ اُجڙي،
توتان جندڙي گهوري ڙي!

# عزم

جا چٽنگ آ منهنجي جهوليءَ ۾،
سا پنيٺ جيئن پڙڪائيندس،
مان گهائل سُر ئي ڳائيندس.

جا تند ڪٽارو ڪنڊ گهري،
مان وائي سا ورجائيندس،
مان گهائل سُر ئي ڳائيندس.

ڪي ڪوٽ اُڏوهيءَ کاڌا ها،
ڪي ڪوٽ اڃا ڪيرائيندس،
مان گهائل سُر ئي ڳائيندس.

جيئن ڪوئل ڪي ڪو ڪانُ هٽي،
ڪا ڪوڪ اهڙي ڪُرلائيندس،
مان گهائل سُر ئي ڳائيندس.

جنهن سونهن ڏني هئي سوريءَ کي،
تنهن سوڍي کي سرچائيندس،
مان گهائل سُر ئي ڳائيندس

اڄ ماڪ ڪِري آ موتئي تي،
مان رت ڦڙا جرڪائيندس،
مان گهائل سُر ئي ڳائيندس.

# هيلوڪي ساوڻ

چارڻ او چارڻ،
تنهنجي چنگ هيلوڪي ساوڻ
منهنجو روح رَمايو آ - !

سُر، سُر، سُر سُر، سُر جو جادو، سيني منجهه سمايو آ-
منهنجو روح رمايو آ.

ٻهَ ٻهَ، ٻهَ ٻهَ، ٻاڻ اُڏاٽو آتت هاڻ اجايو آ-
منهنجو روح رمايو آ.

ٿَڙَ ٿَڙَ، ٿَڙَ ٿَڙَ، ٿَڙڪي هينئڙو، راڳيءَ روڳ لڳايو آ-
منهنجو روح رمايو آ.

ٽِمر ٽِمر، ٽِمر ٽِمر، ٽانڊاٽي جيئن، لُونءَ لُونءَ مچ مچايو آ.
منهنجو روح رمايو آيو.

نَس نَس، مَس مَس مرڪي آهي، پريتم پاڻ پُسايو آ-
منهنجو روح رمايو آ.

چارڻ، او چارڻ،
تنهنجي چنگ هيلوڪي ساوڻ
منهنجو روح رمايو آ.

# ڪي ماڻهو

منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو چنڊ ستارن جو سوچن،
ڌرتيءَ تي پئي ڌوڙ اُڏامي، هو آڪاسن ۾ اُڏرن.
منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو دولت ڪي ديوي ڪوٺن،
غيرت ۽ غربت جا سودا، بازارن ۾ بيهي ڪن.
منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو پيجري منجهه پراڻ گُهٽن،
ماروئين ڪي محلاتن ۾، قيد ڪري ست ساءُ لٽن.
منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو، شيشي جا محلات اڏن،
ڪمزورن جا ننگ نماڻا، تن ڪوٺن ۾ قيد ڪن.
منهنجي ڌرتي جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتي جا ڪي ماڻهو، پيار ڪي پئسي سان پرکن،
ڪوئل جهڙي ڪوڪ ڪويءَ جي، ڏکنڌڙ سيني مان نہ سهن.
منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتي جا ڪي ماڻهو، سچ ڪي سوريءَ تي چاڙهن،
موتيءَ جهڙا ڪي ڪي ماڻهو، ڪلنڌي ڪڏندي جان ڏين.
منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو، ٻيِي ڳولا منجهه ڳرن،
ٿنهڻ اُس ۾ پيرين ننگا، ڌرتيءَ جو سينو چيرن.
منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو...

منهنجي ڌرتيءَ جا ڪي ماڻهو، اونداهين ڪي روشن ڪن،
اوڪين ۽ اڻ سونهين راهن ۾ شعلو ٻڻجي پاڻ جلن.
منهنجي ڌرتي جا ڪي ماڻهو...

# هيرن منجهہ هڳاءُ

اڄ ڏيئڙو ڏيئڙو ڏاهُہ، ميان!
اڄ هيرن منجهہ هڳاءُ، ميان!

جا واٽ سڄي مون ورجائي،
سا سِٽ بڻي سوداءُ ، ميان!
اڄ هيرن منجهہ هڳاءُ، ميان!

جي جاڳ اسان جي واڳ وٺي،
پوءِ گهوريو سُڌ سماءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهہ هڳاءُ، ميان!

مون پيار ڏنو، پرياءُ ڏنو،
تو پِيڙا ۽ پڇتاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهہ هڳاءُ، ميان!

مون موت کي جوت بڻايو آ،
ڇا تِک هجي ڇا تاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهہ هڳاءُ، ميان!

هي درد مليو دل وارن کان،
مون در در لاتو داءُ، ميان!

## اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!

هي نيڻ اُڃايل آسوَندا،
جڻ ساوڻ جو سوداءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

هي سمنڊ مٿان ڪي سونهن - پکي،
هُو ڦيڻ پريو ڦهلاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!

هن چنگ جو ڏنگ ڏهوٽو هو،
جيئن گهُورن جو گهراءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ، ميان!

# جي ڇير اڃا ڀي دير ڪئي

جي ڇير اڃا ڀي دير ڪئي،
پوءِ ڏوھ نہ ڏج ديوانن تي!

جي مرڪ نہ پياري سرڪ سڄڻ،
پوءِ مهڙ ناهي ميخانن تي.

تون مرڪ تہ جَرڪي جوت ٻلي،
جا اِيندي، سا پروانن تي.

هن ڏيهہ گهٽائي ڏاڍ ڪيا،
مجبورن تي، مستانن تي.

هي ڪوتَ ڪَڙا زنجير ذَرا،
ڪو عيب ناهن انسانن تي.

مون گيت ڇيا جي گونجي اُٿيا،
جڻ آهَ اُڏِي ايوانن تي.

# ڪير تہ آهي

سانجهيءَ ٽاڻي، دريا ڪپ تي، منڙا گيت بنايان وينو،
ڪير تہ آهي، جنهن جي خاطر نيڻن نير وهايان وينو.

ڪير تہ آهي، جنهن جي آشا جيون جو سنگيت بني،
ڪير تہ آهي، جنهن جي ڀولا پريت جي آهي ريت بني.

سنڌوءَ جي ساحل تي پنهنجي غم جا ديپ جلايان وينو،
لهر لهر ۾ توکي پائي، من ئي من مُسڪايان وينو.

تنهنجي آنچل ۾ ئي منهنجي چنچل من جو ماڳ، منا!
منهنجن چپڙن ۾ جو ٿَڙڪي، تون ئي آن سو راڳ، منا!

هن ڌرتيءَ سان منهنجي آهي جنمن ڪان پهچاڻ،
جنم جنم ۾ تو لئہ منڙا، ڄرڪي منهنجي ڄاڻ.

منهنجي ڏاهَ مَ ڏنگِ تون، نہ ڪي جهُوپو جهور،
نہ ڪِي ڪوٽ ڪِريبَ سان، ويهي سُوري سور،
پهرين پنهنجي تور، پوءِ ڏارج ڏيهہَ ڪي!

# جلدي پار اُڪار

آواز: ناکئا، منهنجو نينهن، بيٺو پَرئين پار،
جلدي پار اُڪار.

دير نہ ڪر تون دادلا، پنهنجو سَر تو سار،
اکڙيون هُو آسائتيون، ڏيندم هاءِ ميار،
جلدي پار اُڪار.

ڪورس: لهرن کي للڪار، ميان،
سائينءَ کي سنڀار، ميان،
جلدي پار اُڪار، ميان!

ناکئو: ٻيڙي وڏ م ٻار ۾، الهہَ جي آڌار،
ميلو آ محبوب سان، منڙا، ڌيرج ڌار.

ڪورس: لهرن کي للڪار، ميان،
سائينءَ کي سنڀار، ميان،
جلدي پار اُڪار، ميان!

آواز: ناکئا، منهنجو نِينهن، بيٺو پَرئين پار،

جلدي پار اُڪار!

# غزل

سوريءَ جو سينگار مليو،
هئہ ڙي ڏاهپ، تنهنجا ڏنگ!

پرديسيءَ جو پيار مليو،
وه ڙي ويري تنهنجا ونگ!

انڌياري ۾ مور ٽليو،
سڏِڪي ساري پنهنجا سنگ.

هِير گهُلِي ۽ تارَ جهُلِي،
الهڙ جهڙا آتا انگ.

بادل گرجيو، بجلي چمڪي،
ساوڻ سرچايا سارنگ.

مرڪي هڪڙيءَ وار ڏنوءِ،
ڇهڪي اٿيا چوڏس چنگ.

پنهنجو دامن ڇيهون ڇيهون،
ديوانن جا ڪهڙا ڍنگ.

*

چاندوڪيءَ کي چاهي ڏس،
سِرَ تان سانگو لاهي ڏس.

منهنجي جهوليءَ ڏي نہ نِهار،
منهنجي دل ۾ چاهي، ڏس.

ديول دل کان پاڪ نہ ڄاڻ،
ڪنهنجي دل کي ٿاهي ڏس.

مونسان ايڏو پيار، مٺا!
ڪير ڪَنهين جو ناهي، ڏس.

بادل، برکا بند نہ ڪر،
نيڻن ساڻ نباهي ڏس.

*

اڇو تہ پنهنجي ئي پاڇي کي سنگسار ڪيون،
اڇو تہ روح جي تاڃيءَ کي تار تار ڪيون.

اڇو تہ ڳڙجي زهر جو پيالو پي ڇڏيون،
اڇو تہ موت کي ڪنهن ريت پُروقار ڪيون.

جيئون تہ اهڙي طرح جو زمانو ڄِي اُٿي،
مرون تہ موت کي هڪ پيرو اشڪبار ڪيون.

وڏي جتن سان، محبت سان سُوري سينگاري،
وفا جي ناءَ جي قاتل جو انتظار ڪيون.

مجوسين ڏار سهي، راهہ پوءِ بہ ساڳي آ،
پو ڇو نہ درد جي صحرا کي ڳڙجي پار ڪيون.

ڪنهن جي چاهہَ ۾ جيڪر حياتي گذري وڃي،
ڪٿي آ وقت جو ويهي بُتن کي پيار ڪيون.

*

گهُٽ، ٻوسٽ، اُس ٽِنهڻ، ڏرتتيءَ جو تاءُ آ،
سج سوا نيزي تي آيو، ٽَڇڪي پيو هر گهاءُ آ،

ڪک ڪانا، گاهه تيلا، اوچنگارن جيئن اُڏيا،
تنهن وچوڙي جي گهڙي، جا روح جو ايذاءُ آ.

ڪو ٻه پاڇو، ڪو ٻه سايو، ڪو ڇپر، ڪا ڇانوَ ناهه،
ڪيترو وياڪل اڪيلو تنهنجو پٽڙو، ماءُ آ.

تنهنجا ديوانا سنجهي ئي دار ڏي راهي ٿيا،
درد وارن ڪيترو سستو ڪٽيو هيءُ داءُ آ.

ڪو نه روڪي، ڪو نه ٽوڪي، پل ته بادل پيو رڙي،
ڪو ته سُڏڪي، ڪو ته روئي، ڪو ته منهنجو ياءُ آ.

اڄ اُجهايل ديپ آهن، موت جهڙي ماٺ آ
اڄ اسان جي سوچ تي ڪنهن سانت جو سوداءُ آ.

زندگيءَ جا قافلا، صحرا ۾ رلندا ئي رهيا،
ڪنهن پڇيو: هيءَ جيت آ، يا هارَ سان سرچاءُ آ.

*

مورَ! هَنِيلو تنهنجو موهہ،
ننهڻ اُس جو کهڙو ڏوهہ؟

ڳِڳ ڳاڳاٽيو سارو ڏيهہ،
لڳ لڳ تي لپٽيو آلوهہ.

آڏا ترڇا، اؤکا لَڪَ،
راهون روڪي بيٺو روهہ.

وِڪ وِڪ تي واچوڙن وارَ،
ڇُلڪي پيو آ چاچر چوهہ.

پهڻ هٿن ۾، گوڙ وڳوڙ،
ڪنهن تي مَچريو هيءُ انبوهہ؟

دل وارن ڪي ساريو دار،
پَل ۾ ڪاڏي ويو پاٻوهہ؟

جاڻ جا ٻاڻ سنياري ماڻهو،
سنيري نڪتا ڊاهڻ ڊوهہ.

*

جوڙا، جيءَ جياري سگهندين؟
سُوريءَ کي سينگاري سگهندين؟

مُور مُئو، پر ٿورَ نہ مرندي،
ماريِ! ڇا ڇا ماري سگهندين؟

گل گل ۾ خوشبو آ پنهان،
باغ سڄو ڇا ٻاري سگهندين؟

مستانا ٽانڊن تي ٽِلندا،
گهائل سان ڇا گهاري سگهندين؟

ساوڻ کي اڇٺو آ، ايندو،
پِرت جا وعدا پاري سگهندين؟

رات هجر جي ڄاڻ تہ ڇانئي،
سوداين کي ساري سگهندين؟

منهنجي مستي مستي آهي،
سَستيءَ سان ڇا تاري سگهندين؟

*

رات هجر جي ڇانئي هَلڪي،
اکڙين ۾ جڻ ڇولي ڇُلڪي.

ڏرتيءَ جو دونهاٽِيل مُکڙو،
جهونجهڪڙي ۾ جهلمل جهَلڪي.

بادل ايندو، برسي ويندو،
اُڀ جو آنچل شال نہ ڍلڪي.

ديوانا، ڇو دل جي دل ۾؟
ادڙا! آءُ، سُورَ تہ سَل ڪي.

*

آڳ اکين ۾، راڳ چپن تي، ڪير آهين تون وڻجارا؟
ڇا تو ڳائين، ڇا تو چاهين، ڇو نہ ٻڌائين تو پيارا؟

هاءِ ندوري ڪينجهر! تنهنجو وينجهر ڪين وريو
نوري سوريءَ تي تي روئي، چپ ڇو آهن تنهنجا ڏارا؟

ڏير اجا يي ويري تنهنجا، ياڳ نہ لُٽجن، جاڳ، چري!
پاڳل! بادل رهڻا ناهن، ڪن ۾ ڪلندا ڪيئي تارا.

ماٽي سان ڪو راٽي ڪي ڇا ريجهائي، ڇا پرچائي،
پريت جي ريت نرالي آهي، پيار جا ڇٽنگن ۾ ئي چارا.

ويچ بنا مان ڇيچ چوان ڪيئن، منڙا موتي! موٽي آءُ،
ساجن ريءَ ڇا ساوڻ سهجي، ڪينءَ برسن هي بادل ڪارا.

نيهي پيهي نيٺ تہ ايندا، ڏک جا ڏونگر پرزا ٿيندا،
اکڙين ۾ مکڙيون ئي رهنديون، منجي ويندا گهرا گهارا.

*

پيار، پکيئڙو بنجي، اڏري آيو منهنجي ڏوار،
آءُ پرين تون آءُ ڪٽي، ڪي ڏينهن اسان سان گهار.

ساوڻ ويندو، سپنا رهندا، يادون ڏِيل ڏنگيندون،
توريءَ مکڙي مرڪي ناهي، ساوڻ ڪي سينگار.

لَهَر لَهَر ڪي لَک لوڏا، ويرون ويري آهن،
دل جي ڪشتي دريا وچ ۾، تنهنڪي پار اُڪار.

دل جون ڳالهيون دل ئي ڄاڻي، دنيا جو پئہ ڪهڙو،
روحن ڪي ڇا روڪي سگهندي ڏوڪي جي ديوار.

صدين کان آ ساھ سڪايل ڪنهن ساٿي جو سائل،
پيرُ پيرَ ۾ پائي منڙا تنهن پياسي ڪي پيار.

تارن ۾ جو تارا پائي تُنهنجي راھ تڪي ٿو،
تَنهنجي انڌياريءَ دنيا کي، آءُ اچي اجيار.

*

خدا ڄاڻي تنهنجين نگاهن ۾ ڇا هو،
اسان کي تہ گهورن سان گهائي ڇڏيائون.

بهارن جي بيباڪ مستيءَ جان موهي،
سوين پيچ الفت جا پائي ڇڏيائون.

اُفق کان سندس لال ڇٽگون چورائي،
اڙي ڪنهن جو جهوپو جلائي ڇڏيائون.

پري ڪر، پري ڪر، پري ڪر هي شعلا،
ڏسين ٿي تہ دل ئي دکائي ڇڏيائون.

نماڻيون نماڻيون، هي نيڻن جون پياليون،
مون کان مئي جي مستي پلائي ڇڏيائون.

*

وڃين ٿي ته وڃ، پر وساري نه ڇڏجان،
گهڻو دور گهاري، ڌڪاري نه ڇڏجان.

وري مينهن ايندا، وري گل به ٽڙندا،
بهارن ۾ پر بي سهاري نه ڇڏجان.

مڃان ٿو، حياتيءَ جي منزل به ايندي،
بنا موت منڙي، تون ماري نه ڇڏجان.

دعا آ ته شل خير سان يار پهچين،
اسان کي مگر هِن ڪناري نه ڇڏجان.

*

جنهن راه تي مونکان ڏار ٿئين، سو موڙ جدائيءَ وارو هو،
جنهن گهاءَ کي سانديم سيني ۾، سو زخم جهان کان نيارو هو.

ڪو تنهنڄ اُس ۾ ڪومايو، ڪو سانجهيءَ ٽاڻي مرجهايو،
جومُرڪي سوريءَ تي آيو، سو تنهنجي چاهت وارو هو.

مون درد ڏنو ديوانن جو ۽ پيار پسيو پروانن جو،
جنهن گهاءَ سنو انسانن جو، سو ماڻهو ڏاڍو پيارو هو.

هُو آڏيءَ آڏيءَ آيو هو، ۽ ساهن منجهہ سمايو هو،
ڪا سوچ هئي يا سايو هو، ڪو گيت اُجيو آسارو هو.

ڪي پور ٻہ پورن جهڙا ها، سي روح تي رهڙا رهڙا ها،
ڪي آگم اکڙين جهڙا ها، ڪو بادل ڄڻ تاسارو هو.

*

جڏهن رات رئندي سمهي پئي سُڪاٽي،
تڏهن آه ڪنهن جي أيامي اڏاٽي.

مون گيتن ۾ گوندر ملائي ٻه پيتو،
مگر پياس پنهنجي نه پيارا اجهاٽي.

حياتيءَ تي هڪڙي گهڙي بار آهي،
اِهائي گهڙي، جا توهان ريءَ وهاٽي.

هلو دار تي، جو اِهوئي آ دارون،
اها ئي رسم پيار جي آ پراٽي.

اسان تي جيئڻ جو ٻه الزام آهي،
اسان جي مرڻ لئہ گهَڙيو هاٽي گهاٽي.

اوهان جي پڄاڻا نہ مُرڪي ڪلياسين،
ڪڏهن رات ڪائي نه سَرچِي سهاٽي.

*

هر رات اُداسي آ، هر صبح ستم آهي،
ڪجھ پنهنجي نصيبن جو، ڪجھ تنهنجو ڪرم آهي.

ڇا لاءِ بهارن ۾، اڄ بوءِ پنل ناهي،
هر مکڙي آ ڪومائي، هر گل ۾ زخم آهي.

خاموش فضائن ۾ آواز هي ڪهڙو آ،
آڪاس ٿو جهونگاري، يا منهنجو صنم آهي.

هر وار اُجايل ڪي، ڪجھ زياده اُجائين ٿو،
يا روح ئي پياسو آ، يا پيالي ۾ خم آهي.

تون دل ۾ جڳھ ڏيئي، پوءِ پل ۾ پُلي وينين،
هن دل ۾ ليئو پائي، ڏس تنهنجو ئي غم آهي.

ڪيئي پيرا خيال آيم، مان توکي وساريندس،
ڪا ريت تہ ڪانهي پر، هي دل جو مرم آهي.

*

رات اسان کان پيارا وڇڙيا، چانڊوڪيءَ کان چارا وڇڙيا،
ساوڻ ڪهڙي ڪارڻ ايندو، دل کان جو دل وارا وڇڙيا.

ڪنهن سونهن ڏني، ڪنهن ساءُ ڏنو، ڪنهن دردن جو درياءُ ڏنو،
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آيا، ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا.

خوابن جي ايوانن ۾، مان تنها تنها ڇو آهيان؟
جن جوت ڏني سي موت نِيا، هئه! تاريڪيءَ ۾ تارا وڇڙيا.

تون گيت هئين، سنگيت هئين، يا منهنجي من جو ميت هئين،
اڄ گيتن کان گونجار وئي، اڄ دريائن کان ڌارا وڇڙيا.

ڪي ڏينهن هئا جو مينهن پيا، جن پيار ڪيوسي ڌار ٿيا،
تون جو وڇڙئين دنيا وڇڙي، مونکان ساٿي سارا وڇڙيا.

*

چوڙيليءَ جو چندن چهرو، ساهن منجهہ سڳنڌ تہ ڏس.

مکڙين وانگر اکڙيون جرکن، سونو هر هڪ سَنڌ تہ ڏس.

مرڪن سان ٽي ماٿهو ماري، الهڙ جو هيءُ اَنڌ تہ ڏس.

رات سموري جاڳي آکر گهنجيل گهنجيل هَنڌ تہ ڏس.

اَڏيءَ ٽاٽي، پيار منجهاران، پاٽياريءَ جو پنڌ تہ ڏس.

پرهہ ڦٽيءَ جو، کوڏر هينان، کونجن جهڙو کنڌ تہ ڏس.

موتئي جهڙي مهڪ بہ ڏس تون، ڪانئر جا تون ٺهڪ بہ ڏس.

چوٽيءَ هينان چچريل گلڙا، چاهت جا هي چَهڪ بہ ڏس.

# نظم

# چنڊ جي چاهت

نن‌ڍڙي هوندي، ماءُ جي هنج ۾
هڪڙي ڀيري
انگل سان مون چنڊ گهريو هو.
امڙ منهنجيءَ،
مُرڪي مون کي "چنڊ" چيو هو.

اڄ وري مون
سالن کان پوءِ
چنڊ کي پائڻ چاهيو آهي:
ليڪن مون کي "چنڊ" چئي پرڻائڻ واري
ماءُ ڪٿي آ؟

# آشا

ڌرتيءَ جي کهري سيني تي
هڪ لڳا ڪو گل ٽڙيو –
ننڍڙو نازڪ، پيارو پيارو،
ڪومل پنکيون، سهڻا رنگ،
جهلمل جنهن تي چِٽ، چِٽيل،
اهڙو ننڍڙو نازڪڙو
ڪو گل ٽڙيو،
کهريءَ ڌرتيءَ جي سيني تي.

ڦول کي ساھ سان سانڍي، ڌرتي
مُرڪي ٻاٽ ڪٽي –
جڻ ڪا ماتا،
پنهنجو ٻچڙو ڇاتيءَ ساڻ لڳائي،
جڻ ڪو راهي،
بن بن ڀوندي منزل جو ڏس پائي؛
جڻ ڪو سامِي،
سَئنَ هئي، ۽ سامهون ساجن پائي:
هڪڙو اهڙو گل ٽڙيو،
کهريءَ ڌرتيءَ جي سيني تي.

پر پوءِ، منڙا، تون ياد آئين!
منهنجي اجڙيل ۽ انڌياري هردي ۾،
تون اُيري آئين ڦول سمان.

**تنهنجيءَ منڙيءَ مرڪ سهاري**
**جيئان ٿو،**
**تنهنجي پريت جي خاطر، ڍوليا،**
**زهر ٻه مرڪي پيئان ٿو:**
**شال ڪڙِنَ تون مُرجهائين،**
**شل تنهنجو روپ امر رهي!**

# هي گدلو گنگا جو پاڻي

هي گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اُجرو ناهي.

تنهنجو من آ موتيءَ داڻو،
تنهنجو من هيري جي کاڻ؛
پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پاءِ،
تو کي ڇا دولت جي کاڻ؟

هي گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اُجرو ناهي.

تنهنجي من ۾ موتيو مُرڪي،
تنهنجي من ۾ مُگري واس؛
ڌرتيءَ تي ڇو سِيس نوائين،
تنهنجي منزل آ آڪاس:

هي گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اُجرو ناهي.
تنهنجو من مندر کان مُٺو،
تنهنجي دل ديول کان پاڪ؛
جنهن کي پنهنجي هٿ سان جوڙين،
سو ڪيئن ٿيندو تنهنجو ٽاڪ؟

هي گدلو گنگا جو پاڻي،
تنهنجي من کان اُجلو ناهي.

تنهنجا بازو ٻڙڇي آهن،
تنهنجي اک تير سان،
تون جي هيڪر پرجي گرجين،
ٿڙ - ٿڙ ٿڙڪي هيءُ جهان:

هي گدلو گنگا جو پاڻي،
هي گدلو گنگا جو پاڻي.

# تون ۽ مان

تون ڪوڪ ته ڪوئل ساهه پٽي،
تون ڳاءِ ته جهرڻا جهانءِ سکن؛
تون مرڪ ته موتيو مهڪي اُٿي،
تون ڇهڪ ته دلڙي ٿهڪ ڏئي.

تون گهور ته گهاتو گهر موٽن،
تون تلڪ ته ڌرتي تلڪ هٽي،
تون جهوم ته بادل برسي اٿن،
تون تڙپ ته ڪنوٽيون ڪِلول ڪن.

تون ڳول ته منهنجا خواب لکن،
تون پاءِ ته فن لافاني ٿئي؛
تون گهاءَ ته دل ۾ درد ڦٽن،
پِرياءِ ته پياسا پنڌ پچن.

تون چنڊ کي چنڊ مڃين ٻه ته ڇا،
هيءُ چنڊ ته تنهنجو پاڇو آ؛
تون جوت کي جوت چوين ٻه ته ڇا،
هر جلوو تنهنجو پرتوُ آ.

مون تنهنجي ڇڪ ڇهاءُ پسي،
اڄ ڪشتي ڪُنَ ۾ لاتي آ،
۽ تنهنجي سڪ سنيهه ڏسي،
مون جيءَ ۾ جاتي پاتي آ.

(تنهنجو روپ، رسيلو سپنو،
منهنجو روح رچايل راڳ،
تنهنجو گيت، مڌ جو ماتو،
منهنجو چاهه، چرئي جو جاڳ!)

مان رات آهيان، مان رات آهيان،
مان ڪاري ڪاري رات آهيان،
جنهن سوچ ڪي ڪائي لوچ نه آ،
مان لچندڙ سائي لات آهيان!

# وقت ۽ پريت

وقت ائين، جيئن واريءَ تي
ڪنهن پياريءَ جي پيرن جا نشان،
پريت ائين، جيئن پوني تي
ٿئي پياسي کي پاڻيءَ جو گمان.

جيون، جهڙو ساوڻ ۾
ڪو چنگ چُري ۽ ساهه سُري،
موت ائين، جيئن موتئي جي
ڪا شاخ سِري ۽ مالڪ ڪِري.

مان وقت جو ويري ناهيان،
پر
مان پريت جو پيري آهيان.
خوشيون ڏين يا ڏيندين ڏکڙا،
مُرڪي توکان وٺندس، منڙا!

# چانڊوڪيءَ جي چاهت ۾

چانڊوڪيءَ جي چاهت ۾، مون اوندهه ساڻ نڀايو.
تارن جي ڇانوَلن ۾
هر بار جڏهن ڀي ماڪ ڀِني،
چانڊوڪيءَ جي چارن ۾
هر بار جڏهن ڀي رات رني،
هر بار جڏهن ڀي هير گهُلي
۽ ياد اوهان جي آئي،
مون ڀانيو ڪوئي آيو آ
جو سانجهي آ شرمائي!
هر بار مون مُرڪي گهاءُ سٺو،
هر بار مون تولئه واجهايو –
چانڊوڪيءَ جي چاهت ۾، مون اوندهه ساڻ نڀايو

# پڇتاءَ جا موتي

پلڪن تي آنسن جا موتي،
پيار جي ريکا، جيون جوتي،

برپٽ ۾ جڻ برکا برسي،
جهومي ڪائي ٽاري،
جهلمل جهَلڪي واري.

پلڪن تي آنسن جا موتي،
شعلي تي شبنم جا ٽيرا –
جڻ ڪا ليلان
نيرُ وهائي، پاڻ پلائي، پڇتائي،
ڪونئروءَ آڏو بيٺو آهي، ڪنڌ جهڪائي،
هار ڇني،
داڻا ڦهلائي!

# نئين ڪوئل

منهنجي اڱڻ تي،
انب جي وڻ تي،
اڄ ڪا ڪوئل آئي آهي؛
روئي ٿي، ڇڻ گهائِي آهي،
رڪي رڪي ڪا ريهه ڪري ٿي:
ڪُو - ڪُو - ڪُو!

منهنجي من ۾،
هڪڙو ٻَن آ،
جنهن جي ڪنهن پراڻي ٻڙ تي
عرصي کان ڪا ياد جي ڪوئل رهندي آ.
روئندي آ نه رڙندي آ،
ماٺ ميٺ ۾،
سيڪجهه ويٺي سهندي آ:
ڪڏهن ڪڏهن ته لڳندو آهي
مري وئي آ - تڏهن ته چپ آ!
اڄ الائي ڪهڙي ڪارڻ،
انب جي وڻ تي
نئين ڪوئل جي ريهه ٻڌي،
سڏڪي پئي آ.
اڄ الائي ڪهڙي ڪارڻ،
ياد جي ڪوئل دانهن ڪئي آ:
ڪُو - ڪُو - ڪو!

# تنهنجي ياد ۾ سپنو

هيءُ ساونڻ ڄڻ ڪو سپنو هو،
جو سايو بڻجي آيو هو،
۽ بادل بڻجي ڇايو هو:
پوءِ بوندون بڻجي برسيو هو،
ڄڻ ڪنهن لئه صديون ترسيو هو.

۽ پوءِ هوا جي جهوٽي سان،
ڪنهن ڇيڪ جي ڇڙيل وارن جان،
پل ڪن ۾ وکڙي وکڙي ويو:
هيءُ ساونڻ ڄڻ ڪو سپنو هو.

مون اکڙين جي نيسارن مان،
نيڻن جي وهنڊڙ نارن مان،
هيءَ ورڪا رُت واجهايو هو،
پر تنهنجي ياد ۾ تہ سايو هو:
ڄڻ تنهنجي ياد ۾ ساونڻ هئي،
ڄڻ تنهنجي ياد ۾ سپنو هو.

# درد جا رشتا

راز تہ آخر راز ئي رهندو –
تنهنجو منهنجو راز ئي ڪهڙو؟

دل جا رشتا درد جا آهن،
دل ئي ڄاڻي دل جون ڳالهيون:
دل ئي چانڊوڪيءَ ۾ چهڪي،
چانڊوڪيءَ جا چهڪ سڄاڻي،
گهائل گهائل ٿهڪ سڄاڻي،
دکندڙ دل جي مهڪ سڄاڻي:
دل ئي ڄاڻي دل جون ڳالهيون،
دل جا رشتا درد جا آهن.

تنهنجو منهنجو راز ئي ڪهڙو،
راز تہ آخر راز ئي رهندو!

# ٿي رخ

(۱)

ڪڏهن تو زندگيءَ جي ساز تي سرگم سڻائي هئي،
ڪڏهن منهنجي اُڃايل روح ۾ پياسي نگاهن کي،
فقط تنهنجي نمنا جي، سهاري جي ڍِي وائي هئي.
مگر هاڻي محبت هار ڪاڏي آهي دولت ڪان،
نہ تون ساڳي، نہ مان ساڳيو، نہ وعدا ئي رهيا ساڳيا،
وري هڪ وار عورت ٿي وئي مجبور فطرت ڪان!

(۲)

مڃان ٿي، تنهنجي دنيا ڪان گهٽو ئي دور مان آهيان،
مڃان ٿي، پيار جي رستا انوکا ڀِي ۽ اوکا ڀي،
مگر زر جي بنايل قيد ۾ مجبور مان آهيان.
شڪايت ڪان تہ بهتر هو، وساري ئي ڇڏين ها تون،
ڪري بدنام اُلفت کي، ڪجي ڇو پيار کي رسوا،
ڪيا تو ڀي تہ ها واعدا، اهي پاڙي ڇڏين ها تون !

(۳)

وري هُن کي ڪنهين جي ياد ۾ غلطان پاتو مون،
خريديو مون جسم سارو، خريديان ڪينءَ اُلفتَ کي،
هِي دولت – هاءِ، هن دولت کي هو ايمان ڄاتو مون.
سندس هر اَشڪ ۾ پِنهان، گُذشتہ ڪا ڪهاڻي آ،
ڪَنهِين ڪنگال سان وعدو نڀائڻ جو ٿيو هُن کي،
مگر منهنجي هوءَ ٻانهي آ، هوءَ منهنجي در وڪاڻي آ!

# موٽي وڃ

منهنجو ساٿ نہ ڏيئي سگهندين،
موٽي وڃ، تون موٽي وڃ!

منهنجي پريت پپيهي جهڙي،
منهنجو چاهہ چڪوري جاٽي،
منهنجون راهون اوکيون آهن،
منهنجو پنڌ پرانهون آ.

منهنجو جيون جوالا آهي.
جنهن جي ٽانڊن تي ئي منهنجي
پياسي من جي آس ٽِلي:
منهنجي من ۾ ڪائي سُوري،
صدين کان سينگاريل آ.
منهنجو ماڳ نہ پڇ تون، منڙا،
منهنجي مَج، تون موٽي وڃ!

# مان ۽ تون

مان درد جو صحرا تہ ناهيان
جو ڏڄين ٿو.
مان هجر جي پيڙا تہ ناهيان
جو پڄين ٿو.
مان گهري، سمونڊن جي ڪائي ماٺ بہ ناهيان
۽ اونچي پهاڙن جي ڪائي مات بہ ناهيان.
مان آس جي قدمن تي ڪريل
ڪوئي سوالي
آڪاس جي چاهت ۾ چريو
آهيان ازل ڪان.
ڌرتيءَ تي ڪريل پِيلو
چِٽيل پَنُ ئي تہ آهيان،
پٽر تہ ناهيان جو تڏين ٿو.

مان دور فضائن ۾ ڪڙيل
تارو ئي تہ آهيان.
ڪو گهاءُ تہ ناهيان،
پڇتاءُ تہ ناهيان!

# درد جو ميلو

اي رات نہ رو، ڏات نہ رو، لات نہ رو،
ڪجھہ دير سهي شدتِ جذبات، نہ رو.

هي زخم بہ گهرو آ، هر اشڪ تي پهرو آ،
جو تنهنجي هٿان مليو سو گهاءُ سنهرو آ.

هي گيت بہ گهايل آ، سنگيت اُجايل آ،
هڪ دل جي اُداسي آ، جا توتي ئي مائل آ.

اڄ مور اڪيلو آ، اڄ دور سويلو آ،
هن دل ۾ سوين يادون، ڪو درد جو ميلو آ.

تون ياد هجين ها مان دل ۾ ئي سمايان ها،
تون درد هجين ها، مان سيني سان لڳايان ها.

تون گيت هجين ها، مان توکي ئي تہ ڳايان ها،
سنگيت هجين ها تون، مان ڪنڌ ڪپايان ها.

پاڇولو هجين ها تون پڙلاءُ هجان ها مان،
جي ڳهُور هجين ها تون ۽ گهاءَ هجان ها مان.

جي پيار هجين ها تون، پر ياءُ هجان ها مان،
جي پُور هجين ها تون، پڇتاءُ هجان ها مان،

مان رات هجان ها ۽ لات هجين ها تون،
مان چشم هجان ها ۽ برسات هجين ها تون.

مان ڳهُور هجان ها ۽ ڳهات هجين ها تون،
مان روح هجان ها ۽ رات هجين ها تون.

تقدير جي آڏو پر تدبير نہ هلندي آ،
جي خواب اڌورو آ، تعبير نہ ملندي آ.

اڄ موت ڏني مات آ، برسات نہ رو،
اي رات نہ رو، ڏات نہ رو، لات نہ رو.

# سڙهه جا پاڇا

سِڙهه جا پاڇا لهر لهر تي –
سمنڊ ائين، جيئن گهاٽو جهنگل!

منهنجي من ۾ ٿوهر وڻ آ،
جنهن تي ڪائي ڪاري ڪوئل
پل ڪن ڳائي اڏري ويندي،
برڪا ايندي، گذري ويندي.
(بادل ڪنهن جو ساٿي ناهي!)

تنهنجون يادون بادل جهڙيون،
تنهنجون ٻاتيون ڪوئل جهڙيون –
(منهنجي من ۾ ٿوهر وڻ آ،
سمنڊ ائين، جيئن گهاٽو جهنگل!)

سڙهه جا پاڇا ابدي آهن،
لهر لهر کي ڇهندا رهندا:

جيسين پاڻيءَ جو هي جهنگل،
ٻُڏندڙ سج جو پويون ڪرڻو
پنهنجي شاخن منجهه ڇپائي،
اونداهيءَ کي ڳلي لڳائي،
سڏڪي سڏڪي چپ ٿي ويندو.

**بن ۾ ڪوئل رڙندي رهندي،**
**ڳل تي بادل بَرسِي ويندو:**
**سڙهه جا پاڇا ابدي آهن،**
**بادل ڪنهن جو ساٿي ناهي،**
**بادل ڪنهن جو ساٿي ناهي!**

# اوهان جي پڄاڻا

(١)

اوهان جي پڄاڻا
نہ بلڪل ئي ڇهڪي، نہ مکڙي ئي مهڪي،
نہ بادل ئي برسيا، نہ ورسيا وڻاڻا –
اوهان جي پڄاڻا...

اوهان جي پڄاڻا،
اسان روح کي ڄڻ نچوڙي ڇڪاسين،
اداسي نگاهن ۽ تشنہ لبن سان
هر گام،
هر شام توکي پڪاري ٿڪاسين،
مگر تون نہ آئين،
نہ آواز آيو؛
بهارون نہ موٽيون،
۽ ڪونجن جون وڇڙيل قطارون نہ موٽيون،
گلن جا زخم ڪين ڀريا، نہ ڀريا،

ويا دور وڇڙي، سي ساٿي نہ وريا،
ساقي سمهي پيا ۽ مقتل وساڻا –
اوهان جي پڄاڻا...

(٢)

چراغن جا دونها،
فضائن ۾ گم ٿي،
ستارن کي ڇهندا،
گهڻو دور،
ڪنهين قافلي جي مٿم ٿَلين جيئنءَ
اڏندا ئي رهندا:
۽ گلشن ۾ خوشبو،
جواني لٽائي،
ننگيءَ نياڻيءَ جيئنءَ، بازار ۾
هر راهرو آڏو هٿڙو وڌائي،
حياتيءَ جو دان مڱندي ئي رهندي.

ڪنارن تي رنگين آنچل ٻه اُڏندا،
۽ چولين جي ڇَرَ تي ڪي مدهوش جوڙا،
نگاهون ملائي، ڪلي مسڪرائي،
اميدن جا موتي پلاندن ۾ پائي،
ٽِلندا ئي رهندا، ملندا ئي رهندا.

(٣)

مگر منهنجي دامن ۾ تارا نه آهن،
اداسي اکين ۾
فقط چند بيسود آنسو ئي آهن:
آنسو،

جي گيسو سنواري نہ سگھندا،
منا، تنهنجو مکڙو اُجاري نہ سگھندا.

ڊِجان ٿو
تہ راتين جي خاموش وادين ۾، سائين،
اهي تنهنجا تحفا، اهي منهنجا ساٿي،
گھٽا ڏينهن مون سان بہ گھاري نہ سگھندا!

# ڪجھ تہ گھرين ها

جي سونهن گھرين ها ساٿيئڙا،
مان چانڊوڪي چورايان ها.

جي پيار گھرين ها پانڌيئڙا،
مان مرڪي جان جلايان ها.

جي گيت گھرين ها منهنجا پرين،
مان سڏڪن جي سُر ڳايان ها.

جي سوچ گھرين ها سانولڙا،
مان روح جي لوچ لڪايان ها.

جي جيت گھرين ها جاني تون،
مان هار تي لڙڪ نہ لاڙيان ها.

جي ساھ گھرين ها ساجن تون،
مان چاھ تي ساھ لٽايان ها.

جي لڙڪ گھرين ها اکڙين جا،
مان نيڻن نير وهايان ها.

پر سونهن نہ ڪو سوداءُ گھريئي،
يادل جو گھرو گھاءُ گھريئي.

ڪا سوچ نہ ڪائي لوچ گھريئي،
يا گيتن جو گھراءُ گھريئي.

ڪي گيت نہ ئي سنگيت گھريئي،
يا پوڄا جو پڇتاءُ گھريئي.

چپ چاپ اڪيلين راھن ۾ ،
ڇو نئنھڙ اُس جو تاءُ گھريئي؟

تون اوجھل ٿي وئين اکڙين کان،
جيئن واس جدا ٿئي مکڙين کان.

مان درد ڇپائي نيٽن ۾ ،
ھر ويل ٿو مرڪان ويٽن ۾.

تون ڪجھہ تہ گھرين ھا ساٿيئڙا،
تون ڪجھہ تہ گھرين ھا ساٿيئڙا.

# دل جا ويرانا

دل جي ويراني جو ڇا هي؟
ويرانو، ويرانو رهندو.

ديواني جي دنيا آهي،
پل ۾ آنسو، پل ۾ آهون،
پل ۾ مُرڪن جا ميخانا!
ڪنهن جي آئي اکڙيون آليون،
ڪنهن لئہ ڳائي جيون جاليون:
دل جي ويراني جو ڇاهي؟
ويرانو، ويرانو رهندو.

واريءَ تي خمدار وراڪا
ڄڻ ڪنهن ويران مندر جي
مرجهايل ماضيءَ جا ڏاڪا –
تهخانن ۾ يٽڪيل سايا،
ماضيءَ جون مجبور نشانيون –
بيوس، بيحس.
بيرس، بيچس –
ڄڻ ڪنهن پاڳل مصور پنهنجي
بي پر تخيل کي آ سانديو،
ڄڻ ڪنهن بدصورت دوشيزه

آئيني کان پاڻ ڇپايو،
جڻ کو پنڇي، پلجي آيو،
بيگاهي، اونداهي بَنَ ۾ :

دل جي ويراني جو ڇا هي؟
ديواني جي دنيا ڇاهي؟

# آءُ اڪيلو

من تي مونجهہ
ساهُ بہ ساٽو؛
رڪي رڪي ڪو باھ جو جهوٽو
جيئي اوڳاري،
ٿهہ ٿهہ ڪلندو،
رڄ جي رت تي ڪاهيندو،
باھ منجهاران باهيندو،
هليو وڃي ٿو دور ڏکڻ ڏي،

آءُ اڪيلو،
آءُ اڪيلو، ويچارو،
گهائل من کي پرڀايان ٿو،
يادن جي ڪنهن ڪاڪ محل ۾
دل جو ديپ جلايان ٿو.

پر –
پر باھ جو جهوٽو
ٿهہ ٿهہ ڪلندو،
رڄ جي رت تي ڪاهيندو،
باھ منجهاران باهيندو،
ٻيهر موٽي آيو آهي:
آءُ اڪيلو –
آءُ اڪيلو، ويچارو.

# ڪاڪ جي خاڪ

ڪاڪ جي شايد خاڪ اُڏي آ،
رات رني ويراني ۾!
پياسا راڻا، سُرڪيءَ ڪارڻ،
صدين جا ايوان اورانگهي،
پنهنجي ماضيءَ جو ڪو مٽم
جهيڙو تصور دل ۾ سانديي،
آيا ساڻا ويڳاڻا،
مومل جي ميخاني ۾:
ڪاڪ جي شايد خاڪ اُڏي آ!

# لاٽ

درد جي ڪائي لاٽ اُٿي آ،
دلڙي، هاڻي ڌيرج ڪهڙو؟

ڪهڙيءَ ڪاڪ پڪاريو آهي،
ڪهڙيءَ مومل ساريو آهي؟
ڪهڙي نيرو، سُر جي ڪارڻ،
روم ڪي ٻيهر ٻاريو آهي؟

ڪهڙي چنڊ چڪوري بنجي،
پنهنجي پاڇي پائڻ خاطر،
بَنَ بَنَ روئي ڳايو آهي،
پرينءَ ڪي پريائڻ خاطر؟

مان راڻو ناهيان،
راڻي جو ٻهروپ سهي،
پوءِ ٻي آخر ڪينءَ چوان
ڪهڙيءَ چانڊوڪيءَ جي خاطر
آيو آهيان،

جنمن جي پهچاڻ ڇڏي،
ابديت جا اهڃاڻ ڇڏي،

چاهت جي چانڊاڻ چڙهي،
پنهنجو آيس پاڻ چڙهي!

منهنجا همدم ، منهنجا قاتل!
اوري آ، تون اوري آءُ،
منهنجي دل جي ويرانيءَ ۾
ڪاري ڪاري ٻاٽ تہ ڏس،
بوند جي اُساٽ تہ ڏس،
اميدن جي آشائن جي،
صدين ڪان جا سانديل آهي،
دل جي گهائل گهراين ۾
درد جي ڪائي لاٽ تہ ڏس!

# ٿوهر جو، سورج جو رشتو

ڪي آهُن جا رشتا،
ڪي دانهن جا رشتا،
ڪي گهايل، ستايل نگاهن جا رشتا،
ڪي سُوريءَ تي سَهميَل پناهن جا رشتا،
ڪي گهريءَ جدائيءَ ۾ جالڻ جا رشتا،
ڪي چاهت جي پاپن ڪي پالڻ جا رشتا.

ڪي رشتا،
جي ڌرتيءَ جي آنچل جيئن ڪُومل،
جي مُرجهن نہ مارئي، جي مُرڪن نہ مومل.

ڪي رشتا،
جي ساوڻ جا گهنگهور بادل،
جي ترسن نہ تاسا، جي برستن نہ جل ٿل.

ڪي رشتا،
جي اوچن پهاڙن جيئن پلجن،
نہ جهوريَن جئن جهَلجن،
نہ سُورن جيئن سَلجن.

ڪي رشتا،
جي اڪڙين جي اوڻن ۾ ٽاندا ٿي ٽمڪن،

۽ بيوس نگاهن ۾ خوابن جئن جهلڪن.

ڪي رشتا،
جي واسينگ وانگر ورن ٿا،
۽ مرليءَ مٿان ڪنڌ ڪوري ڪِرن ٿا.

ڪي رشتا،
جي گمنام،
ناڪام،
بينام آهن،
اسان جي اڌوريءَ تپسيا جو انجام آهن.

۽ اهڙن ئي رشتن جي پاڇي ۾ ويهي،
مون پنهنجيءَ حياتيءَ ڪي گهُوري ڏٺو آ –
ڪڏهن درد بنجي،
ڪڏهن دانهن بنجي!

تڏهن تنهنجي چيڙن تي چنبڙيل،
اُداسيءَ جا چاپڙ ڇٽن ٿا:

اداسي،
جا گونگي ۽ ٻوڙي ۽ نابين آهي،
جا منهنجي اندر ۾ اِئين ئي رهي ٿي،
جڻ ڪوئي ٿُوهر جو ٽاريلو وڻ آ،
يا سورج جي ٽانداڻ گولي جي وچ ۾،
ڪا ننڍڙي جهُڳي آ،

## جا منهنجو ئي گهر آ!

اهو ئي آ رشتو،
تنهنجو ۽ منهنجو –
گونگو ۽ ٻوڙو ۽ نابين رشتو،
ٿوهر جو رشتو،
۽ سورج جو رشتو!

انهيءَ ۾ اسان جي
محبت ۽ نفرت،
چاهت، عبادت،
جهنم ۽ جنت،
سڀڪجهه دفن آ.
انهيءَ ۾ اسان جي ڏکن ۽ سکن جي
ڪلهاڙي چُٻيل آ:

کهاڻي،
جا بيجوڙ، بيرط، بيڊنگ آهي –
نہ جنهن جي اڳياڙي،
نہ جنهن جي پڇاڙي،
نہ ٿهڪن جا ٽانگڙ،
نہ خوابن جي خوشبو،
نہ ڪائي تمنا،
نہ ڪو رنگ آهي:

کهاڻي،

جا رشتن جي محتاج ناهي:
کهاڻي،
جا ماضيءَ جي پاڇن جو پڙلاءُ آهي،
۽ يادين جي وادين جو ڦهلاءُ آهي،
حياتيءَ جي ڇاتيءَ تي ناسور آهي،
گهرو گهاءُ آهي:

کهاڻي،
جا سُوري آ، سنياس آهي،
اسان جي محبت جو انگاس آهي:

کهاڻي،
جا ڦهرئين پگهر جئن پراڻي –
جو تَرسي تہ موتي، جي تِرڪي تہ پاڻي:
کهاڻي، جا مارئيءَ جي لوئي بہ آهي،
کهاڻي، ڏونئرن جي ڏوئي بہ آهي:

کهاڻي،
جا ڇولين جي ڇَر تي
پکيءَ جي پرن سان لکيل آهي:
کهاڻي،
جا ڪَنُ آ،
گهڙي آ،
ساعت، لمحو ۽ پَلُ آ:

کهاڻي،

جا جوڏن، جوانن، جُنگن جيئن،
اٺموٽ،
ارڏي،
اٽل آ،
اجهل آ!
اِها ئي ڪهاڻي آ تنهنجي ۽ منهنجي،
اهو ئي آ رشتو،
اهوئي آ ناتو،
تنهنجو ۽ منهنجو –
گونگو ۽ ٻوڙو ۽ نابين رشتو،
ٿوهر جو رشتو،
۽ سورج جو رشتو!
---

# تڙپياسين، تدبير نہ بدلي

ساگر سک جو ساھُ نہ سنبري،
وارياسي جي وِيرَ نہ بدلي:
اُوچي اُڀ ۾ تنهنجي هوندي،
تارن جي تقدير نہ بدلي.

گيت بہ بدليا، مِيت بہ بدليا،
ساوڻ جا سنگيت بہ بدليا:
سيڪي بدليو، تنهنجي سنڌو!
سون سريکي سِير نہ بدلي.

پل پل پهرا ديوانن تي،
وک وک تي سؤ ويَل وهيا:
صديون گذريون، سينڌ نہ سنوري،
تڙپياسين، تدبير نہ بدلي.

لڏندي ٻيڙي، ٻڏندا پاچا،
لهرن لُڙَ ۾ گذريو چا چا:
واچوڙن ۾ واٽ ڏنيسين،
تصور جي تصوير نہ بدلي.

تنهنجو منهنجو تُرهو ساڳيو،
ڦِيڻ بہ ساڳي، ڦرهو ساڳيو:
تڙپي تڙپي پار پُڳاسين،
هچياري پر هير نہ بدلي.

# جت رچ رڙي

جت رچ رڙي، جت ساهه سڙي
۽ آه نہ ڪو انسان ڪري،
اُن ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي،
اُن ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

جت پريت نہ ڪو پرياءُ هجي،
۽ گهاءَ مٿان سؤ گهاءُ هجي،
جت راڳ نہ ڪوئي رنگ هجي،
جت چنگ رڳو پيو ڏنگ سهي-
ان ڌرتي تي ڪو ڪيئن رهي؟

جت واڳونءَ جهڙا وات سوين،
۽ ڏائڻ بڻجي ڏات لنوين،
جت ساوڻ آئي ساٺ نہ ٿئي،
۽ ڏاوڻ ڏک جو ڪين لهي –
اُن ڌرتي تي ڪو ڪيئن رهي؟

هي ڪارا ڪارا بادل ها،
جي پريتم جهڙا پاڳل ها،
هُو ترسيا ها ۽ برسيا ها،
جيئن نينهن وچان ڪو نار وهي –
اُن ڌرتي تي ڪو ڪيئن رهي؟

**مون اوچا اوچا ڪوٽ ڏٺا،**
**مون گهائل گهائل گهوٽ ڏٺا،**
**ڇا ڇا نہ ڏٺو مون دنيا ۾ ،**
**ڪيئن لوڪي نوڳيءَ سان ٿو نهي –**
**اُن ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟**

# سنڌو

سنڌو، توسان سو سَگ آهن،
ديس وارن ديوانن جا؛
درد جا رشتا، دل جون ڳالهيون،
پور پراڻا، خواب خوشين جا،
ورهين کان تو سانديا آهن،
اڻڄاتل انسانن جا!

منهنجي ديس جي ڌرتيءَ تي آ
تنهنجي ڇايا، تنهنجا ڇيچ،
ڏيهه يلي ڍڪاءُ هجي پر
ڏاهپ ڏاهپ تنهنجا ڏيچ.

ماروئڙن جو ساهه بہ تون آن،
چاههُ بہ تون آن،
خوشيون توسان،
ڏک – سک تو سان،
گيتن جو گونجار بہ توسان،

قرب ڪڙا اقرارَ بہ توسان،
جيت بہ توسان هار بہ توسان،
محبت جي مهڪار بہ توسان
تنهنجي لات لطيف جي وائي،
تنهنجو پاڻي امرت ڌارا،
تنهنجون لهرون گئوا لوليون،
تنهنجي چاهت چوڏس جهڙي،
ٻهہَ ٻهہَ ٻُرندڙ تنهنجون ٻوليون،

**ڪاڪ منجهان ڪا خاڪ اُڏاڻي،**
**مهڪِي پيو مهراڻ جو پاڻي.**

**منهنجو ماضي:**
**منهنجو ماضي، اُپ ڪان اوچو،**
**تنهنجي تِڙڪي منجهه تريو هو،**
**ڪلهه جو ماڻهو ڪوڏن جهڙو،**
**تنهنجي چاهت منجهه چريو هو.**
**مان ان جو پاڇولو آهيان:**

**ساڳيون ڳالهيون، ساڳي ڳڻتي،**
**ساڳي ئي ڳڻڳوت منهنجي،**
**راهه به ساڳي، واهه به ساڳي،**
**سِيرَ اُها، سيڻاهه به ساڳي.**

**اڄ جو مون سان جاڙ ڪئي ٿئِي،**
**ان جو ڪو ارمان نه آهي؛**
**تنهنجو منهنجو درد جو رشتو،**
**ڪينءَ ٽُٽي - آسان نه آهي.**

**تنهنجي پاڻيءَ ۾ ئي پلجي،**
**بارُ وڏي ٻلوان ٿي ويندو:**
**اوپر ڪان جو باک ڦٽي آ،**
**اُجيارو ايوان ٿي ويندو**

# سنڌو وهندي رهندي آ

(1)

سنڌو ديس دليرن جو،
شهميرن جو، شهزورن جو.

هت ڌرتي سونا سنگ ڪري،
هت سانوڻ سَوَ سَوَ رنگ ڪري،
هت چانڊوڪي جڻ چاندي آ،
هت محبت سيجي باندي آ،
هت مهمانن کي مان مليو،
هت دردوندن کي دان مليو،
هت دولهه دريا خان هئو،
هت شهبازن جو شان هئو،
هن ديس جي ڪهڙي ڳالهه ڪيان،
هن ديس ۾ ڪيئي لعل مٺيان!

هت هوشوءَ جي هوڪار هئي،
هت لالڻ جي للڪار هئي،
هت سورهيه ها، سردار هئا،
هت واسينگن تي وار هئا،
هت سهڻيءَ جا سينگار هئا،
هت هوت مٺا حبدار هئا،

سنگيت هئا، ۽ ساز هئا،
هت نينهن وارن جا ناز هئا،
هت سچل جهڙا سالڪ ها،
جي ملڪ سڄي جا مالڪ هئا،
هت هيموءَ جهڙا گهوٽ هئا،
جي ارڏا ها، اٽموٽ هئا.

سنڌو ديس دليرن جو،
شهميرن جو شهزورن جو

(2)

صدين کان هيءَ سهٽي ڌارا،
ڏُک سک سهندي رهندي آ،
سنڌو وهندي رهندي آ!

ڏيرا گهوڙا ڏيساور جا،
ڪوٽ ڪڙا ڪنهن زوراور جا،
ڳاڙها ڳوڙها ڪنهن شاعر جا.

ماروئڙن جون اکڙيون آليون،
ننگيون نياڻيون غربت پاليون،
پوءِ بہ منڙيون پيار جون ڳالهيون.

ڏينهن ڏکن جا، راتيون رولا،
هاءِ حياتي ڳيي ڳولا،
چڳون چِيڙهيون، چيهُون چولا.

گند ۾ گوهر جيئن جواني،
خواب انهن جا اٽيي ماني،
ڪنهنبي چٽڪو ۽ پوءِ فاني.

پيرن جو هيءُ ڏيهه پراڻو،
گهوٽن لاءِ هيءَ ڌرتي گهاٽو،
مارئي ماٽي انڌو ڪاٺو.

مومل جي ماڙي جا سودا،
راڻي بدران غنڊا شودا،
ٽُپي ٽِنڊ تي واڇون گودا،

ڪونڌر ڪُسندا رهندا آهن،
سچا سختيون سهندا آهن،
مَندا سڀ جا مهندا آهن.

جنهن کي آڌر ڀاءُ ملي ٿو،
تنهن کان توکي گهاءُ ملي ٿو،
اوندهه ۾ انياءُ ملي ٿو.

سهڻي مهڻي سنڌي ٻولي،
جنهن ۾ لال ڏني آ لولي،
ان جي بدلي ڀالا گولي.

صدين کان هي سنڌو ڌارا،

## خواب خوشين جا لهندي آ:

سنڌو وهندي رهندي آ،
سنڌو وهندي رهندي آ.

# سڄاڳي

وري رات جا ڪات ڪڙڪي اُٿيا،
وري خون خوابن جو هر سُو ٿيو،
وري خشڪ ڌرتيءَ جي صدين ڪان سانديل
انڌيري تَهن جي سحر جي ستايل،
ڪا ديرينہ خواهش،
ڪنهن اپڇڙا جيئن پرڙا پٽاري،
اُڏامي اُٿي آ.

وري روح راڻي جو ساڻو ٿيو آ،
وري ڪاڪ ماڻڻ لئہ
چانگي تي ڪوئي،
ڪَتين جي سهاري
انڌيرا اُجاري،
پرينءَ کي پڪاري،
هليو آ، هليو آ:

۽ مومل جي ماڙيءَ جا
ديپڪ اجهاڻل
وري وقت جي واڳ واري بہ آيا.

انڌيري ۾ سنسان ڪنڌر ۾ سايا،
گهڻي دير هڪبئي کي ڇهندا ئي رهندا:
ڄاڻڻ، سڄاڻڻ ۽ ماڻڻ جي خواهش

دلين ۾ ئي سانديي،
گهڙي پل لئہ جاڳي
مگر پوءِ ساڳي
اوندهہ ۾ گم ٿي
اُجهامي، اُجهامي، اُجهامي ئي ويندا.

(تڏهن ڪوئي سايو،
ڪينجهر جي ڪپ تي
هوري هوري آيو.)

ڪينجهر ۾ پر اڄ ڪا ڪشتي نہ آهي،
لهرن جي لُرَ ۾ ڪا مستي نہ آهي:
نہ ڪا لات سُرَ جي نہ رقصان جواني،
نہ راڻيون، نہ واڻيون، نہ رنگين ڪهاڻيون،
نہ گندري نہ گندريءَ جو ورلاپ آهي:
نہ راڻو نہ مومل، نہ سهڻي نہ ميهر،
نہ ليلان نہ ڪونئرو، نہ راجا چنيسر،
نہ داڻو، نہ داڻي جو چمڪو ئي آهي،
نہ ٻيجل، نہ ٻيجل جي سر جي صدا آ.

(فقط خاموشي آ،
الا، خاموشي آ!
ڪوئي ناهي، ڪوئي ناهي،
منهنجو هتڙي ڪوئي ناهي،
هتڙي ڪنهن جو ڪوئي ناهي،
ڪوئي ناهي!)

تڏهن اوچتو، دل جي تاريڪ تَهہ مان
ڪو احساس آ جو پڪاري پڪاري،
بغاوت جو پرچم اُڏاري اُڏاري،

چوي ٿو:
مان ڄام آهيان، مان ڄام آهيان،
۽ منهنجي نوري سُوري آهي؛
منهنجي ڪينجهر ڪپ تي ڪائي
گندري اڄ ٻي پُوري آهي!

مان ڄام آهيان، مان ڄام آهيان،
مون جهڙو ڪوئي ڄام نہ آ!

ٻڌ، اي ڄام تماچي،
تنهنجا ڄام سمورا پوريان ٿو؛
سمان، تنهنجي ڪينجهر ڪارڻ
پنهنجو سيڪجهہ گهوريان ٿو.

ڌرتيءَ جون ڪوماڻيل مڪڙيون،
پنهنجي دامن ۾ پائي مان
چپي چپي تي قنديلون ٻاري ٻاري
آيو آهيان؛
هوشوءَ واري هوڏ وري اڄ جياري جياري
آيو آهيان؛
متوالن کي ميري مَٽ مان ڪا شي ٻيهر

## پياري پياري آيو آهيان!

تو ڌرتيءَ کي آڪاس ڏنو،
مون پستيءَ کي وشواس ڏنو؛
تو اوندهہ کي اتهاس ڏنو،
مون جنم جنم جي اونداهين کي
قربانيءَ جو واس ڏنو:
تو پريت ڏني،
مون ريت ڏني،
تو چاهہ ڏنو،
مون ساهہ ڏنو:
ڪلهہ توسان نوريءَ نياز ڪيو،
اڄ مون تي سُوري ناز ڪندي!

# هوشوشيدي

رات جي انڌياري ۾
ڪارا بادل هر طرف ڦهلي ويا –
ڪو به سايو ڪونه ٿو ڏسجي ڪٿي،
خاموشين جو راڄ آ!

سانت جي آواز ۾
ڌرتيءَ جي مڌم چال ڄڻ گم ٿي وئي –
زندگي گم ٿي وئي، روشني گم ٿي وئي!
زندگي ڪاڏي وئي؟
روشني ڪاڏي وئي؟

اوچتو ئي اوچتو ڄڻ آسمان ڦاٽي پيو –
گوڙ جي ڪڙڪات ۾،
ڪنوڻ پيي تڙپي اُٿي.
ڏيري ڏيري، هوري هوري،
گرد جو طوفان ڄڻ جاڳي اُٿيو.
پن ڇُريا، شاخون ڇُريون ۽ پوءِ آخر
وڻ لڏيا.

هر ڏار تان مرده پکي
خشڪ پتن جيئن
سخت ڌرتيءَ جي مٿان ڪرندا رهيا.
طوفان جي رفتار پيي وڌندي رهي،
ڇَرَ مٿان ڇَرَ ٻوڏ جي ايندي رهي.

گهر لڙهيا، ماڙيون لڙهيون، محلات ويا،
ڇڻ تہ ڪوئي ديوُ ڌوڪيو ٿي ويو.

ايتري ۾ دور ڪا جوتي جلي،
ٻن هٿن جي ڇانوَ ۾ ڪو ديپ هو،
جو ٿي ٻريو.

ڪارڙو ۽ ڪوجهڙو
هُو سورمو اڳتي وڌيو،
هر انڌيري راه کي روشن ڪندو
اڳتي وڌيو.

هن جي زخمن مان جتي پيي
خون جو ٽيپو ڪريو،
ات زندگي جاڳي اٿي!

هن جتي پيي پنهنجو گهائل پير رکيو،
روشني جهلڪي اُٿي

ڦول کلندا ئي رهيا ۽ روشني وڌندي رهي،
هر طرف کان زندگي جهومي اُٿي

ڪنهن پڇيو، "هيءُ ڪير آ؟"
سنڌڙيءَ مُرڪي چيو،
"منهنجو ٻچڙو، منهنجو هوشو، منهنجو لال!"

# سورهيه ساٿي

جي ڪوڙيا ڪاڪ ڪڪوري ويا،
۽ چنگُ چاهہَ جو چوري ويا،
سي پيارا جيءَ جيارا ها،
جي ساٽيهہ تان سر گهوري ويا.

هو سنڌڙيءَ جا ديوانا ها،
۽ محبت جا ميخانا ها،
هُو ٻيجل ها، ٻاروچل ها،
جي خاڪ خون سان توري ويا.

هُو ڪنهن نہ جهليا ۽ ڪنهن نہ پليا،
جي سوريءَ تي سنجهي ئي هليا،
هُو گهوٽ هئا، اٽموٽ هئا،
جي ٻرَ ۾ ٻڙڇي ٻوري ويا.

هُو ڏاڍ اڳيان ڏهڪاءُ هُئا،
هُو پاپيءَ لئہ پڇتاءُ هئا،
هُو مست هئا، سرمست هئا،
جي أپ تي نانءُ أڪوري ويا.

هُو چانڊوڪيءَ جو چهڪ هئا،
هُو اونداهيءَ ۾ ٽهڪ هئا،
هُو سورهيہ منهنجا ساٿي ها،
جي قاتل جو ڪنڌ ڪوري ويا.

# ديپن ۾ جو خون پريو

مون توکي ساهُ ڏنو آ، سنڌو،
تون مون کي وهڻ وٺو تہ نہ ڏي!

هي رَتَ ڦُڙا ميندي‌ءَ رتا،
هي سِرَ وڍيل سرويچن جا،
هي ڌرتي‌ءَ تي جي ڏگ ڪِريا،
سي موت پڇاڻا مات نہ ٿيا:
تون مون کي وهڻ وٺو تہ نہ ڏي!

هي‌ءُ ڪاتي‌ءَ هينان ڪَنڌ تہ ڏس،
هي‌ءُ پانڌيئڙي جو پَنڌ تہ ڏس،
جت هِير گهُلِي سو هَنڌ تہ ڏس،
اڄ ساهن منجهہ سڳنڌ تہ ڏس:
تون مون کي وهڻ وٺو تہ نہ ڏي!

مون گيتن سان گونجار ڪئي،
مون سُر لُٽائي سار ڪئي،
مون هوشوءَ جيئن هوڪار ڪئي،
مون هيمونءَ جيئن هُبڪار ڪئي:
تون مون کي وهڻ وٺو تہ نہ ڏي!

اڄ پڄرڻ جو پهہ يار ڪيو،
سَؤ ساٿ ڪيو، سينگار ڪيو،
اڄ ڏاريا ڏوکي ڏار ڪيو،

اڄ واسينگن تي وار ڪيو:
تون مون کي وهہ وٺو تہ نہ ڏي!

جي ٻَر ۾ بازي هاري ويا،
سي پنهنجو وعدو پاري ويا،
هُو توتان سيڪجهہ واري ويا،
جي خون سان ڌرتي ٺاري ويا:
تون مون کي وهہ وٺو تہ نہ ڏي!

اڄ زنجيرن تان زنگ لٿا،
اڄ ويڙهيچن جا ونگ لٿا،
اڄ رنگيلن جا رنگ لٿا،
اڄ ڏيهہ سڄي تان ڏنگ لٿا:
تون مون کي وهہ وٺو تہ نہ ڏي!

جا جوت جلِي، جو نُور ڊريو،
سو منهنجي واڪي سان ئي وريو،
اڄ ديپن ۾ جو خون ٻريو،
مون پنهنجي سيني مان ئي پريو:

تون مون کي وهہ وٺو تہ نہ ڏي!
تون مون کي وهہ وٺو تہ نہ ڏي!

# هوءِ مان

هو ڪير آهي - ؟
هو،
جنهن جڳ جي جاڳرتيءَ خاطر
پنهنجو پاڻ وڃايو،
جنهن تَنَ، مَنَ، ڌن جو دانُ ڏنو،
۽ چاهَ جي راهَ ٻڌائي:

جنهن لڙڪ وهائي مُرڪ ڏني.
۽ نفرت جي ماري، انڌياري
هن دنيا کي،
پيار جي پياري سُرڪ ڏني.

هُو ڪير آهي – ؟
جو سيني ۾ صدين جا سوداءَ ڇپائي،

طوفانن ۾ لاٽ جلائي،
ميري ڌرتيءَ جي آڱنڊ تي،
آيو پيرُ پيرَ ۾ پائي.

جنهن پيار جي بدلي،
سر تي پاتو تاج ڪَنڊن جو!
جنهن پنهنجو لاش ڪلهن تي نيئي
گليءَ گليءَ ۽ چوراهن تي،
جوڙيون پريم جون گرجائون.

هر بار جڏهن پيي نياءَ انياءَ جي
جنگ ڇڙي،
هر بار جڏهن پيي ڏاڍَ ڏکويو
دنيا کي،
هر بار جڏهن پيي ڪوتن ۾
ڪا ڪُوڪ اٿي،
تڏهن اٿي هُو آيو آ.

واريءَ جي ميدانن ۾
۽ دهشتناڪ سمونڊن پار،
ڌرتيءَ جي هر ڪُنڊ ڪڙڇ ۾،
رام، گوتم ۽ عيسيٰ بنجي،
زنجيرن کي ٽوڙيندو،
طوفانن جا رخ موڙيندو،
هُو ايندو آ سوراج کڻي.

هُو ڪير آهي، سو هُو ئي ڄاڻي،
پر مامَ پَري ڪا مهما آ!

مان
ڪنهن مون کان پڇيو، مان ڇا آهيان؟
مون ڪِي نہ چيو، مان چپ ئي رهيس،
مان چپ ئي رهيس جو ڄاڻان ٿو،
جو ڄاڻان ٿو مان ڇا آهيان.
مان ديس ديس جي پُون آهيان،

مان تارن جي پرڇائين،
مان جنم جنم جي جاڳرتي،

مان بَنَ بَنَ جو بنواري.
مون ئي مٽرا ۾ ويهي
پنهنجا گهنڊ وڄايا،
مندر مندر مچلي مون
پنهنجا سَنکَ سجايا:

گوتم بنجي در در تان مون دان مڱيو،
گانڌي بنجي، گوليون کائي،
ڌرتيءَ کي مون گيان ڏنو.

مان مارئيءَ جو ورلاپ آهيان،
مان قرباني مان آهوتي،
مان آزاديءَ جي آسَ آهيان:
مان مورڙئي جو ماڳ!
سچ جي خاطر
جو سوريءَ کي سينگار مڃي،
مان سو عيسيٰ، مان سو هوشو،
مان ئي راءِ ڏياچ !

# مون گيت اُهي ئي ڳاتا ها

تو پنهنجا سيڻ نہ بدليا ها،
مون تنهنجا سُرَ سجاتا ها:

جي تنهنجي من ۾ تڙپيا ها،
مون گيت اُهي ئي ڳاتا ها.

تون تاڙو ٻڻجي ترسيو هئين،
مون ڪوئل بنجي ڪُوڪيوهو:

تون گهايل دل جي گهُور هئين،
مون ڳوڙها ڳل سان لاتا ها.

هِن جهانءِ تہ جڳ کي جهوريو هو،
هي گيت تہ گهاتن جهڙا ها:

جو جوڳي بنجي روڳ سهي،
مون ويس اُهي ئي پاتا ها.

جيئن موتئي مان مَهڪار هُلي،
جيئن پورب کان پرڀات ڇُلي،

مون اهڙا ڪيئي گيت گهڙيا،
جي اُڏما اُڏما آتا ها.

تو اهڙا ڪيئي پُٽ جڻيا،
جي تنهنجيءَ ڪُک جو ڪانُ بڻيا:

جي توکي ڏُوڙ ۾ ڏوڪي ويا،
سي تنهنجا پنهنجا ماتا ها.

# زندگي

او زندگي
مرڪ تنهنجي ابتدا،
۽ لڙڪ تنهنجي انتها:
ڪا گهڙي تنهنجي سلوڻي ساز ڪي ٻڌندو رهيس،
ڪا گهڙي ويران دل، آليون اکيون اگهندو رهيس:
ڪير آهي، جنهن جي اکڙين ۾ نراشا ناهه، چئه،
ڪير آهي؟
هر مسافر جي اجايل ۽ ستايل سيني ۾
ڇا تنهنجوئي نيشان ناهه؟

تون ماءُ ٻي آن، موت ٻي،
تنهنجي اونداهي انڌاري روح ۾
ٽمٽمائي ٿي ڪا جهيڻي جوت ٻي،
هڪ هٿيليءَ تي رکي امرت نچين –
ڇنن ڇن ڇن، ڇنن ڇن ڇن –

مرڪ سان پر زهر ڦهلايو ڇڏين،
خاموشيون – خاموشيون – خاموشيون!

هر قول ۾ توکي ڏٺم،
هر ڪراڙي، بي سهاري جي بکايل گهور ۾
توکي ڏٺم،
هر پجاريءَ جي پراڻي پاپ ۾،

هر ٻِڪاريءَ جي وڇايل جهول ۾ توکي ڏٺم:
ساز ۾، آواز ۾،
آلاپ ۽ ورلاپ ۾ توکي ڏٺم،
او زندگي،
سچ ٿو چوان، توکي ڏٺم!

# ڪارو بادل

عرصي کان هي ڪارو بادل
روز اچي ٿو، روز وڃي ٿو،
بيهي بيهي روز گجي ٿو،
ليڪن برسيو ناهه ڪڏهن ئي.

هيٺ زمين تي ڍورَ اُجايل،
ڏرتي ڪاميل، ماڻهو تايل،
وڻ ٽڻ ٻوٽا،
ڳاڙها پِيلا،
ڪومايل ۽ مرجهايل،
روز تڪِن ٿا آس – اکين سان:
ليڪن ڪڪ تي اميدن ڪان،
رڳ رڳ ۾ ڪو روڳ لڪائي،
آس جي ڏيمي لاٽ اُجهائي،
خاموشيءَ سان بيٺا آهن،
ڪنڌ جهڪائي.

ڪانگ اُڏي ٿو – ڪانگ اُڏي ٿو،
پياسو پياسو ڪانگ اُڏي ٿو،
پاڻيءَ ڪارڻ ڪانگ اُڏي ٿو:

هيڏي هوڏي ڦيرا پائي،
وات پٽي، پرڙا ڦڙڪائي،
بوند بوند جي لئہ واجهائي،
نيٺ زمين تي آيو آهي،
ڦٿڪي ٿو، جڻ گهايو آهي،
هاءِ، ڪانگ اُڃايو آهي!

ٽنهڻ اُس ۾ پوڙهو مالهي،
خالي ڦوهاري سان بيٺو،
ڪلرانيءَ ۾ پاڻي هاري،
ليڪن پاڻي ڪاٿي آهي؟
ڪاٿي آهي - ڪاٿي آهي؟

ڌرتيءَ مان اڄ تيل ڳڙيو آ،
شاخ شاخ ۾ تيل جي بُو آ:
نديون نارا، ٻنيون ٻارا،
نهر نيسارا تيل تا ڳاڙن،
پاڻي جي ڪا بوند نہ آهي!

ڪارو بادل اڄ بہ نہ برسيو،
ايڏو عرصو ڇا لئہ ترسيو -
ڪارو بادل اڄ بہ نہ برسيو!

ٻيڙيءَ وارا، ونجھ هلاءِ،
زور زور سان ونجھ هلاءِ!

ريتيءَ جي رڻ پٽ ۾ ٻيڙي
ٻيني آهي صدين کان:
سڙهه سمورا ڇيهون ڇيهون
رڻ پٽ سارو ريهون ريهون!
ڪنهن جو ماتم ڪير ڪري ٿو؟
ڌرتي آ، يا اُڀ ڌري ٿو؟
سج سوا نيزي تي آيو،
پاڻي ٻڻجي پهڻ ڳري ٿو:
ٻيڙيءَ وارا، ونجهه هلاءِ،
زور زور سان ونجهه هلاءِ!

رُج سان اُڃ لهي ته نه سگهندي،
ڌرتي ڏاڙ سهي ته نه سگهندي،
ڏاڍَ سان ذات رهي ته نه سگهندي:
ونجهه هلاءِ، تون ونجهه هلاءِ،
ٻيڙيءَ وارا، ونجهه هلاءِ،
تڪڙو تڪڙو ونجهه هلاءِ!

ڪڙڪي سان هو ڪارو بادل
وڏ - ڦڙي وسڪاري سان
برسي پيو برپٽ مٿان.
وڄ وراڪا ڏيندي اُيري،
اوهيڙي سان برڪا اُتري:
اُڀ منجهان اڄ خون وُٺو آ،
آڪاسن تي ڪير ڪُٺو آ؟
ڪارو بادل ڦاٽي پيو آ!

ٻيڙيءَ وارا ونجهه هلاءِ،
ونجهه هلاءِ، تون ونجهه هلاءِ!
ڪانگ اُڏي ٿو ڪانگ اُڏي ٿو،
بود ۾ پرجي ڪانگ اُڏي ٿو!

# چؤواٽو

هن شهر جي هر چوواٽي تي
مان ڳاٽن جا فانوس ڏسي،
ڪا پلڪ تہ بيهي سوچيان ٿو:

هيءُ ڪنهن جو ڪنهن جو سِرُ آهي،
هيءُ ڪنهن جو ڪنهن جو خون آهي؟
هر لاش تہ هڪڙئي جهڙو آ،
۽ خون بہ ساڳيو ساڳيو آ،
پوءِ ڪنهن کي ڪنهن کي ناءُ ڏيان،
۽ ڪنهن کي ڪنهن کي ڏار ڪيان،

هر لاش تہ هڪڙئي جهڙو آ.
هن شهر جي هر چؤواٽي تي،
نيزن جي هر نوڪ مٿان،
مان پنهنجي پاڻ کي پايان ٿو:
هر ٽيپو منهنجو پنهنجو آ،
هر سِير سِريءَ تي پانيان ٿو.

هن شهر جي هر چؤواٽي تي،
مان لاٽن جيئن لالاڻ ڪري،
ٻرندس، ٻرندس، ٻرندو رهندس –
تيسين،
جيسين اُڀ ۾ ڪائي وج تَري،
۽ ٻَر ۾ ڪائي باھ ٻري!

# اميدن جو شهر

هي شهر ڀہ ڪوئي شهر آهي؟

هِت در در ڄڻ ڪو دار آهي،
هت جيوت ڄڻ ڪو ڄار آهي،
هيءُ شهر نہ منهنجو شهر آهي،
هن شهر جي رسم نرالي آ.

هن شهر جي اوچن محلن کي
محنت ئي خون پياريو آ،
۽ رنگين روشن گلين کي،
غيرت جي مڌم لاٽ ڏئي،
غربت ئي تہ جيئاريو آ.

هت مارئيءَ جا ورلاپ گهُٽيا،
هت مومل جا محلات لُٽيا،
هت مريم تي الزام پيا،
هت سِيتا تي پي واڪ ٿيا،
هن شهر جي رسم نرالي آ.

ڪو شهر هجي اميدن جو –
جت آس هجي، پر پياس ٻجهي؛
جت ساز ڇُري، آواز ٻُري،

۽ روح ۾ ڪوئي راز سُري؛
جت صبح هجي - رنگين صبح،
۽ شام ٻه سون پڳهاري، لا!
جو فردا جو ڪو غم نہ ڪري،
۽ ماضيءَ ڏي نہ نهاري، لا!

ڪو شهر هجي اميدن جو -
جت سُوريءَ جو معراج هجي،
جت منصورن جو راڄ هجي،
پوءِ نيٺ تہ رات بہ ڪُٽندي هو!
۽ آخر باک بہ ڦٽندي، هو!

# لوئي نہ لاهج مُور

چاڻ تہ آيو چام تماچي
نوري! تنهنجي دوار.
سهڻيون مُهڻيون راڻيون رولي،
نيٺ تہ لهندو توکي ڳولي:
تنهنجي خاموشيءَ جي خوشبو
۾ مُگري جهڙي مرڪ مِني،
اکڙين جي آکيرن ۾ چڻ
آکاسن جا ڏيپ پَسي،
چاڻ تہ آيو چام تماچي!
تخت وساري، تاج ڀُلائي،
ياڳ لٽاڙي راڄ رلائي،
سوني چانديءَ ۾ سينگاريل
پنهنجي راڻين کي ڏنءُ لائي،
تنهنجي دواري ايندو، نوري!
ليڪن هڪڙي ڳالهہ ٻڌي چڏ:
ناريءَ جو آ نياز، چري!
جيئن واريءَ کي پنهنجو چمڪو،
ٿاريءَ کي آ ٻُور:
هيرن ۾ هٿ وجهجان ليڪن،
لوئي نہ لاهج مُور!

# اڌوري اُڌام

وري وقت جي واڳ واري نہ سگهبي،
جو ڪَرڻو آ، سو هاڻ ڪرڻو ئي پوندو:
پلي سُوري سرمد جو سينگار بنجي.
اسانکي اُڏيءَ تي اُترڻو ئي پوندو.

اجا پيي آ انسان، انسان جو قيدي،
اجا پيي آ زردار جي حڪمراني:
اجا پيي محبت آ قابو ڪَڙن ۾،
اجا پيي هوس جو نشانو جواني.

پلا چو ڪو روئي ٿو لاچار بنجي،
نياڻي وڪامي ٿي واپار بنجي.
راڳ راڳ ڪي ياڳ آ پنهنجو

راڳ راڳ ڪي ياڳ آ پنهنجو،
ڪو سِر ساهي، ڪو سِر لاهي،

ڪو سُرچائي، ۽ سِرُ پائي،
ڪو سِر سوريءَ ڪي سينگاري،

نيرو بنجي روم کي ٻاري؛
ڪو جهونگاري دل جون ڳالهيون،

صحرا جهاڳي، ڳولي ڳائي:
راڳ راڳ کي ياڳ آ پنهنجو.

# ڏات اسان جي

ڏات اسان جي ساوڻ جهڙي،
تائلَ، گهائلَ ۽ ترسايل!

پل ۾ پوٺي جهڙي پياسي،
پل ۾ پاڻي پلٽي جل ٿل:

ڪَنَ ۾ ڪنوڻين جيئان ڪِل ڪِل،
ڪن ۾ بادل جهڙي بوجهل:

ڏات اسان جي ساڻوڻ جهڙي،
تائل، گهائل ۽ ترسايل!

# مون کي ٿوري ڏات ته ڏين ها!

جي ڪوئي مون لئه روئي ها،
۽ آنسن جي لڙهه پوئي ها،
جي ڪوئي مون لئه ترسي ها،
۽ بادل بڻجي برسي ها:

جي منهنجا منٺڙا ٻول هجن ها،
دل جا رنگ رتول هجن ها،
پوءِ مان ٻي جيڪر جيئان ها،
۽ زهر ٻي مُرڪي پيئان ها:

پر منهنجون راتيون آتيون آهن
مون گهائل لاتيون تاتيون آهن،
اک اک ۾ برساتيون آهن،
گهَٽ گهَٽ تي ڄڻ گهاتيون آهن.

آهُن جي، آنسن جي، غَم جي،
هيڙي دنيا ڪهڙي ڪم جي؟

مون کي ٿوري ڏات ته ڏين ها،
سائل کي سوغات ته ڏين ها،
مون کي ٿوري ڏات ته ڏين ها!

# ڇار

هي وقت الائي ڪنهنجي ڪارڻ وينو ڇار وڇائي؟
ڪوئي مونکي سمجهائي.

ڪهڙو راڻو ٻيهر ايندو،
مومل کي ڏنءُ لائي ؟
ڪهڙي ليلان هيري خاطر،
ايندي پريت رلائي ؟
ڪهڙو چارڻ سُر تي موهي،
ايندو راءِ ڪُهائي ؟
ڪهڙو هوشو سنڌڙيءَ خاطر
ايندو سِرُ سَهِسائي ؟
ڪو ئي مون کي سمجهائي !

هي وقت الائي ڪنهن جي ڪارڻ وينو ڇار وڇائي؟
ڪوئي مون کي سمجهائي.

# او چري، او بانوري

او چري،
او بانوري،
اوري تہ آ، او سانوري!

ڪنهن لئہ پِڳا هي نيڻ تو؟
ڪنهن لئہ سَنا هي ويڻ تو؟
چئہ چئہ مِني، چئہ پيي ڪٽي،
ڏَس، ڪير تئي دل جو ڏٽي؟
او چري،
او بانوري
اوري تہ آ، او سانوري!

خاموش هي چپڙا تہ ڏس،
ليڙون لتا ڪپڙا تہ ڏس،
آنسو تہ اُگھہ، مکڙو تہ ڌو،
دل تي ڏري، ايڏو نہ رو –
او چري،
او بانوري،
اوري تہ آ، او سانوري!

ڪنهن لئہ رئين، ڪنهن لئہ رڙين،
سيني ئي سيني ۾ سڙين،
ويران دل، آليون اکيون،

اُٽيون چڳون، خاموش تون –
او چري،
او بانوري،
اوري تہ آ، سانوري!

غمگين ڇو آهين پَري؟
يا پيار ۾ تي آن چري؟
لاشڪ ويو توکي ڇڏي،
ڪو بيوفا غم ۾ ڳڏي –
او چري،
او بانوري،
اوري تہ آ، او سانوري!

# دل ڪي دوست نہ سمجهہ

راتِ اڪيلي،
هاءِ ڀِڄيلي،
دل ڪي دوست نہ سمجهہ، سهيلي!

ڪوئي دل جو چور تہ هوندو،
تنهنجي من جو مور تہ هوندو:
راتين جو رولاڪ سهي،
ٻي گهر ۾ ٻي ٿاڪ سهي؛
منڙو ماٺو، موتيءَ داڻو،
خوابن جو رنگيلو راڻو،
سيني ۾ سوداءَ ڪٽي،
گهرا گهرا گهاءَ ڪٽي،
ايندو ايندو، نيٺ تہ ايندو،
دور وڻي پوءِ توکي ويندو.

هاءِ ڀِڄيلي،
راتِ اڪيلي،
دل ڪي دوست نہ سمجهہ، سهيلي!

# رشتا

ڪو اهڙو غم، جو گهاءَ جيان،
هينئڙي ۾ چُڀيو، پڇتاءَ جيان.

ڪو اهڙو سڱ اڻ ڄاتو هو،
جو اکڙين ئي نہ سڃاتو هو.

ڪو اهڙو شخص پرايو هو،
مانيٽو هو، يا سايو هو.

ڪو رشتو نازڪ سوچن جو،
ڪو ڏڙڪو دل جي لوچن جو.

ڪو سڏڪو، شايد ٿڪ هئو،
يا منهنجي من جو ڇڪ هئو:

مان اهڙا غم ۽ گهاءَ ڪٽي،
ڪي اهڙا سڱ ۽ ساءَ ڪٽي.

اڄ ڏکندڙ چنڊ ڪي گهوريان ٿو،
۽ جلندڙ اکيون پوريان ٿو.

*

ڪو توهر اُسريو سيني ۾،
جيئن مندر ڪوئي مديني ۾.

مان ڳوليان ٿو ويرانن کي،
يا دردوندن ديوانن کي.

هي رشتا، غم جا، آهُن جا،
هي رشتا پيار پناهُن جا.

هي رشتا پنهنجي خوابن جا،
ڄڻ صحرا منجهه سَرابن جا.

مان اهڙا رشتا ڳوليان ٿو،
مان اهڙا رشتا ڳوليان ٿو.

# راڳي

راڳي!
تنهنجي سُر ۾
غم جي پيڙا جاڳي!

ڪير اَياڳي
توڪان وڇڙي،
ڪنهن لئہ دنيا
تو آ تياڳي؟
ڪنهن لئہ ترسن
تنهنجون اکڙيون،
ڪنهن لئہ تنهنجا
ساز سوالي؟
ڪنهن کي ڳولن
تنهنجون آهون،
ڪنهن لئہ آهين
تون ويراڳي؟

تنهنجي سُر ۾
ڪهڙي پيڙا جاڳي،
راڳي؟

# جاڳ

انسان جي عزم کي روشن ڪجان لَهوءَ سان:
هيءَ زندگي بہ تنهنجي،
هيءَ روشني بہ تنهنجي،
تنهنجي ئي ذرتي ساري، تنهنجو ئي هيءُ جهان آ.

ليڪن او منهنجا ساٿي،
مسڪين جا ٻہ ڳوڙها،
اکڙين جي آڳ آهن،
جيون جي جاڳ آهن،
يوريءَ جا ياڳ آهن:
مسڪين جا ٻہ ڳوڙها،
سيني سمائي رکجان، مسڪين جا ٻہ ڳوڙها.

# ماٺو

ڪالهہ تي ڪنهن جو وس نہ هليو آ،
اڄ ڇا ٿيندو؟ ڪنهن نہ سليو آ،
آئيندي کي ڪنهن نہ جهليو آ.
ماٺو ايڏو بيوس آهي،
ڪنهن تي ڪنهن جو وس نہ هليو آ –
ماٺو ايڏو بيوس آهي.

رُڪ جهڙا ڪي ڪُوپا ماٺو،
رک جيئن وکري ويندا آهن،
ڪيئي سگهارا، راڄ دلارا،
ماٽي جو ٻَڪُ ٿيندا آهن.

اهڙا پيارا پيارا ماٺو،
ڪالهہ، سُيان ۽ اڄ جي وچ ۾،
هفتن ۽ ڏينهن ۾ ونڊجي،
پنهنجو پاڻ وراهي ڏاهي،
ڪئلينڊر جي ڦاهي پائي،
لٽڪي لٽڪي،

تڙپي تڙپي،
نيٺ اجهامي ويندا آهن،

دور اڏامي ويندا آهن.

ڪالهہ، سُيان ۾ اڄ جي وچ ۾،
ماٺهوءُ جوئي هڏ ۽ چم آ،
ماٺهوءَ جو ئي مرڻ جنم آ،
ماٺهوءَ جوئي خيال وهم آ،
ماٺهوءَ جوئي رنج الم آ،
ماٺهو جوئي گوندر غم آ:
هر هڪ ساعت هر هڪ لمحي،
وقت جو ماٺهوءَ سان ئي ڪم آ،
دم دم، جنهن سان دم آ قائم،
هڪڙي ماٺهوءَ جوئي دم آ.

ليڪن سوئي مورک ماٺهو،
ڏاڍي ساٿ سُڱن سان سنيري،
پنهنجي سوري سينگاري ٿو،
ماٺهو ماٺهوءَ کي ماري ٿو!

ڪالهہ، سيان ۾ اڄ جي وچ ۾،
تختن جا تابوت ڏسي،
مان سوچيان ٿو:
هي ڪهڙو ڪڙم قبيلو آهي،
جنهن جا جوڌا
وار بہ ڪن ٿا، مارُ بہ ڪن ٿا،
سوريءَ جو سينگار بہ ڪن ٿا،
ليڪن سي ئي اياڻا ماٺهو،

چاندوڪيءَ کي ڇهڪ ڏين ٿا،
پاڻ کي گهائي ٿهڪ ڏين ٿا!

ماڻهو ايڏو بيحس ڇو آ؟
ماڻهو ايڏو بيوس ڇو آ؟

# اڄ

(۱)

اڄ وري مون پهه ڪيو آ رت جي راند رچائڻ جو،
ڏاڍي ڪي ڏهڪائڻ جو ۽ قاتل کي ڪيرائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ ٻيهر مَچُ مَچائڻ جو،
پتنگن وانگر پچري ڪامي، پنهنجي جند جلائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ ڌرتيءَ کي دهلائڻ جو،
تن من ڌن کي گهوري واري، گهاتُو گهرموٽائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ گهائل کي پرچائڻ جو،
سورهيہ کي سنگينن تي پي مُرڪي منهن مُرڪائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ جاڳي جوت جلائڻ جو،
طوفانن ۾، انڌيارن ۾، پٽڪي رستو پائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ، وڄڙين کي ورسائڻ جو،
ٻيجل جو ٻهروپ مَٽائي، وڇڙيل ويل ورائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ، سوڍي کي سنهجائڻ جو،
مومل واريءَ ماڙيءَ تي اڄ ٻيهر واڳ ورائڻ جو.

اڄ وري مون پهه ڪيو آ سنڌڙيءَ ڪي سرچاڻ جو،
ڪنڌ ڪپائي، جيءُ جلائي، پنهنجي منزل پائڻ جو.

(٢)

اڄ وري زنجيرون ڇڄنديون،
مارئيءَ جي مجبورين جون:

اڄ وري تقديرون ڪلنديون،
صديون جاڳيل سورين جون.

اڄ وري جهندا جهُلندا، راهوندن تي، رستن تي،
اڄ وري سرمد جهڙي مستي ايندي مستن تي.

اڄ وري شعلا اُٿندا، آڳ لڳي آڪاڙي ۾،
اڄ وري ڪانئر ڪُسندا، رنگ – محل جي راڙي ۾.

اڄ وري تقديرون ڦرنديون، ڪينجهر جي ڪاٺيارن جون،
اڄ وري تدبيرون نهنديون، تاريڪيءَ جي تارن جون.

اڄ وري آديسي ايندا، صدين جا سوداءَ ڪٽي،
انسانن جي انيائن جا، سيني ۾ سؤ گهاءَ ڪٽي.

اڄ وري خوابن جي خوشبو، ڦهلي ويندي بستيءَ ۾،
هوشو ايندو هوڪاريندو، للڪاريندو، مستيءَ ۾،

اڄ وري قنديلون ٻرنديون، جهرڻا جهانجهه وڄائيندا،
اڄ وري ماروئڙا مِڙندا، گڏجي جهومي ڳائيندا.

(۳)

نئون نياپو آيو آهي، ماضي هاري موٽي ويندو،
جيڪي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو:
جيڪي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو.

# رائي جي ھُن پار

رائي جي ھُن پار ڏسين،
شل، رائي جي ھُن پار ڏسين!

رائي جي ھُن پار، اي يار،
چٽنگون چٽنگون ڏرتي آهي؛
اُپ جي آڳنڌ تي ڏس، ارڏا،
لال - رتي ڪا ارتِي آهي.

ان کُهنبي کهنبي خون منجهاران،
سحر جي سرخي جاڻ تہ اُيري؛
رائي جي ھُن پار، او يار،
آزادي بس ڄاڻ تہ اُجري!

رائي جي ھُن پار ڏسين،
شل، رائي جي ھُن پار ڏسين.